# يونيورسٽي آف سنڌ ڄام شورو

ايم.فِل ٿيسز

# رسول بخش پليجي جي تنقيدي خدمتن جو اڀياس

[سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان ’ماسٽر آف فلاسافي‘
جي گهُرجن جو پورائو ڪرڻ ڪان پوءِ جمع ڪرايل مڪمل ٿيسز]


رخسانه پليجو

**سنڌي شعبو**

سنڌ يونيورسٽي

ڄام شورو، سنڌ، پاڪستان



۲۰۲۲ع/۱۴۴۴ھ

# UNIVERSITY OF SINDH

**Faculty of Arts** **Dated**________________

# DEPARTMENT OF SINDHI

## CERTIFICATE

Certified that Ms. Rukhsana Palejo has carried out research on the topic:

**THE STUDY OF THE CRITICAL SERVICES OF RASOOL BUX PALEJO**

**"رسول بخش پليجي جي تنقيدي خدمتن جو اڀياس"**

under my supervision. Her work is original & distinct and her dissertation is worthy of presentation to the University of Sindh, Jamshoro for award of the degree of Master of Philosophy (M. Phil) in SINDHI.

**Prof. Dr. Muhammad Anwar Figar Hakro**
Supervisor
Department of Sindhi
University of Sindh, Jamshoro

# انتساب

آءٌ پنهنجي ايم فل ريسرچ جي هيءَ ڪاميابي پنهنجي پياري ۽ سچي زندگيءَ جي هر سک ۽ ڏک ۾ ساٿ ڏيندڙ، هميشه همٿ افزائي ڪندڙ منهنجي همسفر جاويد اقبال پليجو سميت منهنجي پياري جگر جي ٽڪري، باهميت، بااخلاق ۽ ذهين نياڻي امرتا پليجو کي ارپيان ٿي، جنهن منهنجي خدمت سميت هن تحقيقي ڪم ۾ تمام گهڻي مدد ڪئي. ان سان گڏوگڏ آءٌ پنهنجي استادن ڊاڪٽر نواب ڪاڪا ۽ ڊاڪٽر شهزاد احمد ميمڻ جي به شڪر گذار آهيان، جن جي رهنمائيءَ ۾ مون هيءَ ڪاميابي حاصل ڪئي.

# فهرست


- مقدمو 1

**باب پهريون: رسول بخش پليجي جي زندگيءَ جو احوال 02**

ننڍپڻ، تعليم ۽ تربيت 02
خانداني پسمنظر 06
شاديون 07
اولاد 08
وفات ۽ تدفين 08
ادب سان چاهه 09
ادبي روايتون ادبي سرگرميون 13

**باب ٻيو: تنقيد جي وصف، ارتقا ۽ ادب ۾ ان جو نفسياتي ڪارج 17**

تنقيد جي وصف 17

**باب ٽيون: رسول بخش پليجو اديبن، شاعرن ۽ عالمن جي نظر ۾ . . . 31**

**باب چوٿون: رسول بخش پليجي جو ڪيل تنقيدي ڪم ۽ سنڌي ادب تي ان جو اثر 53**
رسول بخش پليجي جي ادبي سفر جي شروعات 60
رسول بخش پليجي جي سياسي سفر جي ابتدا 62
رسول بخش پليجي جي تنقيدي ڪتابن جو جائزو 66
رسول بخش پليجو هڪ عظيم ترجمہ نگار 76

**باب پنجون: نتيجا 84**

- ڪتابيات (Bibliography) 86
- Abstract i-ii

# مقدمو

سنڌ جي تاريخ جي برک دانشور رسول بخش پليجو، جيڪو نہ صرف سنڌ جي سياست ۾ هڪ وڏو نالو آهي، پر سنڌي ادب، ٻوليءَ ۽ تاريخ ۾ پڻ سندس وڏا ڪم اهڙي ڏکئي وقت جا ٿيل آهن، جڏهن ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ادب کي وڏا هاڃا رسيا، ان زماني ۾ سندس سنڌي علم ۽ ادب ڪارڻ ڪيل ڪم تاريخ جي سنهري بابن ۾ لکڻ جهڙا آهن، جڏهن پاڻ سنڌي عوام ۽ شاگردن کي متحد ڪري، سنڌ جي فڪري شعور جو بنياد وڌائين. پنهنجي نوعيت جي هن هڪ منفرد تحقيقي اپياس ۾ سندس زندگي جي علمي ۽ ادبي ڪمن تي روشني وڌي ويئي آهي.

تعلقي ۽ ضلعي ٺٽي جي ننڍڙي شهر جنگشاهيءَ ويجهو ڳوٺ منگر خان پليجو ۾ جنم ورتل رسول بخش پليجو، پنهنجي بنيادي تعليم، ڳوٺ جي مذهبي استادن کان ورتي. جنهن کانپوءِ هن سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ مان 1951ع ۾ مئٽرڪ ۽ انٽر مڪمل ڪري، 1951ع ۾ سنڌ مسلم لا ڪاليج ڪراچيءَ مان 1951ع ۾ داخلا ورتي. گڏوگڏ هن سنڌي ٻوليءَ ۾ معياري مقالا ۽ ڪتاب پڻ لکڻ شروع ڪيا، جن جي ڪري سنڌي علم ۽ ادب سان گڏ سماج ۾ پڻ مثبت تبديليون اچڻ لڳيون.

هن اپياس دوران ابتدائي طور اڻ ڇپيل ۽ مختلف ڇپيل ذريعن جهڙوڪ: ماهوار رسالن، مئگزينن ۽ مقالن، ڪتابن مان، سندس زندگيءَ تي لکيل مقالن جي ڇنڊڇاڻ ڪري، مدد ورتي وئي، جن مان سندس تخليقي ۽ فڪري ذهن جي بلند مرتبي جا چٽا ثبوت مليا. سندس پسند جي ڪجھ موضوعن کي نظر مان ڪڍيو ويو، جهڙوڪ؛ سياسي فڪر، سماجي اڻ برابريءَ بابت لکيل مزاحمتي ادب، تاريخ ۽ مختلف خط وغيره شامل آهن. جڏهن تہ پروفيسر لطف الله بدوي، پير حسام دين شاه راشدي، جي ايم سيد ۽ شيخ اياز جهڙن چوٽيءَ جي مفڪرن جا رسول بخش پليجو مٿان لکيل تنقيدي مواد پڻ سنڌي ادب ۾ ڪارائتو اضافو آهن. شيخ اياز مٿان لڳل مذهبي فتويٰ خلاف هن ”انڌا اونڌا ويچ“ ڪتاب لکي سنڌي ادب مٿان سندس وڏو هاڪاري اثر ڇڏيو. جديديت جي نقصانن بابت سنڌ جي نوجوانن کي روشناس ڪري بچائڻ لاءِ هن "سنڌي ذات هنجن" نالي ڪتاب لکي وڏو تاريخي ڪم ڪيو.

رسول بخش پليجو پنهنجي نج ۽ پڪي ٻوليءَ جي ڪري، شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جا بيت جهڙي انداز سان پڙهندو هو ۽ انهن جا مثال ڏيندو هو، انهن مان ڪيترائي سنڌي ماڻهو متاثر ٿيا ۽ سنڌين کي جيڪا ڄاڻ ڏنائين، ان جو مثال نہ ٿو ملي.

ترجمو ڪنهن بہ ٻوليءَ جي واڌاري ۾ سونهن ۾، هڪ ٻوليءَ جي ادب ڪي ترجمي جي فن سان، ٻي ٻوليءَ ۾ آڻڻ سان، ٻوليءَ جي جياپي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿو. رسول بخش پليجو سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ روسو، ٽالسٽاءِ شيڪسپيئر سميت مغربي دنيا جي مختلف ليکڪن ۽ مفڪرن جو ڪم، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. هن "تنهن ماڻڪ ميڙيا" نالي هڪ ڪتاب لکي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کي دنيا جي عظيم مفڪرن سان ڀيٽيو.

رسول بخش پليجو عورتن جي حقن جو بہ محافظ هو ۽ هن ڪيترين ئي نياڻين کي، شعر و شاعري ذريعي سماجي براين خلاف حق جو آواز بلند ڪرڻ جي تربيت ڪئي ۽ عورتن جي حقن جي وڪالت بہ ڪئي.

رسول پليجو جي خاندان، دوستن ۽ چاهيندڙن سان ملاقات ڪري، موجوده اڀياس ۾، معلومات گڏ ڪرڻ دوران اها پروڙ پئي تہ ماڻهو ڪيس هڪ اڳواڻ، استاد، مفڪر ۽ عظيم اتساهہ جو ڪارڻ سمجهن ٿا. هن تحقيق جي اهم نتيجن ذريعي، ان موضوع تي ڪم ڪندڙ محققن لاءِ وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جا رستا کلندا ۽ رسول بخش پليجو جي زندگيءَ جي مختلف موضوعن تي ڪم ٿيندو.

**رخسانہ پليجو**

## باب پهريون

# رسول بخش پليجي جِي زندگيءَ جو احوال

### ننڍپڻ، تعليم ۽ تربيت

سنڌ ڌرتيءَ کي اهو شرف حاصل آهي ته سندس جي سيني منجهان ڪيترائي اهڙا آملهہُ انسان پيدا ٿيا آهن، جن اڳتي هلي پنهنجي ڌرتيءَ جي بقا ۽ ان مٿان وسندڙن انسانن جي اهنجن کي دور ڪرڻ لاءِ هڪ مسيحا جو ڪردار ادا ڪيو آهي. اهڙا انسان پنهنجي دؤر جا ساکي بڻجي پيدا ٿين ٿا ۽ هو پنهنجي پر ۾ نئين ۽ پراڻي دؤر جا ترجمان بڻجي سامهون اڀرندا آهن. هو پين ڪان صلاحيتن ۾ سرس ۽ علمي طاقت ۾ گهڻو اڳتي هوندا ۽ سماج لاءِ نيون راهون گهڙيندڙ ثابت ٿيندا آهن. اهڙن مڻياندار انسانن مجهان رسول بخش پليجو بہ هڪ آهي.

رسول بخش پليجو ٺٽي ضلعي جي شهر جنگشاهي جي پرسان ڳوٺ منگر خان پليجي ۾ 21 جنوري 1930ع ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو علي محمد پليجو آهي ۽ هو ان وقت تپيدار هو. هي اهو وقت هو جڏهن هن ملڪ تي انگريزن جو تسلط هو. پنهنجي ڌرتيءَ جي آزاديءَ لاءِ چؤطرف نعرن جي گونج هئي. سياسي سرگرميون زورن تي هيون هڪ پاسي مسلم ليگ هندستان جي مسلمانن جي نمائندگي ڪندي نظر اچي رهي هئي تہ ٻئي پاسي ڪانگريسي انگريزن ڪان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ سرگرم عمل نظر اچي رهيا هئا. سڄو هندستان ۾ آزاديءَ جي نعرن جي گونج هُئي. انهيءَ دوران اسان جي جينئس جي پيدائش ٿئي ٿي، اها بہ اهڙي ٺاڪرو علائقي ۾ جتي بنيادي سهولتون نہ هجڻ جي برابر آهي پر دنيا ڏٺو تہ اڳتي هلي انهيءَ ننڍڙي ٻالڪ پنهنجي ذهانت، فڪر ۽ ڏاهپ جي ڪري ڏيهہ توڙي پرڏيهہ ۾ سياسي ۽ علمي ميدان ۾ وڏو نالو ڪمايو. رسول بخش پليجو پرائمري ۾ هو تہ هندستان جون سياسي حالتون بغاوت ۽ آزاديءَ جي طرف تيزيءَ سان وڌي رهيون هيون. انهن حالتن جو اثر هر مڪتبِ فڪر جي سماج تي پئجي رهيون هيون. انهن حالتن جو بيان ڪندي، عبد الله ملاح لکي ٿو تہ:"اهو 1940ع جو اهو زمانو هو جڏهن هندستان بغاوت جو ديس بڻجي چڪو هو. اسٽالن هٽلر شاهيءَ جي رڪ کي لتاڙي برلن جي شهر مٿان ، هتوڙي ڏاٽي وارو لال پرچم ڦڙڪايو هو، ٽوجو، مسوليني ۽ هٽلر جپان، اٽلي ۽ جرمن جي گمنام قبرستان ۾ دفن ٿي چڪا هئا سندن فرعوني زماني جو سج لهي چڪو هو، مشرق ۽ مغرب جا ڪنارا ملڻ تي هئا، هندستان اندر هندستاني فوجين جڏهن ويٽنام ۽ انڊونيشيا ۾ وڙهڻ کان انڪار ڪيو تہ ڪين جرم بغاوت ۾ دهليءَ جي لال قلعي ۾ ڪورٽ مارشل ڪيو ويو. انهيءَ قدم جي خلاف 25 آڪٽومبر 1945ع تي سڄي هندستان ۾ يوم احتجاج

ملهايو ويو. "مون کي رت ڏيو آءٌ اوهان کي آزاد هندستان ڏيان"جو نعرو لڳائيندڙ ۽ هندستان جي عظيم قومي اڳواڻ نيتا جي سڀاش چندر بوس جي قيادت ۾ قائم ٿيل انڊين نيشنل آرمي طاقت وٺڻ شروع ڪئي." (ملاح. 1999. 22، 23)

هندستان سميت سڄي سنڌ ۾ سياسي حالتون انتهائي زورن تي هيون. انگريزن خلاف هر محاذ تي احتجاج ۽ بغاوتون روزاني جي بنيادن تي برپا ٿي رهيون هيون. انهيءَ سڄي پسمنظر ۾ اسان جي رسول بخش پليجي جي ولادت، ننڍ پڻ ۽ تعليم مڪمل ٿئي ٿي. انهيءَ سڄي ماحول جو سندس ذهني اوسر تي وڏا اثر پون ٿا ۽ اڳتي هلي هي بہ پنهنجي ماڻهن لاءِ اهڙي آزاديءَ جي تحريڪ جو شروعات ڪري ٿو.

هن پنهنجي شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي مڪتب مان حاصل ڪئي. ان درسگاهہ ڪي ميان جي طيب جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. هن جو استاد ميان جي طيب هڪ استاد هئڻ سان گڏوگڏ پيري پڻ هو، رسول بخش پليجي کي ننڍپڻ ۾ پڙهڻ سان ايڏو شوق نہ هو، جنهن جي ڪري هو مڪتب مان تعليم حاصل ڪرڻ دؤران ڀڄي ويندو هو. سندس استاد ميان جي طيب جيڪو هڪ ڏاهو پيري هئڻ جي ناتي سندس پير ڪٽي وڃي ڳولي لهندو هوس.اهڙن حرڪتن ڪري ڪيترائي ڀيرا اسڪول ۾ استاد جي هٿان سزائون بہ کاڌيون اٿس. سندس ننڍپڻ ۾ شررعاتي تعلميم بابت انور پرديسي لکي ٿو تہ:" شروعات ۾ سندس ڏاڏي هن کي ملا مڪتب ۾ قرآن شريف پڙهڻ لاءِ ويهاريو، ان وقت پليجي صاحب جي عمر لڳ ڀڳ چار سال هُئي. سندس ڏاڏي جي دلي خواهش هئي تہ هن کي قرآن جو حافظ بڻائجي، جنهن سان سندس دين ۽ دنيا ۾ نامچاري ٿيندي، ڇاڪاڻ جو، سندس خاندان وارا غربت واري حالتن ۾ زندگي بسر ڪري رهيا هئا.. انهن وٽ ايترا وسيلا نہ هئا، جو رسول بخش پليجي کي ڪنهن اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏين. سندس گهر وارن جي غربت جي ڪري حالت اهڙي هئي، بقول لطيف جي تہ:

"آٽڻ ۽ چاڙهڻ ، ڏٽ ڏهاڙي سومرا"

سوا انهن حالتن ۾ هو پنهنجي ٻار کي تعليم ڏياري نہ پئي سگهيا پر چوندا آهن تہ"بندي جي من ۾ هڪڙي ۽ الله جي من ۾ ٻيو..." شايد ! قدرت کي ڪو ٻيو منظور هو....قرآن شريف پورو ڪرڻ کان پوءِ هن پنهنجي علمي اُڃ اجهائڻ لاءِ ڳوٺ جي مُلا مڪتنب کي ڇڏي جنگشاهي جو رخ ڪيو، جتي پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيو. ان وقت سنڌي تعليم سان بہ يتم ٻار وارو سلوڪ هيو، ڇاڪاڻ تہ ان وقت هي ءَ ڌرتي ڌارين جي قبضي ۾ هُئي ۽ حقيقي وارث غلاميءَ جي گهاٽي ۾ پيڙهجي رهيا هئا. هڪ پاسي تعليمي ادارن جي کوٽ تہ ٻئي پاسي تعليمي ادارن جي مالڪي نہ جهڙي هئي. پرائمري تعليم جي سڄي عرصي دوارن سندس والدين کا بہ مدد نہ ڪئي." (پرديسي. 2019. 90، 91)

پرائمري پڙهڻ کان پوءِ هو مٿين درجي ۾ پڙهڻ لاءِ ٺٽي شهر جو رخ ڪيو جتي هن کي قابل استاد مليا جن هن جي ذهني اڏاوت ڪئي.پڙهائي سخت هئڻ ڪري هو بور ٿيندو هو، جڏهن تہ ٺٽي جي هاءِ اسڪول ۾ مسلمان استادن سان گڏوگڏ ڪيس هندو استاد بہ پڙهائيندا هئا. جڏهن تہ ان دؤر ۾ هاءِ اسڪول ٺٽي ۾ تعليم حاصل ڪري استادن جو توجهہ انگريزي تي هوندو هو، جنهن جي ڪري هن کي انگريزي ان وقت هاءِ اسڪول ۾ ٺٽي مان سکي.رسول بخش پليجو جڏهن ٺٽي ۾ پنهنجي پڙهائي پوري ڪئي تہ ڪيس سنڌ مدرالستہ الاسلام ڪراچي ۾ داخل ڪرايو ويو پر هو اتي اسڪالرشپ جو امتحان پاس ڪري نہ سگهيو. جيتوڻيڪ سندس گهر وارن ڪيس پڙهائي لاءِ ٽنڊي باگي تي موڪليو،ٽنڊي باگي کان ڪراچي سنڌ سنڌ مدرسي ۾ پنهنجي پڙهائي کي وڌيڪ ترجيح ڏني. جتي سندس ملاقات سنڌ جي عظيم ڏاهي مفڪر عالم دانشور استاد ڊاڪٽر عمّر بن دائود پوٽي سان ٿي، جنهن نہ رڳو مدرسي ۾ پڙهڻ لاءِ داخلا ڏني پر ڪيس ڪجهہ پئسا بہ ڏنا. سنڌ مسلم لا ڪاليج ڪراچي ۾ قانون 1951ع ۾ پاس ڪري ڊگري حاصل ڪيائين.

رسول بخش پليجو غربت جي گهاڻي مان گذري تعليم پرائي، جڏهن هو ٺٽي پڙهڻ آيو تہ ڪيس ڪٿي بہ رهڻ جي جاءِ ڪانہ هئي ۽ نہ ئي اترا پيئسا هئا جو هو ڪٿي مسواڙ تي جاءِ وٺي سگهي. هنن جي وڏن جا ڪجهہ سُڃاڻو عابداڻي ذات جا هئا، جن وٽ اچي هي رهيو ۽ باقي تعليم جاري رکيائين. انهيءَ سلسلي ۾ عبدالله ملاح لکي ٿو تہ: ”نہ وري ايترا پيئسا هئا جو ڪٿي جاءِ مسواڙ تي وٺي پڙهي. انهيءَ صورتحال کي ذهن ۾ رکي پليجو صاحب عابداڻين جي گهر اچي رهيو، جن سان پليجي صاحب جي مائٽن جا اڃا خاصا واسطا هئا. پليجو صاحب پڙهڻ کان پوءِ انهن عابداڻين جون ٻڪريون چاريندو هو. گهڻو ڪري ٻڪريون وي وڃي مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي شام تائين چاريندو هو. ٻڪريون چاري وري واپس ڪاهي ايندو هو. ۽ وڻاڻ ۾ واڙيندو هو. ماٽل جو ڪير ڪٽي دڪان تي پهچائيندو هو. ٻوڙ ٻاڙي ۽ سيڌو سامان وٺي گهر ڪٽي ايندو هو.“ (ملاح. 1999 . 15.)

اها ڪنهن جي وهم گمان ۾ بہ نہ هو تہ هي سنهون سيپڪڙو ٻار اڳتي هلي تعليمي ميدان سان گڏ گڏ سياسي ميدان جو وڏو ۽ معتبر ليڊر ٿي سامهون ايندو. پر قصو اُتي ختم ناهي هن ڪيترن ئي تڪليفن کي منهن ڏنو ننڍي هوندي تي ٻيءَ جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا هو، ان بيماريءَ سان بہ جهيڙيندو آيو ۽ گڏو گڏ تعليم بہ جاري رکيائين. انهيءَ ڪچڙيءَ وهيءَ ۾ اڪثر ٻار روند روند جي پلي هوندا آهن، پر ننڍڙو رسول بخش ان وقت بہ ڪيترن ئي محاذن تي پئي لڙيو. هڪ پاسي سندس غربت، ٻيئي پاسي بيماري، ٽيئن پاسي تعليم پرائڻ جو اونهون، هي اهي مسئلا هئا جن جو ان وقت ڪو حل نظر ۾ پئي نہ آيو. انهن سمورن سورن هوندي بہ رسول بخش پليجي همٿ نہ هاري مسلسل پنهنجي منزل ۽ مقصد جي حاصلات لاءِ گوشان رهيو. سندس جيجل امڙ کي پنهنجي پٽ کي اڳتي پڙهائڻ جو وڏو اونهون هو،

سندس خواهش هئي تہ پڇڙو پڙهي پئي پر سندن اڳيان مسئلن ۽ مونجهارن جا انبار هئا. سندس روشن مستقبل ۾ ڪيترين ئي شين رڪاوٽ بڻجي رهيون هيون. چوٽي آهي تہ "همتِ مردان مدد خدا" سو سندس جيجل امڙ همت نہ هاري ۽ ننيڙي رسول بخش کي برٿ پرڻ مان جيڪا بہ جمع پونجي هئي اها کڻي هٿ تي رکي هن کي جنگشاهي ريل تي چاڙهي ڪراچي وڌيڪ تعلم پرائڻ لاءِ موڪليائين. رسول بخش جڏهن ريل تي چڙهيو ۽ هٿ کولي ڏٺائين تہ فقط ڏهہ رپيا سندس مُٺ ۾ هئا. انور پرديسي لکي ٿو تہ:"پليجو صاحب وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ئتي ڪان جڏهن ڪراچيءَ جو رخ ڪيو تہ سندس هڙ ۾ ڪي ڪين هو. نہ هن وٽ ريل جو ڪرايو نہ ئي اسڪول جي فيس نہ ئي اوستائين پهچڻ ڪان پوءِ رهائش وغيرهہ. جڏهن هن پنهنجي امڙ جيجل جي پيرن تي هٿ رکي موڪلايو تہ هن وٽ هڪڙو جوڙو ڪپڙن جو ۽ هڪ بہ ڪتاب هئا. اهو زمانو نهايت ئي غربت جو زمانو هو. پليجي صاحب جو والد صاحب سندس پڙهائيءَ جي حق ۾ بنهہ ڪو نہ هو پر سندس امڙ چاهي پئي تہ پڇڙو پڙهي پوي. سندس ماءُ پرٿ جو ڪم ڪندي هئي، انهن ڏکن، آنڪن جي ميڙي چونڊي منجهان پنهنجي موپي پٽ جي هٿ تي ڏهہ رپيا رکي دعائون ڏيئي جنگشاهيءَ ڪان ويہ ريل گاڏيءَ تي ڪراچي روانو ڪيائينس. پليجي صاحب ان ريل جي سفر جو احوال لکيو آهي تہ: جڏهن انگريز ٽِي ٽِي ٽڪيٽ ڏڪارڻ جو چيو تہ مون هن سان انگريزيءَ ۾ ڳالهايو، تہ ڏرتي اسان جي ، ريل اسان جي، اسين ڪرايو ڇو ڏيون؟ انگريز منهنجي ڳالهہ ڏاڍي غور سان ٻڌي ۽ مون کي شاباس ڏني ۽ ڪرايو بہ نہ ورتو. پليجو صاحب جڏهن سنڌ مدرستہ السلام ڪراچي پهتو تہ ان وقت سنڌ مدرسي ڪاليج جو پرنسيپال جڳ مشهور مفڪر ۽ ڏاهو علامہ عمر بن دائود پوٽو هو. هن پرنسيپال صاحب کي داخلا سان گڏو گڏ اسڪالر شپ ۽ هاسٽل تي رهڻ لاءِ انگريزيءَ ۾ درخواست لکي. درخواست پڙهي دائود پوٽي صاحب يڪدم سندس درخواست ۾ چاٽايل سمورين شين جي منظوري ڏني.اهڙي نموني سان پليجو صاحب سنڌ مدرستہ السلام منجهان مئٽرڪ ۽ انٽر جو امتيازي حيثيت ۾ پاس ڪئي ۽ سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي مان 1951ع ۾ قانون جي ڊگري بہ حاصل ڪيائين" (پرديسي. 2019. 93، 94.)

## خانداني پسمنظر

رسول بخش پليجي جو خاندان جنگشاهي جي آس پاس ۾ منگراڻي خاندان جي نالي سان مشهور آهي. ڄاڪاڻ تہ هي منگراڻي گهراڻو تمام گهڻو محنتي، ايماندار ۽ سچو گهراڻو آهي. جڏهن تہ منگراڻي پيو ڪير نہ پر پليجي جي ڏاڏي منگرخان پليجو جي نالي سان لاڳاپيل آهي. يعني منگر — منگراڻي جي نالي سان سڃاتا ويندا آهن.

ڏاڏو – منگر خان، ڏاڏي – بصره، پيءُ – علي محمد، ماءُ – لاڏبائي، چاچا – 1 عيسيٰ 2 اسماعيل 3 چتو. ڦڦيون – 1 حورالنساءِ 2. حاجره 3. کير بائي 4. ڪتي. ڀائر – 1 علي اڪبر 2. محمد حسن 3. عبدالرحمان 4. غلام قادر. ڀيڻيون – 1 مريم 2. حورالنساءِ 3. غلام فاطمہ.

## شاديون

رسول بخش پليجو اسلامي جي دستور موجب شاديون ڪيون آهن. اسلام ۾ چئن شادين جي اجازت آهي، هڪ ئي وقت پر جيڪڏهن اوهان جي گهر واري ڪنهن سبب يا طبعي موت ذريعي وفات ڪري ٿي وڃي تہ ان صورت ۾ مرد ٻي شادي ڪري سگهي ٿو. تنهن ڪري رسول بخش پليجي شاديون ڪيون آهن هيٺ سندس گهروارين ۽ سندس اولاد جو وچور پيش ڪجي ٿو.

1. جيجي شريفا پليجو
2. جيجي روڪيہ / رُڪي پنجابي
3. نسيم ٿيٻو
4. جيجي زرينہ بلوچ
5. زاهده شيخ

وڏي زال جيجي شريفا ڏاڏي پوٽي مان هئي. جيجي شريفا سنڌي جا 5 درجا پڙهيل هئي. هن کي شاهہ سائينءَ جا بيت تمام گهڻا ياد هوندا هئس. پليجو جڏهن سياست شروع ڪئي، ان وقت جيجي شريفا گهڻي همت، محبت ۽ بهادريءَ ساٿ ڏنائين، جڏهن حيدرآباد ۾ سياسي صورتحال تي ميٽينگون ٿينديون هيون، تمام گهڻا ماڻهو رهندا هئا. انهن جو کاڌو پيتو، هنڌ بسترو جيجي شريفا سنڀاليندي هئي(MRD) جي دؤر ۾ هوءَ جيل بہ ويئي هئي.

جيجي زرينہ بلوچ جيڪا ٽيچر هئي. ان سان گڏوگڏ سنڌي لوڪ گيتن جي راڻي بہ هئي. جيجي زرينہ ون يونٽ جي دؤر ۾ ان جو ڀرپور ساٿ ڏنائين ۽ سنڌ جي هر اپرنڌڙ مسئلي تي پليجي سان گڏ جدوجهد ڪرڻ ۾ ساٿ ڏنائين ۽ سنڌي عوام کي انقلابي گيتن سان سجاڳ ڪيو. زرينہ ٽيچر هئي، نسيم ٿيٻو پروفيسر هئي، زاهده شيخ جنهن پنهنجي سڄي حياتي عوام جي خدمت ۾ وقف ڪري ڇڏي. پاڻ خود وڪيل هئي پر هن کي سنڌين جو قدر رسول بخش پليجي وانگر هو.

### رسول بخش پليجي جو اولاد

1 . جيجي شريفا مان پنج پٽ هڪ ڌيءَ جو اولاد آهي.

1 . جميل احمد 2. سليم اختر 3. مسعود انور 4. غلام حيدر 5. نور نبي 6. شهناز

2 . روڪيہ / رُڪي مان هڪ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ اولاد آهي: 1. ظفر اقبال 2. فاخرا

3 . نسيم ٽيپو مان ٻہ ڌيئن جو اولاد آهي: 1- تانيہ 2- انيتا

4 . جيجي زرينہ بلوچ مان هڪ پٽ جو اولاد آهي: 1. اياز لطيف پليجو

5. مئدم زاهده شيخ مان ڪوبہ اولاد نہ اٿس.

### وفات ۽ تدفين

دنيا جي ڏاهي مفڪر، دانشور، اديب، لطيف جي پارکو، انساني حقن جو علمبردار، سنڌ ڌرتيءَ جي حلالي پٽ، پورهيت، مزدور ۽ هارين جو اڳواڻ، مظلوم طبقن جو آواز رسول بخش پليجو 88 ورهين ۾ 07 جون 2018ع تي ڪراچيءَ جي اسپتال ۾ وفات ڪئي ۽ سندس آخري آرام گاهہ جنگشاهي ۾ آهي. جتي هر سال 07 جون تي کيس خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ وڏو عوامي اجتماع ٿيندو آهي، جنهن ۾ ملڪ توڙي پرڏيهہ کان سندس فڪر جا پوئلڳ لکن جي تعداد ۾ گڏ ٿيندا آهن ۽ پنهنجي محبوب اڳواڻ جي سياسي، سماجي، ادبي ۽ فڪري پهلوئن تي پنهنجي خيالن جو ڀرپور اظهار ڪندا آهن. انهيءَ سان گڏو گڏ سندس جي مشن کي عملي جامو پهرائڻ جو وچن ورجائيندا آهن، جنهن سنڌ جي خوشحالي، مظلوم طبقن جي بحالي، هارين ۽ مزدورن کي جائز مقام ڏيڻ لاءِ جدو جهد ڪرڻ جهڙا وچن ڪيا ويندا آهن. خاص طور تي سنڌي عورتن جي تعليم ۽ سياسي تربيت تي گهڻو ذور ڏنو ويندو آهي. ڇاڪاڻ جو ملڪ جي مجموعي آباديءَ جو ريشو جي حساب سان عورتن جو ريشو 55 پرسنٽ کان مٿي آهي، تنهن ڪري انهن جو علمي توڙي سياسي ميدان ۾ هجڻ انتهائي ضروري آهي. انهيءَ سان سنڌ ۽ ملڪ جي خوشحاليءَ ۾ واڌارو ٿيندو. سندس وفات بابت انور پرديسي لکي ٿو تہ:"رسول بخش پليجي جي لاڏاڻي جي خبر وچ جيان سڄي سنڌ مٿان ڪڙڪي. هڪ اهڙو آدرشي انسان، جاکوڙي، پورهيت دوست، تبديلي پسند، وطن دوست ترقي پسند، ويهين صديءَ جو وڏو ڏاهو، لطيف جو پارکو، گهڻ پوليون ڄاڻيندڙ، مفڪر، اديب ۽ سڀ کان وڌيڪ سنڌين جي مظلوميت جو پوري دنيا ۾ کيس وڙهندڙ، ڪڏهن بہ ڪنهن ظالم اڳيان نہ جهڪندڙ، سورهيہ انسان، سچائي ۽ بهادريءَ جا درس

ڏيندڙ معلم، سنڌي ماڻهن جي جياپي جي جنگ وڙهندڙ هستي، اڄ اسان جي وچ ۾ ناهي رهيو پر سندس فڪر اسان سنڌين وٽ ڏينهن قيامت تائين رهندو.“ (پرديسي، 2019، 107)

## ادب سان چاهہ

ادب لفظ تہ ٽن اکرن جو ميلاپ آهي پر هن جي اندر ۾ ڪيترائي ادبي، علمي، روحاني ۽ سائنسي سمنڊ سمايل آهن. انهن جي پرک پروڙ ڪرڻ لاءِ ڪيترائي انسان پيدا ٿيا ۽ ٿيندا رهندا جيستائين هيءَ مادي ڪائنات هن ڌرتيءَ جي گولي تي باقي آهي. ان وچ ۾ اڪيچار انسان اهڙا پيدا ٿيا، جن پنهنجي پنهنجي دؤر جي سماجن کي پنهنجي علمي، ادبي ۽ فڪر جي فهم سان همنڪار ڪيو آهي. انهن جي نہ صرف ذهني نشو نما ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي پر سندن ۾ جيڪي بہ غير ضروري بدعتون موجود هيون انهن کي بہ دُور ڪرڻ لاءِ پنهنجيون صلاحيتون صرف ڪيون آهن. انهن علم پرورن ۾ اسان جا پيغمبر عليہ اجمعين، اصحاب سڳورا، امام سڳورا، وقت جا ولي تہ شامل آهن ئي آهن، پر موجوده دوؤر ۾ بہ ڪي انسان اهڙا پيدا ٿيان پنهنجن پنهنجن سماجن ۾ جن پاڻ کي اهنجن ۾ رکي پنهنجي سماج لاءِ خوشحاليءَ جون راهون گهڙيون آهن. پين سماجن سان گڏو گڏ اسان جي سماج ۾ بہ انهن هستين جي کوٽ ناهي. صدين کان وٺي سنڌ جي سر زمين پنهنجي سيني منجهان اهڙا اُملهہ موتي پيدا ڪندي رهي آهي، جن پنهنجي ڌرتيءَ کي خوبصورت ۽ ڌارين جي چنبن کان آزاد ڪرائڻ لاءِ پنهنجي زندگين جا پليڊان بہ ڏنا تہ پاڻ قيد وَ بند جو صحبتون بہ سٺيون آهن. اهڙن انسان ۾ رسول بخش پليجو بہ هڪ آهي، جنهن پنهنجي سنڌي ۽ مظلوم قوم لاءِ هر محاذ تي وڏي سورهيائي ۽ سچائيءَ سان ويڙهہ وڙهي. انهن محاذن ۾ هڪڙو محاذ ادبي بہ آهي. هن قلم ذريعي قوم جي تقدير کي بدلائڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي ۽ ڪنهن حد تائين ڪاميابي بہ ماڻي. نبين ۽ ولين کان سواءِ ڪوئي بہ ڄار پيدائشي هوشيار ناهي هوندو. قدرت ڪن ڪن تي مهربان هوندي آهي. رسول بخش پليجو تہ زندگيءَ جي وک وک تي ويڙهہ وڙهي آهي نٺيءِ هوندي ٽِبي جي مرض سان جنگ جوٽي ۽ وڏي هوندي سنڌ جي آڇپي ۽ سنڌين جي آبرو خاطر عقوبتون سهيون. ادبي پاسي ڏي سندس لاڙو بہ هڪ واقعي کان پوءِ ٿيو آهي. حالانڪ ان کان اڳم سندس خاندان ۾ ڪو بہ ادبي ماڻهو نہ هو ۽ نہ ئي سندس آس پاس ۾ ڪي ادبي ماڻهو هئا جن جي اثر ڪري هو ان پاسي تي آيو. سندس چوڌاري اهي ڏنار هئا جيڪي ٻڪريون ۽ ڍڳيون چاريندا هئا انهن سان رسول بخش پليجو بہ ڏنار هو. پر قدرت کيس وڏن تڪليفن ڏيڻ کان پوءِ وچي سندس جهوليءَ ۾ علم جا ڀہ ٽي ڪٽا وڏا جن جي بدولت سندس ناما چاري نصيب ٿي. هن کي اسڪول ۾ پڙهڻ دوران هڪ استاد سُنن مارڪن تي پاس ٿيڻ ڪري هڪڙو ڪتانب انغام طور پيش ڪيو، جنهن جي مطالعي کان پوءِ سندس لاڙو ادب ڏانهن ٿيو آهي. سندس هڪ انترويو ۾ پاڻ ادب ڏانهن راغب ٿين جو ذڪر هن طرح ڪيائون. هي انٽر ويو پرهہ رسالي وارن شايع ڪيو هو.

”مونکي 10 سالن جي عمر ۾ هڪ انعام طور ڪتاب مليو، محمد بن قاسم تي لکيل ڪتاب هو. ڪتاب مون ايتري گهرائي سان پڙهيو جو سماج کي بدلائڻ لاءِ اهو رستو اختيار ڪيو. ان کان پوءِ مون سوچيو تہ وهابين جا ڪتاب پڙهي پورا ڪيم. آئون سنڌ مدرستہ السلام ۾ اڳين پڙهندو هئس اتي مسلم نيشنل گارڊ جو ميمبر ٿيس.آئون پاڪستان تحريڪ ۾ سرگرم اڳين هوس ۽ ڪين جماعت اسلامي ۽ قارب ترقي کي اڪين اڳين پڙهي ڇڏيم پوءِ منهنجي واقفيت سوشلسٽ لٽريچر سان ٿي. ان وقت کان وٺي آئون پاڻ کي ترقي پسند سمجهندو آهيان. ان ئي موجب عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهيان تہ لکير جو فقير نہ ٿجي. ان ڪري مون ڪجهہ عرصي لاءِ سوشلزم مخالفت ۾ دنيا جي اندر جيڪي ڪتاب اهي سڀ مون پڙهيا تہ جيئن صحيح پرڏوهہ پئجي سگهي. مونکي استادن پرائمري تعليم دؤر ۾ ئي ليبڊرشپ ٿيڻ جو لقب ڏئي ڇڏيو هو. مونکي پڙهائي ۾ ان دؤر جا استاد تمام گهڻا محنتي سخت تعليم پسند هوندا هئا. ان کان علاوه مونکي سنڌ مدرستہ السلام ۾ پڙهائڻ ڊاڪٽر عمر دائود پوٽي جو وڏوڪردار رهيو آهي. ان دؤر جي استادن جو سڀ کان اهم مقصد فقط تعليم، فقط پنهنجي شاگردن کي تعليم ڏيڻ هو ۽ ان دؤر جا استاد تمام گهڻو تعليم دوست هئڻ ناتي تعليم تي شعور طور سمجهي پنهنجي ٻارن کي پڙهائيندا هئا. سنڌ مدرسي ۾ تعليم دؤران مونکي جي استادن عملي ادبي تربيت ڏني، انهن استادن ۾ سنڌ جو عظيم دانشور ليکڪ ۽ چوٽي جو ڏاهو استاد محمد ابراهيم جويو بہ وسان نہ گهتايو.“ (مسعود نوراني)

ابراهيم جويو جو شمار سنڌ جي انهن دانشورن ۾ ٿئي ٿو، جيڪي سنڌ جون عظيم تاريخ ساز شخصيتون رهيون آهن. ابراهيم جويو پليجي جو استاد بہ رهيو آهي ۽ سنڌ مدرسي ۾ رسول بخش پليجو جي تعليم پرائڻ واري زماني ۾ تمام گهڻ علمي ۽ ادبي ڪتابن ڏانهن راغب ڪيو هو. ابراهيم جويو جو اهو بہ چوڻ آهي تہ مدرسي ۾ جڏهن رسول بخش پليجو پڙهندو هو تہ ان وقت مدرسي ۾ شاگردن جي انگريزي جا پيپر چيڪ ڪرڻ لاءِ مختلف استادن ڪاپيون ورهائي ڪڻندا هئا. جنهن دؤر ۾ مونکي رسول بخش پليجو جي امتحان جي ڪاپي چيڪ ڪرڻ لاءِ ملي، جنهن ۾ هن چئني پيپرن ۾ پهريون نمبر کنيو. سندس امتحان دؤران پنجين ڪلاس جو اهو سوال بہ آيو تہ انگريزن جا گهر ڪهڙا هوندا آهن؟ جنهن ۾ رسول بخش پليجي جواب ۾ لکيو تہ انگريزن جا گهر تمام گهڻا سهڻا ۽ سٺا خوبصور هوندا آهن. انهن گهرن ۾ صاف سترائي تمام گهڻي هوندي آهي. اسان جا گهر ايترا سٺا نہ هوندا آهن ۽ صاف سترا نہ هوندا آهن. ڇو تہ انگريز آزاد ملڪ ۾ رهن ٿا ۽ اسين غلام ملڪ ۾ رهون ٿا، جنهن جي ڪري غلام قومن جا گهر ايترا سٺا نہ هوندا آهن ۽ ان لاءِ وڏي ۾ وڏو سبب غلامي جو آهي.

رسول بخش پليجو کي ننڍپڻ کان وٺي علمي توڙي ادبي ڪتاب پڙهڻ جو گهڻو شوق هوندو هو. هن ننڍپڻ ۾ دنيا جي عظيم ليکڪن جا ڪتاب پڙهيا. تنهن ڪري سندس جا ادبي ۽ فني ڪارناما هن

جي ادبي حيثيت ۽ سياسي حيثيت جيترائي مثاهين درجي جا آهن. رسول بخش پليجو پنهنجي ادبي ۽ سياسي ڪارنامن لاءِ هڪ ٻئي انٽريو ۾ لکي ٿو تہ: ”مون هميشہ اها ڪوشش ڪئي آهي تہ سياسي توڙي ادبي ميدان ۾ آزاد ذهن ڪان ۽ نظرين جو قيدي نہ ٿيان. مون هر مذهب جا ڪتاب پڙهيا آهن. آئون جڏهن سنڌ مدرسي جي لائبريري ۾ ويوس، جڏهن لائبريري مقرر ٿي تڏهن آئون تمام گهڻو خوش ٿيو هوس، ڇو جو مونکي ڪتاب پڙهڻ سان تمام گهڻو چاهہ هوندو هو. وري اهي سڀ ڪتاب منهنجي دفتر ۾ اچي ويا. انهن ۾ محمد بن قاسم جا حوالا پڙهندو هوس ۽ ان ڪان علاوه حضرت محمد ﷺ ۽ خالد بن وليد سان وابستہ سڀ اهم ڪتاب موجود هئا ۽ ان ڪان علاوه سلمان ندوي جا ڪتاب ۽ ناول بہ رکيل هئا. اهي سڀ مون پڙهيا. ان لائيبريري ۾ مون علامہ اقبال جا شعر وڏي شوق سان پڙهيا.منهنجي وقت ۾ محمد ابراهيم جويو صاحب ٽيچر هو. جنهن انگريزي پڙهائڻ شروع ڪئي، جهڙي طرح انگريزي شعر پڙهندو هو، اهو پڙهڻ جو طريقو تمام بهترين هو. مون کي انگريزي شعرن سان عشق ٿي ويو. مون کي شاهہ عبدالطيف ڀِٽائي بہ زباني ياد آهي. مون کي ناولن، ناٽڪن، شاعري، تنقيد، ادب سان ڏاڍو چاهہ آهي. مئٽرڪ پاس ڪيم. ان دؤر ۾ هڪ ماڻهو مونکي گڏيو جنهن چيو تہ ”مودودي“ ڏاڍا سٺا ڪتاب ٿو لکي اهو پڙهي مودودي جا ڪتاب پڙهيم، وري هڪڙي چيو تہ قاديانين جي ڪتابن کي پڙهہ. هڪڙو ڇوڪرو صلاح الدين منهنجي هاسٽل جي سامهون رهندو هو ساڳئي هنڌ چانهہ بہ پيئندا هئاسين. هن وري بہ مون کي ابتيون ۽ سبتيون ڳالهيون ٻڌايون ۽ مون ڪان ڪئين سوال پڇيائين، مون هن کي قرآن ۽ حديث مان جواب ۽ حوالا ڏنا. هن وري پيا ڦڏا ناهيا! وڏو بحث ٿيو. نيٺ هن مون کي سوشلزم جي باري ۾ ڪتاب ڏنا. سوشلزم جي باري ۾ هن کي گهٽي خبر ڪانہ هئي پوءِ ڪئين ڪتاب پڙهياسين. آئون اجا تائين بہ منهنجي ڪتابن کي پڙهندو آهيان. هينئر بہ مون وٽ حضور جي سوانح عمري آهي، رسول بخش پليجو ڪتابن سان ايتري محبت آهي جو ڏينهن هجي يا رات، هو ڪتابن کي اکين اڳيان هڪ پل پنهنجي اکين اڳيان هڪ پل بہ پري نہ ڪندو آهي، اجا تائين هن جو نظرون ڪتابن ۾ ڪتل هونديون آهن. (ساچاهہ مئگزين)

اهڙي نموني سان سندس ادبي تربيت ٿي ۽ مطالعي جو شوق ڏينهون ڏينهن وڌندو رهيس. انهيءَ مطالعي ۽ مشاهدي رسول بخش پليجي کي وڏي مقام تي پهچايو. اهو ئي سبب آهي جو سندس ڪيترائي سياسي مخالف بہ سندس انهيءَ ذهانت جا متعدارف آهن. هو زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين مطالعي ۽ مشاهدي واريءَ واٽ تي هليو ۽ نت نوان نظريا ۽ علم پنهنجي سماج ۾ متعارف ڪرائيندو رهيو آهي، جنهن جي ڪري سنڌي ماڻهن جو هڪ وسيع حلقو سندس انهيءَ علمي ۽ ادبي حلقي ۾ شامل ٿيندو رهيو آهي. سندس انهيءَ ذهانت ۽ مطالعي متعلق شيخ اياز لکي ٿو تہ: ”هن جي بي انتها ذهانت ڪان ڪنهن کي بہ انڪار ناهي. جيتوڻيڪ ڪيترائي ساٿي هن جي حڪمت عمليءَ سان

متفق نہ هوندا آهن. هو اردو، انگريزي، سنڌي ۽ پنجابي ٻولين جو نهايت ئي چڱو مقرر آهي ۽ هن ۾ هڪ عظيم انقلابي (Theoretician) ٿيڻ جا سڀ امڪان آهن، جي حالات هن جو ساٿ ڏنو تہ هو ڪنهن وقت سنڌ جو هوچي منھ ٿي ويندو. مون کي ان ڳالھ تي فخر آهي تہ هن منهنجي شاعريءَ جي بچاءُ ۾ هڪ پورو ڪتاب، "انڌا اونڌا ويڇ" لکيو آهي." (شيخ اياز. 1986. 43، 44.)

اهڙي نموني سان رسول بخش پليجو هڪ برجستو ليکڪ ٿي سامهون آيو، جنهن سنڌي ادب کي پوءِ ڪيترائي ڪتاب ڏنا. جنهن ۾ ڪهاڻيون، ادبي مضمون، تنقيدي لکڻيون شاعري اصلوڪي ۽ ترجمي واري، دنيا جي ادب مان سياسي، سماجي لٽريچر کي ترجمون ڪري پنهنجي ٻوليءَ ۾ آڻي دنيا جي انقلابن ۽ سماجن سان سنڌي ماڻهن کي روشناس ڪرايو. سندس ڪتابن جو وچور هن طرح آهي.

(1) ڏراڙن جا ڏڪ

(2) ڳالهيون ڳنوارن جو

(3) نئين سنڌ جا ايڊيٽوريل

(4) نواءِ سنڌ جا ڪالم

(5) نيلام بند ڪريو،

(6) لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپايو

(7) ون يونٽ ٽوڙيو

(8) چار مارچ

(9) صحافين واري تحريڪ

(10) پٽو بچايو تحريڪ

(11) ادب بچايو تحريڪ

(12) سندي ذات هنجن

(13) مائوزي تُنگ

(14) هوچي منھ

(15) صبح ٿيندو

(16) وڳھ ڪيئن وسريا

(17) پسين ڳاڙها گل

(18) سئين سنڌي سياسي واٽ

(19) مڙيا مٿي مچ

(20) جي ايم سيد ڏانهن خط

(21) ڇا سنڌين لاءِ ملڪي سياست حرام آهي

(22) جن جهونا ڳڙهه جلايو

(23) بين الاقوامي تحريڪ تي هڪ نظر

(24) تنين ماٽڪ ميڙيا

سنڌس ڪيتريون تصنيفون اڃان تائين اڻ ڇپيل آهن. انهن جو بہ خاصو تعداد آهي موجود آهي رسول بخش پليجي انهن سڀني شعبن سان اهڙو نياءُ ڪيو آهي، جو ان جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. ادب جي دنيا ۾ ڏڪئي ۾ ڏکيو فن تنقيد نگاريءَ جو هوندو آهي. پليجي سنڌي ادب ۾ بلڪل نرالي انداز سان ڪم ڪيو آهي. هن ”سنڌي ذات هنجن“ ۽ ”انڌا اونڌا ويچ“ سگهاري قلم جي نوڪ سان لکي، سنڌي ادب ۾ هڪ قسم جو انقلاب آڻي ڇڏيو. سنڌس ڪتاب ”انڌا اونڌا ويچ“ نام نهاد رجعت پرست ٽولي بابت آهي، جنهن ٽولي سنڌي اديبن ۽ شاعرن تي هٿ ٺوڪيون ڪفر جون فتوائون جاري ڪيون هيون. ان ڪتاب ۾ رسول بخش پليجي وڏن دليلن ۽ تاريخي مثالن سان سمجهاڻيون ڏيئي ان ٽولي کي اهڙي تہ ادبي شڪست ڏني جو اهي ٻيهر مجال آهي، جو ٻڙڪ ٻاهر ڪڍن. سنڌس ٻئي شاهڪار مجموعي سنڌي ذات هنجن ۾ هن وري ڀرپور نموني سان سمجهائڻ ۽ سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ اصلي سچو پچو ادب ڪهڙو هوندو آهي. گورڪي جڏهن پنهنجا افسانا لکندو تہ ويهہ ويهہ دفعا پنهنجون سٽون بدلائي لکندو هو.

## ادبي روايتون ادبي سرگرميون

سنڌ هميشہ پنهنجي تاريخ ۾ هزارين اهڙا ماڻهو پيدا ڪيا آهن جن پنهنجي علم، ادب، ڏاهپ، ذات ۽ فن وسيلي تاريخ کي هميشہ نوان لاڙا ڏنا آهن. هو نئن تہ تاريخ ۾ ڪنهن فرد جي فڪر نظر جي ان جي اثر جو تحقيقي اڀياس وارو ڪردار تہ هميشہ ياد رکيو ويندو آهي. محققن موجب تاريخ جيتوڻيڪ معروضي حالتن جي آڌار تي اڳتي وڌي ٿو. تاريخ جي رفتار کي لڳاءُ ٿيڻ ۾ وقت جي عالمن، اديبن، شاعرن فنڪارن، اڳواڻن، فلاسفرن، مفڪرن، سورمن جي ادبي ۽ فڪري ڪردار کي ڪڏهن بہ

وساري نٿو سگهجي. اهو بہ سچ آهي تہ معروضي حالتون غير معمولي فرد پيدا ڪن ٿيون. ۽ موٽ ۾ اُهي ئي فرد تاريخ ۾ هميشہ لاءِ امر ٿي وڃن ٿا. سنڌ جي خوبصورت شاعر شيخ اياز اهڙن ئي علمي، ادبي ۽ فڪري ڪردارن جي مالڪن ڪي هي ارپيون آهن تہ:

”ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا،
گهايل ڌرتي جي سيني تي،
۽ ڌرتي جي اهڙي گهري چيخ ٿين ٿا
جا قومن ڪي جاڳائي ٿي ۽ دنيا ڪي بدلائي ٿي.“

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي سدا حيات ۽ سهڻي سنڌ ڌرتي جي تاريخ ۽ عظيم ماڳ مڪلي ۾ پليجي جهڙو علمي، ادبي، تاريخي، فڪري ۽ سياسي شخصيت جي مالڪ رسول بخش پليجو بہ لطيف جي سنڌ تاريخ جو اهڙو علمي، ادبي ۽ فڪري ڪردار آهي. جنهن نہ رڳو پنهنجي دور ۾ سنڌ تي علم، ادب، فڪر، فن، ۽ سياسي حوالي سان اهڙا تہ اثر وڌا آهن، جنهن جي ڪري رسول بخش پليجو بہ تاريخ ۾ چڙ تہ هڪ عظيم شخصيت بڻجي چڪو آهي .

جيتوڻيڪ مون ڪيس تمام گهڻي ويجهي کان ڏسندي اهِو محسوس ڪيو آهي تہ هن عظيم شخص جي زندگي جا انيڪ رنگ، روپ ۽ پاسا گهڻا آهن. پر آئون سمجهان ٿي تہ انهن سڀني رنگن، روپن ۽ پاسن جو روح فقط هڪ ئي آهي. سنڌ جو انقلاب پر هن شخص جي ذهن ۾ اهو انقلاب رڳو سنڌ ڌرتيءَ لاءِ نہ پر سنڌ جي، برصغيرجي سمورين هارين، مزدورن، پرهيتن ۽ مظلومن لاءِ انهي سوچ جي تڙپ آهي، جنهن لاءِ سنڌ جي عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح چڙ سندس نانءُ هي سٽون چيون هجن.

ڪرڪڻا لاهي، سک نہ ستا ڪڏهن
اوسيئڙو آهي، ڪا هوڙين ڪي پنڌ جو ( شاهہ)

پئي جن پٽي گنجي ڏونگر گام جي
چڏي ننڊ گهڻي، لوچي لاهوتي ٿيا. ( شاهہ)

رسول بخش پليجي جي انهيءَ ادبي ۽ فنڪارانہ پاسي جي اهميت بيان ڪندي ماهتاب محبوب لکي ٿي تہ: ”ليکڪ يا فنڪار قوم لاءِ اهڙو سرمايو هوندا آهن جن ڪي دنيا امن جي پيامبر جو درجو ڏئي ٿي. ادب جي ناتي رسول بخش پليجو جون خدمتون اسان لاءِ ان ڪري بہ اهميت جوڳيون آهن. جو هن هڪ سجاڳ ذهن اديب ۽ دانشور هئڻ جي خيثيت ۾ عمل پويان نيتن جا رخ سُڃاڻڻ

واري پنهنجي اثرائتي تحريرن ۽ تعميري تنقيدن سان سامراجي ايجنٽن ۽ نام نهاد ترقي پسند اديبن وٽان سنڌي ادب جي سک کي ڇيهو رسڻ کان بروقت بچائڻ جا جتن ڪيا. هن سنڌ واسين کي پنهنجي تحريري توڙي تقرير وسيلي سدائين نئون شعور ڏيئي، نيون واٽون ڏيکاريون ۽ ڏاڍ اڳيان هيٺو ٿي ويهي رهڻ بدران حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو ڏانءُ پڌايو آهي." (ماهتاب محبوب. 1991. 33.)

لطيف جي پارکو رسول بخش پليجو جنهن ڪيترن ئي محاذن تي پنهنجي قلم سان گڏجي جنگ جوٽي آهي. اهو محاذ سياسي هجي يا ادبي هن پنهنجي پوري سچائي ۽ ايمانداريءَ سان پنهنجي قوم کي انهن خطرن کان بہ آگاهہ ڪيو جيڪي ظاهر ۾ ٿي رهيا هئا ۽ انهن ايندڙ خطرن مان بہ آگاهہ ڪيو جيڪي دشمن جي دل ۾ نپجي رهيا هئا. هن پنهنجي قلم ۽ خداداد صلاحيتن وسيلي تاريخ جو ڳوڙهو اڀياس ڪري سنڌي قوم کي هر محاذ تي تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن سان سنڌ ۽ سنڌي قوم جي آبرو ۽ ناما چاريءَ ۾ اضافو پڻ ٿئي پيو. هڪ سُجاڻ ليکڪ جي حيثيت ۾ رسول بخش پليجو لطيف واري واٽ وٺي اصلي طاقت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اڻ ٿڪ جدوجهد ڪئي. شاهہ ڀٽائيءَ جي سڄي شاعريءَ جو محور ۽ مرڪز اهي سورميون رهيون آهن جيڪي بظاهر تہ ڪمزور ۽ نٻل آهن پر انهن جي بهادري جا قصا تمثيلي طور تي پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪري سنڌي قوم کي ان اهم مسئلي ڏي ڌيان ڇڪرايو آهي تہ، اوهان جا سچڻ جاگيردار يا وڏيرا ڪو نہ ٿيندا ان ڪري پنهنجي عورتن کي علمي هٿيارن سان ليس ڪري ميدان تي آڻيو ڇاڪاڻ جو اوهان جو آجپو انهيءَ ۾ آهي. پوءِ دنيا ڏٺُو تہ ڪيترن سالن کان پوءِ اهو ڪم هن بري صغير ۾ رسول بخش پليجي اول ڪيو. هن سنڌياڻي تحريڪ نالي عورتن جي ونگ ٺاهي انهن کي جدو جهد جي ميدان تي آندو. ائين ٿو محسوس ٿئي لطيف سائينءَ جيڪو خواب شاعريءَ ذريعي اڻيو هو ان کي عملي جامو رسول بخش پليجي پارايو.

عورتن جي حوالي سان سڄي سنڌ ۾ پهرين پڙهڻ جو رواج رسول بخش پليجي وڏو پر ايئن ڪٿي چئجي تہ سنڌ ۾ پڙهڻ جي شروعات پليجي ڪئي. عورتن کي پڙهائڻ وڏو گناهہ جو ڪم هو. ماڻهو چوندا هئا تہ جيڪڏهن عورتون پڙهيون تہ قيامت اچي ويندي پر پليجي پهرين پيٽين کي پڙهايو ان تي ڳوٺ وارن تمام ڪاوڙجي پيا. اڄ سڄي سنڌ ۾ عورتن جيڪڏهن تعليم جي ذيور سان آراستہ آهن تہ ان جو سڄو سهرو رسول بخش پليجي ڏي وڃي ٿو.

## حوالا

(1) ملاح، عبدالله. ڌرتيءَ تي آڪاش *(رسول بخش پليجي جي سوانح حيات)*. حيدرآباد: سردار پريس، سوجهرو ڪتاب گهر. ڪاڏي ڪاتو. 1999 ع. 22، 23.

(2) پرديسي، انور. جوڳيءَ ڪنيو جس. *(رسول بخش پليجو بحيثيت ادبي نقاد)*. خيرپور: پنواڙي پبليڪيشن. 2019 ع. 90، 91.

(3) ملاح، عبدالله. ڌرتيءَ تي آڪاش *(رسول بخش پليجي جي سوانح حيات)*. حيدرآباد: سردار پريس، سوجهرو ڪتاب گهر. ڪاڏي ڪاتو. 1999 ع. 15.

(4) پرديسي، انور. جوڳيءَ ڪنيو جس. *(رسول بخش پليجو بحيثيت ادبي نقاد)*. خيرپور: پنواڙي پبليڪيشن. 2019 ع.93، 94.

(5) پرديسي، انور. جوڳيءَ ڪنيو جس. (رسول بخش پليجو بحيثيت ادبي نقاد). خيرپور: پنواڙي پبليڪيشن. 2019 ع.107 .

(6) (رسول بخش پليجي کان ورتل انٽرويو وٺندڙ مسعود نورائي 24 نومبر 1986 ع شام جا 5 ڳاڏي ڪاتو حيدرآباد)

(7) حوالو مڪمل لکڻو آهي. (ساڃاهه مئگزين تان ورتل انٽرويو 1994 ع ۾)

(8) شيخ اياز. *ساهيوال جي جيل ڊائري*. حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، سنڌ. 1986 ع. 43، 44.

(9) ماهتاب محبوب. مضمون پليجو قوم جو مسيحا. *رسول بخش پليجو فرد، اديب، مفڪر ۽ سياستدان*. حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر، ڳاڏي ڪاتو. سنڌ. 1991 ع. 33.

باب ٻيو

# تنقيد جي وصف، ارتقاءَ ادب ۾ ان جو نفسياتي ڪارج

## تنقيد جي وصف

جڏهن بہ سان جي ذهن ۾ لفظ ”تنقيد“ جو عڪس جڙي ٿو تہ هڪدم اسان جا حواس ان لفظ جي ڳولا ۾ ذهن جي سيني تهن ۾ گهڙي ان لفظ جي باري ۾ معلومات گڏ ڪندا آهن ۽ ڪنهن حد تائين ڪجهہ شيون اسان جي سامهون اچي وينديون آهن تہ آخر ڪار تنقيد ڪنهن تي ڪرڻي آهي. ان جا معيار ۽ ماپا ڪهڙا آهن. انهن حقيقتن کي ڄاڻڻ لاءِ اهو طئہ ڪرڻو پوندو تہ آخرڪار تنقيد ڪندڙ جي منشا ڪهڙي آهي؟ هو تخليق تي تنقيد ڪندو يا تخليقڪار تي، ڇاڪاڻ جو تخليق جو تعلق تخليقڪار سان جڙيل آهي. ظاهر آهي تہ جنهن بہ فنڪار اها تخليق ڪئي آهي، هاڻي ان کي پرک جي ڪسوٽيءَ تي پوري ايمانداريءَ سان تنقيد نگار ان جي ان تخليق جي ماپ، تورڪندو. جيڪڏهن تنقيد نگار جي ذهن ۾ بہ کوٽ هوندي تہ پوءِ اهو تخليقڪار جي تخليق سان انصاف نہ ڪندو. اهڙي صورت ۾ سماج جي ادبي حوالي سان جيڪا اڏاوت ٿيڻي آهي، اهانہ ٿي سگهندي. ان ڪري تنقيد نگار جو انصاف پسند ٿيڻ انتهائي ضروري آهي. بدر ابڙو لکي ٿو تہ: ”نقاد لاءِ اهو ضروري هوندو آهي تہ هو صنف ۽ موضوع جو ماهر هجي تہ ٻئي طرف اهو بہ ضروري ۽ لازم هوندو آهي تہ مصنف يا شاعر يا ڪنهن ٻئي ڪلاڪار ۾ تنقيدي صلاحيتون هجڻ گهرجن. جيتريون انهن ڪلاڪارن ۾ اهي خوبيون نروار هونديون، اوترو ئي سندن تخليقي عمل پختو ۽ سگهارو هوندو. ۽ اوترو ئي تخليق کي زندگي ملندي. تخليقڪار ۽ نقاد، ٻئي ڄڻا هڪ ئي سلسلي جي ڪڙي هوندا آهن، پر سندس پهچ (Approach) جو عمل هڪٻئي کان ڀنهہ ابتڙ هوندو آهي.“ (ابڙو. 2015. 30، 31.)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هڪ جلدي جامع سنڌي لغات ۾ تنقيد جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو تہ: ”ث (ع) لکيت مان خوبين ۽ خامين ظاهر ڪرڻ جو فن، پرک، نڪتہ چيني.“ (بلوچ. 2006. 125.)

اهڙي نموني سان تنقيد جون ڪيتريون ئي پرک جون ڪسوٽيون بيان ڪيون ويون آهن. سنڌي ادب ۾ تنقيد لفظ کي ڪيترن ئي نالن سان لکيو ويندو آهي. جنهن ۾ هيٺيان نالا سرفهرست آهن. مثال طور، پرک، سمالوچن، ڪٿ، پروڙ، تپاس، تميز، تورتڪ، راءِ، ڇنڊڇاڻ، تبصرو، نڪتہ چيني ۽ ٽيڪا ٽپڻي وغيره جا لفظ بہ استعمال ڪيا ويندا آهن. انهن سمورن لفظن جي تشريح بہ ڪن علمن

ڪئي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر بدر اجڻ لکي ٿو تہ:"سنڌي ٻوليءَ ۾ تنقيد جا ڪيترائي نعم البدل لفظ ملن ٿا. انهن سمورن تي روشني وجهڻ کي قدر موضوع کان هٽي وڃڻ جي برابر ٿيندو. ان ڪري مناسب هي ٿيندو تہ خود "تنقيد" لفظ جي ڇنڊ ڇاڻ ڪجي. "تنقيد" جو لفظ عربي زبان جي لفظ "نقد" مان ورتل آهي. جنهن جي لغوي معنيٰ آهي"روڪڙو ڏيڻ، پرک، جاچڻ، ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ، اک هڪ هنڌ ڪري ڏسڻ، (اصطلاح: يعني غور سان ڏسڻ) "المنجد" ۾ وڌيڪ ڄاڻايل آهي: ڪلام جي خوبين ۽ خامين کي ظاهر ڪرڻ. فارسي ادب ۽ لغت ۾ تنقيد جي معنيٰ: خراب مان سٺو جدا ڪرڻ ڄاڻايل آهي." (اجڻ. 1999. 30.)

سنڌي ادب جي ڪيترن عالمن ۽ محققن لفظ "تنقيد" کي مختلف نڪتہءِ نگاهہ سان ڏٺو بہ آهي ۽ پيش بہ ڪيو آهي. مٿي بہ اسان ڪجهہ عالمن ۽ محققن جي راين جي روشني ۾ لفظ "تنقيد" جي پرک ۽ پروڙ ڪري آيا آهيون، پر پوءِ بہ ڪجهہ علامن جي راين ۾ ڪنهن قدر تائين فرق محسوس ٿئي ٿو. آخر ڪار تنقيد نگار جا مايا ۽ ماپا ڪهڙا هجڻ گهرجن، ان سلسلي ۾ ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن ۽ محققن جي نظر ۾ اسين پنهنجي بحث کي اڳتي وڌائينداسين ۽ اهو پڻ ڏسنداسين تہ اسان کان اڳ ۾ اسان جي محققن ۽ عالمن "تنقيد" تي جيڪي بہ پنهنجيون عالمانہ ۽ محققانہ رايہ پيش ڪيا آهن. انهن جي روشني ۾ اسان تنقيدي پهلوءَ جي علمي ۽ ادبي اڪيڙ ڪنداسين. ڊاڪٽر فهميده حسين تنقيد لفظ جي مفهوم کي هن طرح بيان ڪري ٿي:"تنقيد جي لفظي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ مونجهارو آهي. لفظ تنقيد جي لغوي معنيٰ آهي، (Evaluate) "مُلهہ ڪٿڻ" "پرک ڪرڻ" چڱي بري يا ڪري ڪوٽي جو فرق معلوم ڪرڻ، ڪنهن بہ شيءِ جي خوبين ۽ خامين جو صحيح اندازو ڪري ان تي پنهنجي راءِ قائم ڪرڻ. انگريزي لفظ اصل يوناني Criticism جي لغوي معنيٰ آهي فيصلو، عدل يا انصاف يا Judge ڪرڻ. پر عام زبان ۾ تنقيد Criticism وغيره جو مطلب نڪتہ چيني ڪرڻ، عيب ڪڍڻ سمجهيو ويندو آهي. جيڪا ڳالهہ فن يا ادب جي تنقيد لاءِ مناسب ڪانهي. ادبي تنقيد ذريعي ادبپاري جي خامين سان گڏ خوبيون پڻ بيان ڪيون وينديون آهن تہ جيئن خاميون دور ڪرڻ سان گڏو گڏ خوبين جو سلسلو پڻ قائم رهي. " (فهميده. 1997. 22،23.)

اها حقيقت آهي تہ ادب ۾ جيتري اهميت ڪنهن فن پاري جي تخليق کي آهي اوترو ئي تنقيد جو بہ حصو آهي. تنقيد پرک جي اها ڪسوٽي ۽ ماپ تور آهي، جنهن سان تخليقڪار جي فن پاري جي سمورن عواملن کي چاچ ڪري، ڇنڊي ڇاڻي سماج جي سامهون پيش ڪرڻ آهي. ڇاڪاڻ جو سماج جو علم ۽ ادب سان گهرو ڳانڍاپو آهي ۽ ادب سرججي ئي سماج ڪاڻ ٿو. سماج انهيءَ تخليق کان استفادو ڪندو آهي. انهيءَ ڪري ادب کي سماج کان ۽ سماج کي ادب کان جدا نہ ٿو ڪري سگهجي. ڊاڪٽر بدر ابڙو لکي ٿو تہ:"جهڙيءَ طرح پهاڪا اصطلاح سماج مان سرجي ٻوليءَ ۽ ادب جي

سونهن ٻڌجي سماج ۽ ادب ۾ تقرير ۽ تحرير کي يڪسان طور جمالياتي سونهن بخشين، تهڙيءَ طرح ادب جي دنيا جا ڪي لفظ ۽ الفاظ پنهنجي مڪمل نفسياتي تاثر ۽ پسمنظر سبب سماج مٿان ڇائنجي، اظهار تي پنهنجو سڪو ڄمائين ٿا. اهڙن همہ گير لفظن مان ”تنقيد“ جو لفظ بہ وڏا اهميت جو حامل آهي، جو ادب جيان سماج ۾ پڻ مستعمل آهي.“ (ابڙو. 1999. 25.)

اهڙيءَ طرح لفظ تنقيد جي علمي حوالي سان ڳولا ڪرڻ ۽ ان جي تهہ تائين پهچڻ لاءِ وڏي ڪوجنا ڪرڻي پوندي ۽ ڪيترن ئي علمي ۽ ادبي لائبررين ۾ ڪتابن جي روءِ گرداني ڪرڻي پوندي. لفظ تنقيد اسان جي ادب ۾ ايترو تہ رائج ٿي چڪو آهي جو ان جي جاءِ پيو ڪو بہ لفظ اجان تائين نہ وٺي سگهيو آهي پر ڪي لفظ آهن جيڪي اسان ڪڏهن ڪڏهن استعمال ڪندا آهيون. بهرحال اسان جي سنڌي ادب جي محققن پنهنجي پنهنجي تحقيق جي معيارن مطابق ڪي لفظ نيم البدل ڏنا آهن، جن منجهان هي لفظ مروج آهن، پرک، ڪٿ، سمالوچن، تپاس، پروڙ، تميز، ڇنڊ ڇاڻ، تور تڪ، راءِ، نڪتہ چيني،تبصرو ۽ ٽيڪا ٽپڻي وغيره اچي وڃن ٿا. سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ هن لفظ جا ڪيترائي هم معنيٰ لفظ پڻ آهن، جيڪي اسين مٿي بيان ڪري آيا آهيون انهن سمورن لفظن تي نڪتہ نگاهہ وجهڻ کان بهتر آهي تہ خود ”تنقيد“ لفظ جي ڇنڊ ڇاڻ ڪجي ۽ انهيءَ جي اصلي محرڪات بابت سوچ ويچار ڪجي.

سنڌي ادب ۾ جيتري ڪوٺ تنقيد جي آهي، ايتري آءُ سمجهان ٿو تہ ٻئي ڪنهن بہ فن جي نہ هوندي. تنقيدي ادب جي وسيع زرخيزيءَ تي نظر ڊوڙائڻ سان اسان کي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا نقاد نظر اچن ٿا. جن سنڌي ادب کي پنهنجي عالمانہ نقطئہ نگاهہ ۽ ناقدانہ نظرسان نوازيو آهي. ادب جي واڌ ويجهہ بہ صحت مند تنقيد جي ڪري ئي آهي، شاهڪار ادبي فن پارا بہ تنقيد جي بدولت ئي وجود ۾ اچن ٿا. ان ڪري چئبو تہ تنقيدي عمل وسيلي ئي زندگيءَ ۾ اڳتي وڌڻ ممڪن آهي ۽ فن جي هر هڪ صورت جو دارو مدار انهيءَ ساڳي تنقيدي عمل تي آهي. ان مان ثابت ٿيو تہ تخليق ۽ تنقيد جو پاڻ ۾ تمام گهڻو ۽ گهرو تعلق هوندو آهي. ڪنهن زماني ۾ اهو عام خيال هو تہ هڪ سنو نقاد ٿيڻ لاءِ ضروري آهي تہ اهو پاڻ بہ فنڪار هجي، ادب جي تاريخ ۾ گهڻو ڪري سنا نقاد اهي ٿيا آهن، جيڪي پاڻ بہ انهيءَ تخليقي صنف ۾ مهارت رکندڙ هئا.

ان ڪري چوندا هئا تہ هڪ تخليقڪار ۽ تنقيدنگار ۾ تخليقي ۽ تنقيدي صلاحيتن جي حوالي سان ڪو ٿورو ئي فرق هوندو آهي. انهيءَ حوالي سان هڪ سٺي تنقيد نگار ۾ تخليقي صلاحيت جو هئڻ پڻ ضروري ڄاتو ويندو آهي، بهرحال ائين چئي سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن ڪو نقاد وڏو شاعر نہ بہ هجي، تہ بہ هن کي هن صنف جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ هجي ۽ تنقيدي اصولن کان بہ بلڪل واقف هجي،

اعليٰ فني ۽ ذوق ۽ ڇاڻ پڇاڻ هجيس. اسان جي سنڌي ادب ۾تنقيدي ماهرن جي کوٽ رهي آهي. ان کوٽ جي پورائو ڪرڻ لاءِ اسان جي علمي ادارن ۽ ادب جي پارکوئن کي اڳتي اچڻو پوندو. تنقيد جا ڪيترائي قسم آهن، جن کي اڳتي هلي ڊسڪور(Discover) ڪبو. تنقيد جي انهن قسمن ۾ هڪ اهم قسم نفسياتي تنقيد آهي. هن علم ذريعي سماج جي نفسياتي پهلوئن ۽ ادب ۾ نفسياتي اهميت کي اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار رهيو آهي پر بدقسمتي سان اهو لکڻو ٿو پوي تہ اسان جي علمي ادارن ۽ اسان جي ادبي نقادن ان پاسي تي ڪو خاطر خواهہ ڌيان نہ ڏنو آهي.

ان لاءِ بہ اسان مغرب جي اديبن جا ئي احسان مند آهيون جن نفسيات واري علمي لياقتن کي عوام جي سامهون نروار ڪيو آهي. نفسياتي علم ذريعي اسان پنهنجي سماج جي بهتر ثقافتي، تمدني اوسر ۾واڌارو ڪري سگهون ٿا. ڇاڪاڻ جو هڪ ٻار جي جنم کان وٺي، هن جي جوان ٿيڻ يا مرڻ تائين جيڪو بہ اردگرد وارو نفسياتي ماحول اسان هن کي مهيا ڪري ٿا ڏيون، هو ان ئي ماحول پٽاندڙ پنهنجا خيال، ويچار جوڙي مستقبل جي رٿابندي ڪندو آهي.هاڻي اهو اسان تي منحصر آهي تہ اسان هن جي سامهون ڪهڙو علمي، ادبي، ثقافتي ۽ تمدني نفسياتي ماحول جوڙي هن جي سامهون آڻيون ٿا. ڇا لاءِ جو ٻار اسان جي تاهيل نفسياتي ماحول مطابق ايندڙ وقت جي رٿابندي ڪندو آهي؟.

اسان جي عالمن اديبن ۽ تنقيد نگارن تنقيد جا ڪيترائي قسم بيان ڪيا آهن پر اسان هتي مکيہ پنجويهہ قسمن تي استعفادو ڪنداسين، تہ جيئن اسان کي اها خبر پوي تہ تنقيد جي علم جي سنڌي ادب ۾ ڪيتري اهميت ۽ افاديت آهي. تنقيد جي ڪري فن پاري ۾ ڪيتري سونهن پيدا ٿئي ٿي ۽ تنقيد جي علم سان ٻولي ڪيتري شاندار بڻجي ٿي، ان تي بہ ويچار ونڊبا. هيٺ انهن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

1. **داخلي تنقيد**(Subjective Criticism)

تنقيد جي هن قسم م نقاد پنهنجي شخصيت، نظريي، ڳڻن ۽ اصولن جي روشنيءَ ۾ ڪنهن بہ قلمي پورهئي جو جائزو وٺي ٿو.

2. **اجتماعي تنقيد:**(Collective Criticism)

تنقيد جو هي قسم "ادب براءِ ادب" فلسفي جي تابع آهي. هن قسم جي تنقيد سان لاڳاپيل نقاد، ادب ۽ سماج جي لاڳاپن جو ڇيد ڪندا آهن.

.3 **اخلاقي تنقيد:**(Ethical Criticism)

تنقيد جو هي قسم مغرب توڙي مشرق ۾ هڪ جيتري اهميت ۽ حيثيت رکي ٿو. هن تنقيدي نظريي جو مول متو اهو هجڻ گهرجي تہ پڙهندڙ جو اخلاق درست ڪري.

.4 **آدرشي تنقيد / غير سچائي واري:**(Transcendental Criticism)

هي اهو نظريو جنهن جو بنياد ڪانٽ ۽ شيلنگ رکيو. هن نظريي مطابق، متعلق سوچ يا اوچ آدرشيءَ جوتصور قائم ٿيو ۽ هر شيءِ کي ڏنڌلي عڪس بدران چٽي پٽي صورت جي حيثيت ۾ ڏسڻ ۽ پرکڻ جو رويو پيدا ٿيو ۽ غير سچائيءَ کي نظر انداز ڪري هو ڪنهن شيءِ کي سچائي سانڏسڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

.5 **ادغامي / مخلوط تنقيد:**(Synthetic Criticism)

هي تنقيد اهو طريقو آهي، جنهن ذريعي تخليقڪار جي آدرشن ۽ نظرين کي پنهنجي دؤر جي سوچ جي مرڪزي ڏارائن معرفت معروضي ۽ محسوس ٿيندڙ لاڙن سان ملائي سگهجي ٿو ۽ ان تعلق کي سمجهي سگهجي ٿو.

.6 **استعاري تنقيد:**(Metaphorical Criticism)

استعاري تنقيد ۾، استعاري، شخصي حوالي ۽ يادگيرين کي ورجائڻ کي اوليت ڏني ويندي آهي.

.7 **تاثراتي تنقيد:**(Impressionistic Criticism)

تنقيد جي هن نظريي جو جيڪڏهن مختصر لفظن ۾ بيان ڪبو تہ اهو هن ريت ٿيندو تہ، ادب فقط تاثر آهي ۽ ان جي تنقيد بہ صرف تاثرات جو مجموعو آهي.

.8 **تاريخي تنقيد:**(Historical Criticism)

تاريخي تنقيد ادب ۾اصرار ۽ مناسبحيثيت جي سوال تي گهڻو زور ڏئي ٿي، ڪا بہ اها ڳالهہ طئي ڪري نہ ٿو سگهي تہ تاريخي تنقيد،ڪنهن بہ فن پاري جي هيئت، مفهوم ۽ نوعيت کي تاريخي تناظر ۾متعين ڪري ٿي ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾فن پاري جي مقصديت ۽ هيئت جي مجتا ٿئي ٿي نج

تنقيد تاريخي تنقيد جي سهڪار سان ڪنهن بہ فن يا تخليق کي ان جي اصلي حيثيت ۽ حالت ۾ ڏسڻ گهري ٿي ۽ انهيءَ روشنيءَ ۾ فن يا تخليق جو تجزيو ڪري ٿي.

9. **تجزياتي تنقيد:**(Analytical Criticism)

تنقيد جي هن قسم ۾ ادبي عمل ۽ انهن جا لوازمات جيڪي ادبي اثر ڇڏين ٿا، تن بابت ويچار ڪرڻ ۽ انهن جي پاس خاطري ڪرڻتجزياتي تنقيد جون خصوصيتون چاتيون وڃن ٿيون.

10. **تخليقي تنقيد:**(Productive Or Creative Criticism)

تنقيد علم بہ آهي تہ فن بہ آهي، جڏهن اها ڪنهن اديب، ادبي صنف يا ادبي اصول بابتر ڳو ڇاڻ ڏئي ٿي تہ اها علم بڻجي پوي ٿي پر جيڪڏهن اها انهن کي شين بابت ڪنهن اونهي جذبي کي ائين پيش ڪري جو اسان جي ذهن ۾ هڪ نئين دنيا تخليق ٿي وڃي ٿي تہ اهو فن آهي هن موڙ تي ان کي "تخليقي تنقيد" چيو وڃي ٿو.

11. **تصوراتي تنقيد:**(Imaginative Criticism)

تنقيد جو هي قسم، نقاد کي ادب جو غواص بڻائي، ڪيس تصور جي سمند مان مطلب ۽ معنائن جو موتي ميڙائي ٿو.

12. **تقابلي تنقيد:**(Comparative Criticism)

مختصر لفظن ۾ تقابلي تنقيد، تنقيد جو اهو قسم آهي، جنهن ۾ ڪنهن هڪ ادبي شهپاري کي ساڳي ئي قسم ۽ اصل واري ادبي شهپاري سانڀيٽي ۽ پوءِ ان جي حيثيت متعين ڪئي وڃي.

13. **ثقافتي تنقيد:**(Cultural Criticism)

تنقيد جو اهو قسم جيڪو هڪ ئي وقت تي تاريخي ۽ سماجي، تنقيد سان واسطو رکي ٿو. تنقيد جي هن قسم منقاد سموري تاريخي وايو منڊل ۽ منظر کي ڌيان ۾ رکندو آهي ۽انهيءَ ۾ جاچڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ ثقافت ڪهڙيءَ ريت تخليقڪار صيحت مند ماحول پيدا ڪري ٿي ۽ نقاد انهيءَ مان ڪيتري قدر فائدو ورتو آهي.

14. **جمالياتي تنقيد:**(Aesthetic Criticism)

سونهن جي تنقيد ۽ ذوق جي نظريي سان لاڳاپجي ويو. هن نظريي جو پوئلڳ ان کي چيو ويجي ٿو، جيڪو ادب، فن ۽ موسيقيءَ ۾ سونهن جو متلاشي هجي ۽ هن مان حض حاصل ڪري سگهي.

15. **حقيقت پسند تنقيد:**(Realistic Criticism)

فلسفي ۾ "حقيقت" بابت ٻه نظريا ڪرم فرما آهن. پهرين نظريي مطابق خارجي دنيا کي سائنسي تحقيقات ۽ طريقن ذريعي ڄاڻي سگهجي ٿو، ۽ ان جي وصف ٻڌائي سگهجي ٿي، ان بابت معلومات گڏ ڪري سگهجي ٿي. جڏهن ته ٻئي نظريي مطابق خارجي دنيا کي جبلتي شعور ۽ اندر واري اک سان ڄاڻي سگهجي ٿو. پر ادب ۾ حقيقت پسنديءَ جي وصف بنهه الڳ آهي. جڏهن ڪو به خالق پنهنجي شهپاري يا تخليق ذريعي زندگي جي سچائي جي ترجماني ڪري ته ان کي حقيقت پسندي چيو ويجي ٿو.

16. **ذاتياتي تنقيد:**(Organic Criticism)

تنقيدجو هي قسم ڪنهن به فن پاري يا تخليق جو معيار مقرر نه ٿو ڪري پر وقت ۽ فرد جو بيان ڪري ٿو.

17. **ذاتي ۽ شخصي تنقيد:**(Personal Criticism)

انفراديت ۽ اجتماعيت، فلسفي جا ٻه وڏا مگر هڪٻئي متضاد نظريه آهن. انفيراديت جي نظريي، تنقيدتي جيڪو اثر ڇڏيو، ان جي نتيجي ۾ ذاتي ۽ شخصي تنقيد وجود ۾ آئي.

18. **رومانوي تنقيد:**(Romantic Criticism)

رومانوي تنقيد سان ئي جديد تنقيد جو آغاز ٿئي ٿو، تنهن ڪري ان زماني کان ئي تنقيد ۾ فلسفي، تاريخ، نفسيات، عمرانيات، ۽ جماليات جي عنصرن کي اجاگر ڪرن تي زور ڏنو ويو آهي.

19. **سائنسي تنقيد:**(Scientific Criticism)

سائينٽيفڪ تنقيد، ادب ۽ فنڪار جي سيني صلاحيتن کي اجاگر ڪري ٿي. ان طرح سان ڪا به ادبي تخليق اوسيتائين بهترين نه چئبي، جيستائين اندور جي سماجي حالتن ۽ سوچ جو ان مان عڪس نظر نه ايندو.

.20 **سماجياتي تنقيد:**(Sociological Criticism)

تنقيد جو اهو قسم آهي جيڪو سماجي حوالن سان ۽ سماجي پسمنظر ۾ ڪنهن تخليق يا شهپاري جو مطالعو پيش ڪري تنهن کي سماجياتي تنقيد چئبو آهي.

.21 **سوانحاتي تنقيد:**(Biographical Criticism)

هن قسم جي تنقيد جي زمري هيٺ نقاد يا فنڪار جي ذاتي زندگي ۽ ذهني اوسر کي بہ نظر هيٺ رکي تجزيو ڪيو ويندو آهي.

.22 **عملي تنقيد:**(Practical Criticism)

تنقيد جو اهو قسم جنهن ذريعي ادبي تخليق تي سڌي سنواتي تنقيد ڪئي وڃي ان عمل کي عملي تنقيد چيو ويندو آهي.

.23 **فطرتي تنقيد:**(Naturalistic Criticism)

ادبي تنقيد ۾ جيڪو لفظ گهڻو ڪري حقيقت پسنديءَ جي نعم البدل طور ڪم اچي ٿو جنهن چوڻ سان ادبي يا فني شهپاري بابت خود بخود اها راءِ قائم ٿئي ٿي تہ انهيءَ ۾ فطرتي سونهن بابت يا دلچسپي موجود آهي جنهن کي فطرتپسندي چئجي ٿو.

.24 **نظرياتي تنقيد:**(Ideological Criticism)

سنڌ جي عالمن پهنجي تجربي ۽ مشاهدي جي آڌار تي تنقيد جو هي قسم تجويز ڪيو آهي. شمس الدين عرساڻي، ان حوالي سان لکي ٿو تہ، فن ۽ ادب بابت نظريا قائم ڪرڻ، حدون مقرر ڪرڻ، خوبين ۽ خامين جا پيمانہ جوڙڻ کي نظترتيتي تنقيد چئبو آهي.

.25 **نفسياتي تنقيد:**(Psychological Criticism)

نفسياتي تنقيد جو اهو قسم ۽ طريقو جنهن ۾ ليکڪ لکڻين منجهان خود ليکڪ جو نفسياتي جائزو ورتو وڃي يا ايئن ڪڍي چئجي تہ ليکڪ جي نفسياتي صورتحال کي ديان ۾ رکي ان جي شهپاري جو مطالعو ڪيو وڃي." (6)

تنقيد جي مٿين سڀني قسمن جو انسان جي روز مره جي وهنوار ۾ وڏو ڪردار آهي. تنقيد ذريعي اسان پنهنجي سماج جي نفسياتي پهلوئن کان آگاهه ٿي سگهون ٿا. سماج ۾ ادبي تخليق وسيلي جيڪا تبديلي اچي ٿي ان جو اڀياس سولائيءَ سان ڪري سگهون ٿا. جنهن جي ڪري ضروري آهي ته تنقيد جي علم کي فعال بنائڻ گهرجي،ادبي تنقيدي نشتون منعقد ڪرڻ گهرجن، سماج کي تنقيدي ادب جي اهميت کان واقف ڪرڻ گهرجي.

”ادب جيڪڏهن زندگيءَ تي تنقيد آهي تهتنقيد وري ان تنقيد تي به تنقيد آهي، ليڪن ادبي تنقيد کي سولي طريقي سان سمجهڻ لاءِ ۽ بهتر ادب فهميءَ لاءِ تنقيد جو مطالعو تمام ضروري آهي. نفساياتي ۽ سماجي تنقيد گڏو گڏ هلن ٿيون، جهڙوڪ هڪ سڪي جا ٻه پاسا آهن. هن تنقيد ذريعي اهو ڏنو ويندو آهي ته معاشرو ڪيترن طبقن ۾ ورهايل آهي ۽ علم ادب ڪهڙي طبقي جي ترجماني ڪري ٿو، اهو ڏنو ويندو ته معاشري کي ڪهڙا مسئلا درپيش آهن ۽ علم ادب انهن بابت ڪهڙي ۽ ڪيتري رهنمائي ڪري ٿو. هي ادبي مطالعي جو اهو طريقو آهي. جنهن ذريعي هڪ طرف علم ادب معرفت قوم کي ۽ ٻئي طرفقوم معرفت علم ادب کي پرکي سگهبو آهي، مثال طور علم ادب يا قلمي پورهئي جا عوام کي پسند ايندڙ موضوع ڌيان ۾ رکي فيصلو ڪري سگهجي ٿو ته قوم ڇا پئي سوچي ۽ ذهني طور تي ڪٿي بيٺل آهي اها ڪنهن طرف وڃي رهي آهي.“ (7)

انسان سماج جو حصو آهي ۽ نفسيات وري انسان جي رڳ رڳ ۾ شامل آهي.سماج ۽ نفسيات جي اوسر گڏ گڏ ٿيندي رهي ٿي. جيئن انسان ۽ سندس پاڇو هڪ ٻئي سان گڏ هوندا آهن، تنقيدي علم ذريعي جڏهن اسان معاشري جو ڇيد ڪريون ٿا ته معاشرو ڪيترن حصن ۾ورهايل نظر اچي ٿو. ڪا خبر نه ٿي پئي ته ان صورتحال ۾ علم ۽ ادب ڪهڙي طبقي جي ترجماني ڪري ٿو. تنقيدي ادب ذريعي هڪ طرف قوم جي نفسيات جي جاچ ڪجي ٿي ته ٻئي طرف قوم جي ذريعي ادب جي پروڙ پوي ٿي. سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته تنقيدي ادب قوم کي ڪيتري پسند اچي ٿي ۽ قوم ان پنهنجي ذهني پورهئي کي ڪيتري قدر قبول ڪيو آهي ۽ قوم جون ذهني وکون ڪهڙي طرف وڃي رهيون آهن.

”ادب کي جنهن حد تائين آرٽ سمجهيو ويو آهي، تنهن حد تائين نفسيات کي ان ۾ وڏو دخل آهي. آرٽ انسان جي ذهن جي هڪ اپت آهي ۽ انساني ذهن هڪ نفسياتي مامرو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو نفسيات جا عالم نفسيات جي اڀياس لاءِ تحرير ۽ تقرير کي بنياد بڻائين ٿا ۽ ادب جا عالممن ودیا جو اثر وٺن ٿا ۽ ان جا اصول ڪم آڻن ٿا.“ (8)

سنڌي ادب دنيا جي ڪنهن بہ ادبي تخليق ۾ پوئتي يا گهٽ ناهي، اسان جي ادب ۾ڪي ڪميون ڪوتاهيون ضرور نظر اچن ٿيون، پر هو هر ادبي فن پاري ۾ پنهنجي هڪڙي الڳ ادبي سڃاڻپ صدين کان وٺي رکندي ٿي اچي. اها پڻ ڳالھہ آهي تہ اسان جي ادب تي مختلف وقتن ۾ مختلف ادبي ٻولين جو اثر رهيو آهي. تنهن هوندي بہ جڏهن تاريخي ورقن کي اٿلايون ٿا تہ، اسان کي آسمان جي افق تي پين ادبي ٻولين سان گڏ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل نظر اچي ٿي. جيئين سماج جي اوسر ۾ نفسياتي پهلوءَ جو اهم ڪردار آهي اهڙيءَ طرح هر ادبي فن پاري ۾ بہ اسان کي نفسياتي ادب جو عنصر نمايان نظر اچي ٿو.

ڇاڪاڻ جونفسايات جو ادب جي واڌ ويجهہ ۾ وڏو اهم ڪردار نظر اچي ٿو. ادب اسان جي ذهن جي پيداوار آهي، ۽ اسان جي ذهن جو واسطو بلواستہ يا بلا واستہ نفسيات سان آهي. ڇاڪاڻ جو هر ادب تخليق ڪرڻ واري جو پنهنجو هڪ الڳ نفسيات هوندو آهي. نفسيات جا ماهر انسان جي تقدير ۽ تحرير کي بنياد بڻائن ٿا، پر تخليقڪار وري پنهنجي من ۾ اپرندڙ جذبن ۽ احساسن جي اثر کي قبول ڪري، پنهنجا ادبي نفسياتي اصول مرتب ڪن ٿا.

”علم منطق جي ترقيءَ ڪيترن ئي اڻ ڇهين ۽ اڻ لکين ڳالهين، واقعن ۽ شين جا اڪيچار پهلو اسان جي آڏو آندا آهن. هي ڳالھہ ائين بہ سمجهائي سگهجي ٿي تہ هر ڪنهن اک پنهنجي پنهنجي طاقت ۽ وصعت سان ڏٺو ۽ پرکيو آهي، انهيءَ ڪري هڪ ماڻهوءَ جي نگاهہ ۽ بصيرت ٻئي ماڻهوءَ جي نگاهہ ۽ بصيرت کان مختلف ٿي بيهي ٿي. اسان انهيءَ اصول کي تنقيد جي قسمن واري سوال سان بہ لاڳو ڪري سگهون ٿا. جتي اسان جا اڻ ڳڻيا ڏٺي اها ڳالھہ مڃڻ لاءِ بہ تيار نہ آهن تہ سنڌي ۾ ڪا تنقيد جي ترقي بہ ٿي آهي.اتي دنيا جهان جي عالمن تنقيد جا اڻ ڳڻيا قسم تحرير ڪيا آهن جن مان سنڌن تنقيد جي مطالعي ۽ تنقيد سان دلچسپي جي خبر پوي ٿي.“ (9)

تنقيدي ادب جي ذريعي هميشہ لڪل پهلوئن کي ظاهر ڪبو آهي، هن علم اسان جي سامهون ڪي اهڙا عڪس بہ رکيا آهن، جيڪي اسان جي نظرن کان اوجهل رهيا آهن.تنقيد کي هر اديب پنهنجي نقطئہ نگاهہ سان ڏسي ۽ پيش ڪري ٿو. تنهن ڪري هر ڪنهن جي ڏسڻ ۽ پرکڻ واري اک جدا جدا ٿئي ٿي. انهن جدا جدا پيش ڪيل سوال ئي اصل ۾ تنقيد جي علم سان لاڳو ڪري سگهجن ٿا. پر اڄ تائين اسان جي سنڌي ادب جا تنقيد نگار ڪنهن بہ ڳالھہ تي متفق ٿيندي نظر نہ ٿا اچن ۽ ان ڳالھہ جا بہ انڪاري آهن تہ تنقيدي ادب ۾ ڪو واڌارو ٿيو آهي؟. پر عالمي سطح جي تنقيدي ادب تي نظر ڊوڙايون ٿا تہ تنقيد جا ڪيترائي قسم نظر اچن ٿا. جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ دنيا هن علم متعلق ڪيتري سنجيده آهي ۽ اسان ڪيترا سنجيده آهيون.

”سگمنڊ فرائيڊ (1939ع-1856ع) نفسياتي مريضن جي علاج هڪڙو طريقو ايجاد ڪيو، جنهن کي هن تحليل نفسي (Psychoanalysis) جو نالو ڏنو. ادبي دنيا ۾ادبي ڪردارن جي نفسياتي ڇنڊڇاڻ تہ اوائلي دور کان ٿيندي رهندي هئي ليڪن فرائيد جي تحليل نفسي واري نظريي کان پوءِ بہ فهميءَ ۾ان باقاعده هڪ طريقہ ڪار (Method)واري جاءِ ورتي.“ (10)

نفسياتي علم جي ذريعي اسان سماج جي انهن رازن ۽ ڳُجهن کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون تہ آخر ڪار انسان پنهنجي ماحول منجهان روزاني ضرورتون ڪهڙي نموني پوريون ڪري ٿو. ان لاءِ هو صبح کان شام تائين، جيڪا زندگيءَ جي وهنوار کي هلائڻ لاءِ هٿ پير هڻي ٿو ۽ جن تڪليفن ۽ ڪِرين جي دلدل مان هن کي گذرڻو پوي ٿو. ان وٿ وٺان کان پوءِ هن جي ترقي جي رفتار جي طاقت ڪيتري ٿي ٻيهي ۽ هو ڪيترو حوصلو ۽ سمجهہ رکڻ جي همٿ ساري ٿو.

”هتي نفسيات جي علم جو مقصد انهيءَ راز کولڻ جو آهي تہ آدم ٻچڙو پنهنجي ماحول کان پنهنجون ضرورتون ڪهڙي طريقي پوريون ڪرائيندو ٿو رهي يا بيڪار ثابت ٿو ٿئي...... ۽ انهيءَ جستجو جي ڪشمڪش ۾ماحول جو مٿس ڪيترو اثر ٿو پوي ۽ پاڻ انهيءَ دنيا جي چڪ ڏڪ ۾ترقي ڪرڻ جيتريسگهہ ٿو ساري ۽ ڪيتري سمجهہ ۽ حوصلي رکڻ جو ثبوت ٿو ڏئي.“ (11)

ماهر نفسيات جي تحقيقن موجب انسان جنهن سماجي ماحول ۾ رهي ٿو. انهيءَ ۾ سوچي ٿو، هن جي سوچ جي دائري ۾ هزارين شيون جنم وٺن ٿيون، جيڪي ڪنهن شاعر جي شعور يا لاشعورم لڪيل تخليق جو حصو ناهن پر اهڙي عمل سان تہ خود شاعر يا اديب جنم وٺن ٿا. شاعر يا ليکڪ تہ صرف اها شيءِ تخليق جي دائري ۾ آڻي ٿو، جيڪو هن جي سوچ ۾ آهي.

”نفسيات جي عالمن جي دريافت اها آهي تہ انسان هڪ ماحول جو جزو آهي، سوچ ۽ ارادي يا شعور يا لاشعور جا عمل هن جي تخليق ڪونہ آهن. اهي عمل تہ خود شاعر يا اديب کي پيدا ڪن ٿا. انڪري شاعر يا اديب تہ فقط اهو ئي چئي ٿو سگهي جيڪو هو سوچي ٿو.“ (12)

نفسيات جو لاڳاپو انساني فعل سان آهي ۽ فعل جو تعلق انساني خيالن سان جڙيل آهي ۽ وري خيال جذبي سان سلهاڙيل آهن. دنيا ۾ جيڪي مذهب آهن، اهي انسان جي اندر جي احساسن کي جاڳائڻ يا انهن کي اڀارڻ لاءِ آگاهيءَ وارو ڪردار ادا ڪن ٿا. جنهن کان پوءِ انسان جي اندر ۾ نيڪ عملن ڪرڻ جو جذبو جاڳي ٿو. اهوئي جذبو سماج جي تعمير جو بنياد بڻجي ٿو، اها ذهني زرخيزي آهي جا شروعاتي ڪلچر کي بنياد فراهم ڪري ٿو ۽ جنهن سان تمدن جي شروعات ٿئي ٿي.

”نفسيات جو تعلق انسان جي فعل سان آهي، فعل جو مدار خيال تي ۽ خيال جذبي سان پڌل، هر هڪ مذهب جي تنبيهه ماڻهوءَ ۾ نيڪ جذبن اڀارڻ لاءِ پئي رهي آهي تہ منجهس نيڪ خيال ۽ نيڪ اعمال پيدا ٿين، جن تي قومي تعمير جو بنياد آهي. اها ذهني ڪيڙَ آهي جا بنيادي ڳالهہ آهي جنهن ڪي ڪلچر ٿو چئجي ۽ ذهني ڪيڙ مان تمندن ٿو پيدا ٿئي.“ (13)

انسان جون جيڪي بہ صلاحيتون آهن، نفسياتي حوالي سان اهي خيال جي پختگي جي دريافت آهن. نفسياتي تنقيد جي وڏي ۾ وڏي ڪاميابي اها آهي تہ هي انساني صلاحيتن جو منفرد يا چنل عمل ناهي پر هو تہ اسان جي سماج ۽ ماحول جو حصو آهي. اهو ئي سبب آهي جو نفسياتي تنقيد خود ادب جي رهنما اصولن سماجي ڪارج ۽ ان جي اهميت جا وڏيڪ قائل ڏسجن ٿا ۽ سماج جي هر اينگل کان نفسياتي تنقيد جي ذريعي ڇيد ڪيڍي سگهجي ٿو. لاشعور جيڪو ادب جو بنيادي حصو آهي، اهو ڪنهن نہ ڪنهن ڪلچر/ سماج جو بہ پڻ حصو آهي. اهڙي نموني ادب اسان جي سماج جي علامت بڻجي پوي ٿو. جنهن جو تعلق هڪ دور جي ڪلچر سان ٿي پوي ٿو. جيڪو پوءِ ڪنهن ڪلچر ۽ تاريخ جو نچوڙ بڻجي وڃي ٿو.

”نفسياتي تنقيد جي خيال ڪان پاڻ وڏي ۾ وڏي شيءِ آهي ئي انسان جي بنيادي صلاحيت. پر نفسياتي تنقيد جي وڏي دريافت اها آهي تہ انسان جي بنيادي صلاحيت جو منفرد يا چنل عمل نہ آهي. اهو تہ انسان جي ماحول ۽ سماج جي گڏيل ڪارڪردگيءَ جو هڪ جزو آهي. اهڙيءَ طرح نفسياتي تنقيد جا اصول ادب جي سماجي ڪارج ۽ ان جي افاديت جا پاڻ وڏيڪ قائل آهن.“ (14)

نفسياتي تنقيد جو لاڳاپو انسان جي گهٽ يا وڌ، هن جي اعليٰ سوچ سان سلهاڙيل رهي ٿو. جيڪڏهن تنقيد نگارن جي ڳڻپ ڪبي تہ اهو پڻ ظاهر ٿيندو تہ هن علم سان جن جو بہ واسطو آهي اهي دنيا جا مجيل، عالم، استاد، مفڪر، ڏاها اديب آهن. جنهن ڪري چيو وڃي ٿو تہ هن تنقيد جي علم جي شروعات بہ استاد افلاطون ڪان ٿي آهي. جيڪو دنيا جو هڪ پُر مغز دانشور، عالم، ڏاهو ۽ فلسفي هو. جنهن وٽان هر علم جي شاخ ڦٽي نروار ٿي آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ تنقيد جي علمهيل تائين وڏيون ترقيءَ جو منزلون طئہ ڪيون آهن.

”تنقيد توڙي عام تنقيد جو تعلق انسان جي بهترين يا گهٽ ۾ گهٽ اعليٰ قسم جي سوچ سان آهي، ان ڪري تنقيد نگارن جي لسٽ تي نظر ڪبي تہ معلوم ٿيندو تہ اهو گهڻو ڪري دنيا جا مجيل، عالم، استاد يا اديب آهن. اهو ئي سبب آهي جو تنقيد جي تاريخ جي ابتدا بہ افلاطون وٽان ڪئي

ويندي آهي جيڪو پين تمام علمن ۾ بہ مجيل عالم هو ۽ وڌو ڏاهو هو. هن ڳالهہ جو فائدو اهو ٿيو، جو تنقيد باقاعدي هڪ علم جي صورت ۾ ترقي ڪندي رهي.“ (15)

ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ وڌاءُ ناهي تہ نفسياتي تنقيد پاڻ هڪ علم جي صورت اختيار ڪري اپريو آهي. هن علم جي ذريعي سماج جي اٿل پٿل تي گهري نظر رکي سگهجي ٿي. نفسيات جي ماهرن جي اها راءِ آهي تہ انسان هڪ ماحول جو پيداوار آهي. سوچ، شعور، لا شعور هن جي پيداوار ناهي اهڙا عمل تہ خود شاعر کي جنم ڏين ٿا. اهو تہ صرف اهو ئي سرجي سگهي ٿو، جيڪو هن جي سوچ، خيال ۾ موجود آهي. حقيقت هي آهي تہ انسان پنهنجي سوچ جو محتاج رهي ٿو ۽ سوچ وري هن سماجي ماحول، خيالن ۽ تصورن جي طابع ڏسجي ٿي. انسان جيڪو آرٽ تخليق ڪري ٿو، هن جي دل ۾ جيڪي اڌما، احساس، جنم وٺن ٿا، اهو هڪ منفرد ۽ نرالو تخليقي ادب جي صورت ۾ سماج ۾ نروار ٿئي ٿو. پر خالق جي خيال کان اهو ڪن حالتن ۽ ڪن مجبورين جو نتيجو آهي. تنهن ڪري ايئن چوڻ تہ هي نفسياتي تنقيد ۾ انسان ۽ سماج جي بنيادي صلاحيتن جو انڪار ڪيو ويو آهي، تہ اهو سراسر غلط آهي. هن طرح نفسياتي تنقيد اسان کي ادبي سوانح لکڻ ۾ مدد ڪري ٿي. نفسيات جي علم جي مدد سان اسان ڪنهن بہ اديب جي لکڻين ۽ ان جي ڳُجهن خيالن کي آسانيءَ سان هن جي تخليق مان پڙهي سگهون ٿا. اهڙي نموني سان اسان رسول بخش پليجي جي لکڻين ۾ مٿين تنقيد جي قسمن جا عنصر نروار ڪنداسين تہ رسول بخش پليجو سماج جي ڪهڙن سياسي، ادبي ۽ سماجي پهلوئن جو تنقيدي نڪتہ نگاهہ کان نفسياتي جائزو ورتو آهي.

## حوالا


(1) ابڙو، بدر، *تنقيد ۽ تنقيد نگاري*. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. 2015ع. 30، 31.

(2) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر. هڪ *جلدي سنڌي لغت*. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي. سنڌ 2006ع. 125.

(3) اجڻ، بدر، ڊاڪٽر. سنڌي ادب ۾ تنقيد نگاري. حيدرآباد: سنڌ ريڊرس فورم، سنڌ. 1999ع. 30.

(4) حسين، فهميده ڊاڪٽر. ادبي تنقيد، فن ۽ تاريخ. ڪراچي: سنڌي ادبي اڪيڊمي. سنڌ. 1997ع. 22، 23.

(5) ابڙو، بدر، ڊاڪٽر. سنڌي ادب ۾ تنقيد نگاري. حيدرآباد: سنڌ ريڊرس فورم، سهڪار سوجهرو پبليڪيشن. 1999ع. 25.

(6) اجڻ، بدر ڊاڪٽر،سنڌي ادب ۾ تنقيد نگاري، سنڌ ريڊرس فورم حيدر آباد، 1999ع.ص.62 کان 102.

(7) ساڳيو، ص.21.

(8) پوهيو الهداد، ڊاڪٽر، تنقيدون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، 1980ع.ص.100.

(9) اجن، بدر ڊاڪٽر،سنڌي ادب ۾ تنقيد نگاري، سنڌ ريڊرس فورم حيدر آباد، 1999ع.ص. 62.
(10) لغاري اڪبر، ادبي تنقيد جي تاريخ، ماءِ پبليڪيشن سکر، 2016ع.ص.110.
(11) قاضي، علي احمد ڊاڪٽر، نفسيات،(پاڻ سڃاڻ) ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو پهريون، 2006ع.ص. 8.
(12) پوهيو، الهداد ڊاڪٽر، تنقيدون،انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو،1980ع ص.109.
(13) قاضي، علي احمد، ڊاڪٽر، نفسيات،(پاڻ سڃاڻ) ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو پهريون، 2006ع.ص.17.
(14) پوهيو، الهداد ڊاڪٽر، تنقيدون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، 1980ع. ص.109،110.
(15) ساڳيو، ص.31.

باب ٽيون

# رسول بخش پليجو اديبن، شاعرن ۽ عالمن جي نظر ۾ . . .

ڪي شخصيتون اهڙيون هونديون آهن، جيڪي پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي پنهنجي سماج ۽ دنيا ۾ وڏو مانُ ۽ مرتبو ماڻيندا آهن. اهو شان ۽ شوڪت وڏي جاکوڙ جفا ڪشي ۽ محنت ڪان پوءِ ئي حاصل ٿيندي آهي. ڀاڳوند سماج ۾ انمول هستين جو جنم ٿيندو آهي ۽ اهي هستيون پنهنجي سماج جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ هروقت هر مصيبت ڪي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهنديون آهن. بدلي ۾ سماج به انهن ڪي جيءَ ۾ جايون ڏيندي آهي. اهڙين هستين ۾ رسول بخش پليجو به هڪ آهي.

رسول بخش پليجو دنيا جي انهن بي مثال انسان منجهان هڪ آهي، جنهن پنهنجي پوري حياتي مظلوم عوام خاص طور تي سنڌي ماڻهن جي آجپي لاءِ جدوجهد ڪندي گذاري ڇڏي. هو ان جدوجهد ۾ڪڏهن به خاموش ٿي ويهي ناهي رهيو. هن هميشہ لطيف جي هن سٽ وانگر ”جان جان هُئي جيئري ورچي نہ ويٺي“ جي مصداق پنهنجي حصي جو ڪم ڪيو آهي. انهيءَ جدو جهد جي عيوض سماج به پنهنجي هن انمول رتن ڪي جيءَ ۾ جايون ڏنيون آهن. سندس هر حڪم تي لبيڪ چئي سندس قافلي ۾ شامل ٿي سندس هٿ مضبوط ڪيا آهن ۽ جيئري ئي وڏي مڃتا ۽ مان بخشيو آهي. پنهنجي علمي، ادبي، سماجي ۽ سياسي هستين ڪي مڃتا ڏيڻ صحت مند سماج جون نشانيون آهن. سنڌي سماج به انهن مان هڪ آهي. رسول بخش پليجو ڪي پنهنجي علمي ۽ ادبي شخصيتن وقت بوقت سونهري اکرن ۾ ياد ڪيو آهي. انهن همعصرن علمي ۽ ادبي حوالي سان جيڪي ڪجهہ لکيو آهي هن باب ۾ انهن جي تحريرن منجهان استعفادو ڪيو ويندو. حالانڪِ اهي تحريرون خاڪانگاريءَ جي زمري ۾ اچن ٿيون پر جيئن تہ رسول بخش پليجو گهڻ رخي شخصيت جا مالڪ آهن جنهن ڪري هر شاعر اديب مختلف رخن ڪان ڏٺو ۽ محسوس ڪيو آهي ۽ سندس زندگي ۽ جدوجهد جي ڪيترن ئي پهلوئن تي لکيو ويو آهي اهو سهيڙي هڪ جاءِ تي ڏيڻ جو مقصد به اهو آهي تہ اسان جي ايندڙ سنڌي ادب جي شاگردن ڪي تحقيق جي ميدان ۾ رسول بخش پليجو متعلق جامع مواد هڪ هنڌ مهيا ٿي سگهي. رسول بخش پليجو لئہ جن اديبن ۽ مفڪرن مختلف وقتن تي جيڪا اديبانہ ۽ ناقدانہ راءِ ڏني آهي، انهن نقادن ۽ مفڪرن جي راين ڪي جيئن مٿي چئي آيا آهيون تہ، هِتان هُتان ميڙي چونڊي اوهان پڙهندڙن ۽ پليجي صاحب جي چاهيندڙن آڏو پيش آهن. شاعر شيخ اياز لکي ٿو تہ: ”پُٽي صاحب ڪان پوءِ پليجو پاڪستان جي گوناگون شخصيت آهي. هن جو دشمن به هن جي بي انتها ذهانت، تجربي جي انفراديت، گهرائي ۽ دور انديشيءَ ڪان انڪار نہ ڪري سگهندو آهي. ان ۾ ڪوئي شڪ ناهي تہ

هن پنتي پيل صوبي ۾ عوام جي نفسيات تي هن کي حيرت انگيز عبور آهي. هن جي وڏي ڳالهہ اها آهي تہ هن نہ رڳو پنهنجي پر پنهنجن پُٽن، پيئرن، پائرن، زال ساري خاندان جو سنڌ لاءِ ٻُک ڏنو آهي. جنهن جو مثال سنڌ تہ نهيو پر پوري ٻرِ صغير ۾ ورلي آهي. هن سان ماڻهو اختلاف تہ رکي سگهن ٿا پر هن جي يگانيت سان انڪار فقط هن سان ضد جي علامت آهي.“ (1)

سنڌ ڌرتي جُڳن کان وٺي اهڙا حلالي پُٽ پيدا ڪيا آهن. جن پنهنجي ڌرتيءَ جي آبياري ۾ پنهنجي پورهيت طبقي لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي. سوين اهڙا مثال ۽ شخصيتن جا نالا تاريخ جي ورقن تي سونهري اکرن سان لکيل آهن. جن جي بي مثال ذهانت جي دنيا بہ مطيع رهي آهي. اها سنڌ جي چيڪي مٽيءَ جي مهڪ هُئي، جو چوڏنهن سؤ سال اڳ، نبين جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کي بہ ان چوڻ ۾ خوشي محسوس ٿي تہ ،”اوهان کي علم پرائڻو هجي تہ “سين“ يعني سنڌ هليا وڃو“. سرزمين سنڌ جي مٽيءَ کي ڪيترن ئي علمن ۽ فنن جي ماءُ سڏيو ويو آهي. علم رياضي، منطق، فلسفو، سائنس جا ڪيترائي علم، طب هن ڌرتيءَ جي پيداوار آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب جو هاڪارو عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ: ”رسول بخش پليجو صاحب ۾ بہ خوبيون نمايان آهن. هڪ تہ هو نهايت ذهين آهي ۽ سندس مطالعو بہ وسيع آهي. جنهن ڪري هو قومي ۽ بين الاقوامي حالات کي سمجهڻ جي لياقت رکي ٿو. ٻيو تہ سياست جي ميدان ۾ هو وڏي حوصلي ۽ همٿ وارو آهي ۽ عوام جي ڀلي لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو. سنڌ جي حقن جي حفاظت لاءِ هن قومي سطح تي سياسي تعاون جي ذريعي جهدو جهد ڪرڻ کي ترجيح ڏني آهي ۽ وڏيڪ تدبر سان سندس اهو قدم نتيجي خيز ثابت ٿي سگهي ٿو.“(2)

رسول بخش پليجو جي شخصيت سحر انگيز رهي آهي. هو خوبين جي کاڻ جو مالڪ هو، سندس تحريرون ۽ تقريرون ڄاڻ سان ٽمٽار هونديون آهن. هو هڪ ئي وقت دنيا جي ادب، سياست، مذهبن، تاريخ، سماج، جنگ جي فنن تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳالهائيندو رهندو آهي. هن جي علم، ادب، سياست جو محور ۽ مرڪز سنڌ سميت ملڪ جو پيڙهيل ڏتڙيل طبقو رهيو آهي. هن ان دور ۾ بہ پنهنجي پورهيت طبقي جي حقن جي ڳالهہ ڪئي، جنهن وقت مارشل لا جي ڪَوڙَنِ پؤ ۽ گرفتارين کان، ڪيترائي ٽين خان، گهرن جي تهہ خانن ۾ لڪي ويا هئا. پر هي واحد ماڻهو هو جنهن پنهنجي پارٽيءَ جا اڳواڻن ۽ ڪارڪن سان هزارين ماڻهن جو اجتماع ڪوٺائي پؤ جي بندن کي ٽوڙيو هو. محمد ابراهيم جويو سندس شخصيت متعلق هن طرح رقم طراز آهي تہ:

”پنهنجي هن پياري ساٿيءَ سان انيڪ لاڳاپن جا ڌاڳا، رات جي اپ ۾ سدا چمڪندڙ چنڊ ۽ تارن جا ڌاڳا، ڏينهن جي اوجهل صبح جا ڌاڳا، اسان جي حال جا ڳنڍيل آهن. ۽ ڪو هڪ ڌاڳو بہ

ڇڪجي ٿو، ٿوري ڪا هن ڪي ساهہ اچي ٿي تہ هن جو من اتي ضرور لرزيو هوندو. پر خاص طرح اسان جي ٻولي جيڪا اسان جو ساهہ آهيءِ جنهن سان اسان جو من جيئي ٿو. اها هن کي ۽ اسان کي هڪ گهڙي بہ جدا ٿيڻ نٿي ڏئي..“ (3)

ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ وڌاءُ ناهي تہ، جيڪي ليڊر هوندا آهن ، انهن جا رشتا پنهنجي قوم ۽ ڌرتيءَ سان ائين ڳنڍيل رهندا آهن، جيئن چنڊ جو ستارن سان ، جيئن سمنڊ جي ڇولين جو ڪنارن سان. رسول بخش پليجو انهن چوٽيءَ جي اڳواڻن منجهان آهي . جنهن جو ناتو پنهنجي پورهيت عوام سان لطيف سائين جي هن بيت وانگر رهيو آهي.

هلو هلو ڪورين، نازڪ جن جو نيهن،
ڳنڍيين سارو ڏينهن، ڇنڻ مور نہ سکيا.
(شاهہ رح)

ناليواري ليکڪا ماهتاب محبوب راءِ ڏيندي لکي ٿي تہ: هن جي ادبي ۽ سياسي ڪمن ڏي نظر ڪرڻ سان هو مونکي نہ رڳو سنڌ ليول تي پر ملڪي ليول تي بہ واحد اهڙو سيستدان لڳندو آهي. جنهن وٽ نهايت ئي حساس دل وسيع ذهن ۽ قوم جي مقدر کي بدلائڻ لاءِ اڻ کٽ حوصلو هجي.... گهٽ ۾ گهٽ اهڙين دانشوراڻين خوبين وارو ڪو ٻيو سياستدان اجان تائين تہ منهنجي نظر ۾ان ناهي گذريو. اها سنڌ جي خوشبختي چئبي جو اسان کي ڪيترن ئي گهڻن وارو دانشور، اديب ڪم سياستدان مليو آهي، جنهن جي نظر ۾ معاشري جو هر فرد برابريءَ جو حقدار آهي.“ (4)

جيئن اسين مٿي بيان ڪري آيا آهيون، پليجي صاحب کي ڪيترن ئي علمن تي دسترس حاصل هئي. جڏهن سنڌ جي اديبن دڪيانوسي خيالن کي پنهنجي شاعريءَ ۽ تحريرن مان نيڪالي ڏني تہ، ان وقت هڪڙو رجعت پسندن جو ٽولو برساتي ڏيڏرن وانگر نروار ٿي ۽ ٽان ٽان ڪرڻ لڳي تہ، اهي اديب شاعر ڪافر ملحد آهن.اصل اپ ڏاري وڌائون، انهن ک تز ۽ تيز جواب ڏيڻ لاءِ پليجو ميدان تي نڪري آيو. انهن جي لکڻين جي اهڙي پوسٽ مارٽم ڪيائين جو پوءِ هو ميدان ڇڏي ڀڄي ويا. رشيد ڀٽي لکي ٿو تہ:

”نہ رڳو رجعت پرستن جي سياسي ۽ اقتصادي محرڪن، ارادن ۽ سازشن ۽ سندن اصلي، پردي پٺيان باعمل آقائن (سرڪار، جماعت اسلامي ۽ پنجاپي پناهگير ٽٽ) جي منصوبا بنديءَ جو پوسٽ مارٽم ڪيو، پر انهن ڪوهہ جي ڏيڏرن ۽ گهاٽي جي ڏاندن جي اڻ ڄاڻائيءَ، جهالت، علمي فقدان ۽ ان سبب غير مقبوليت، ادبي ميدان ۾ پٺي ڀاڻ جيان سڙي رک ٿي وڃڻ سبب نفسياتي رد

عمل جي بہ اڍيڙ اکيڙ ڪئي. مطلب تہ پليجي ان ڪاوش سان سچ پچ رجعت پرستن ۽ ان جي نقادن کي انڌو اونڌو ويچ ڪري ثابت ڪري ڏيکاريو.“ (5)

ٺٽو شهر ڪيترن ئي حوالن سان تاريخ جي ورقن ۾ موجود آهي. ڪنهن وقت ۾ هي علم ۽ ادب جو مرڪز هو، ڪيترائي مڪتب يونيورسٽين جو درجو رکندا هئا. دنيا جا ڪيترائي ڏاها هتان علم پرائي، پنهنجن ملڪن ۾ واپس وڃي علم جون ڏياٽيون روشن ڪيائون. هن ئي شهر جي پسگردائيءَ م پنيور جو شهر بہ هو جيڪو وڏو واپاري مرڪز رهيو آهي. شاهہ لطيف جي سورمين منجهان هڪ سورمي سسئيءَ جو هن شهر سان واسطو آهي. اها سسئي اسان جي ادب ۽ اسان جي سماج ۾ جهدو جهد جي علامت آهي. جنهن پنهنجي مقصد کي ماڻڻ لاءِ ڪيترائي ڪشالا ڪاٽيا هئا. پليجي صاحب جو بہ هن ئي شهر سان واسطو آهي. جنهن سنڌ جي خوشحاليءَ لاءِ ملڪ جي ڪيترن ئي جيلن ۾ پنهنجي جوانيءَ جا ڏينهن قيد و بند ۾ گھاريا. پر پنهنجي مقصد تان هڪ انچ بہ پوئتي ناهي هٽيو. بقول لطيف سائينءَ جي تہ:

ڪنڊا مون پيرن توڙي لک لڳن،
آڳر اڳُوٽي نہ مِڙي، ڇپون پير ڇنن،
ويندي ڏانهن پرين، جت جُتي جات نہ پايان.

سيئي سور سختيون سر تي ڪٽي، پليجو صاحب ميدان عمل ۾ بيٺو رهيو. ڪنهن بہ جابر ظالم آڏو، آڻ نہ مڃيائين. سندس حوصلا هميشہ هماليہ کان بہ اوچا رهيا آهن. دوست تہ دوست پر سياسي مخالف بہ سندس ثابت قدمي تي بيهڻ ۽ پنهنجو ڇٽو موقف بيان ڪرڻ جا مطيع رهيا آهن. اڳوڻي وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو بہ انهن خوبين ۽ صلاحيتن جو اقرار هن طرح ڪري ٿي.

”ٺٽو دولهہ درياخان ۽ رسول بخش پليجي جو شهر آهي. اهو رسول بخش پليجو ئي هو، جيڪو ضياء الحق جي خلاف جنگ ۾ سدائين اسان سان گڏ رهيو آهي.“ (6)

هو، پنهنجي پر ۾، هڪ تحريڪ هو، سڄڻ هجي يا دشمن پر جي ڳالهہ صحيح ڪري ٿو تہ ڀرپور ان سان ساٿ نڀائيو. ڪنهن وقت ۾ ڀُٽي صاحب کي ويجهو هو، پر جڏهن ڏٺائين تہ ڀُٽو صاحب ڪنهن مجبوريءَ مان ئي صحيح، غلط قدم کڻي رهيو آهي تہ ان کي بہ روڪيو، ان سان بہ اختلاف ڪيو. انهن اختلافن جي ڪري ڀُٽي صاحب جي دور ۾ هو جيل ۾ بند هو. جڏهن ڀُٽي صاحب جي خلاف مذهبي جماعتن سميت ملڪ جون مڙئي پارٽيون هڪ محاذ تي (پاڪستان قومي اتحاد) ڪٺي ٿيون تہ، ان وقت

سراج صاحب ڀُٽي صاحب کي ويجهو هو، تنهن ذوالفقار علي ڀُٽي صاحب کي چيو ته انهن حالتن ۾ رسول بخش پليجو سان صلاح ڪجي. سراج صاحب لکي ٿو ته:

”تڏهن مون چيو مانس ته سنڌ ۾ حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ پين سان گڏ، پليجي سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي. منهنجي ڳالهه مڃيائين ۽ مرحوم چيف منسٽر هائوس دعوت ڏيئي گهرائي ورتو. سنڌ جي شاگردن جي وفدن سان ملن کان پوءِ، سندن ملاقات ٿي، ۽ ڪافي ڊگهي ملاقات ٿي. هنن پاڻ ۾ الائي ڇا ڳالهايو. پر ان کان پوءِ مرحوم جيڪي لفظ چيا، سي مون کي اڄ تائين ياد آهن.

(Siraj I wish, I had listened to him earlier and I hope it is not already to let to act on what he says.)

(ڪاش ان کان اڳ آءٌ ڪيس ڳالهه ڏيان سان ٻڌان ها ۽ خدا ڪري جيڪي هو چوي ٿو تنهن تي عمل ڪرڻ لاءِ هاڻ حد کان وڌيڪ دير نه ٿي وئي هجي.)“ (7)

رسول بخش پليجو ڀٽائي جو حافظ آهي، جڏهن ڀٽائي جو ڪو بيت ڪوڊ ڪري، ان جي تشريح ڪندو آهي ته، ائين محسوس پيو ٿيندو ته ڀٽائيءَ جهڙي منڍي زبان ۾ اڄ تائين، ڪنهن به اهڙي شاعري نه ڪئي آهي. تاريخ ۾ پهريون ڀيرو، لطيف سائين کي انٽر نيشنل ليول تي متعارف ڪرائڻ وارو پليجو صاحب آهي. هن ڀٽائيءَ جي ڪلام جو ڳوڙهو اڀياس ڪري، ڪيس پورهيت عوام جو ترجمان شاعر واري حيثيت ۾ نروار ڪيو آهي. سندس سموري شاعري جهدو جهد، محنت ۽ اورچائي واري حيثيت رکي ٿو. آغا سليم لکي ٿو ته:

”لطيف سائينءَ جا بيت مون ڀيڙي فقير کان ٻڌا، جو ڪو بيت ڪنهن عام ماڻهو کان ٿا ٻڌو ته ان جو اثر گهٽ ٿو ٿئي، پر جيڏي مهل رسول بخش پليجو، نئي واري لهجي ۾ ”چارڻ سين چئجن“ ٿو چوي ته ان جو امپئڪٽ ئي پيو آهي.“ (8)

جڏهن ترقي پسند ادب سرجندڙن مٿان ادبي حملا ڪيا ويا ۽ انهن جي لکڻين جي مذاق اڏائي ويئي. تڏهن رسول بخش پليجو ويرم ئي نه ڪئي، انهن فتني بازن کي ادبي آئينو ڏيکاريو. ان وقت سنڌ مان نڪرندڙ اخبار ”خادم وطن“ جا پيج رجعت پرست نظريي واران لاءِ وچ ٻڌجي، ڪڙڪي رهيا هئا.جنهن ۾ پليجي صاحب جا ليک روزاني بنيادن تي شايع ٿيندا هئا. تنهن کان پوءِ وچي انهن ادبي نڳن کان جان آجي ٿي. ابن حيات پهنور ان باري ۾ رقم طراز آهي ته:

”ڪجهہ سال اڳي، جديد سنڌي ادب خلاف هڪ نهايت خطرناڪ ۽ گمراهہ ڪندڙ مهم شروع ڪئي وئي، سنڌي عاوم کي جاهل رکڻ ، کين پنهنجي سجاڳ ۽ هڏڏوکي اديبن کان بدظن رکڻ لاءِ، مڪر، فريب، بهتان طرازي ۽ چغلخوريءَ جا سمورا رڪارڊ ٽوڙيا ويا. ان صورتحال جي سنگين نتيجن کي محسوس ڪندي محترم رسول بخش پليجي روزانہ ”خادم وطن “ ۾ انهن حملن جا جواب ڏنا.“ (9)

رسول بخش پليجو ڪنهن بہ موضوع تي جڏهن ليڪچر ڏيندو هو تہ، سڄي دنيا جي علم کي سنڌ ڌرتيءَ تي ڪٺي ايندو هو. سمورا فلسفا، سموريون ڏاهپون سندس بر زبان ياد هونديون اٿس. هو پنهنجي ننڍي مان ننڍي ڪارڪن کي بہ اها ئي تلقين ڪندو رهندو هو تہ، دنيا جا سمورا علم پڙهڻ گهرجن. پاڻ کي شعور جي هٿيار سان ليس ڪريو. دنيا جي ڪا بہ طاقت شعور رکندڙ قوم کي مات نہ ٿي ڏئي سگهي. ڪارنر گڏجاڻي هجي يا تنظيمي ميٽنگ سندس زور پڙهڻ واري معاملي تي وڌيڪ رهندو هو. ان سان گڏو گڏ تنقيدي نشستون بہ ٿينديون هيون. پارٽيءَ جي ننڍڙن مسئلن تي بہ ڀرپور انداز ۾ ٽيڪا ٽپڻي ڪبي رهبي. هو سدائين متحرڪ رهندڙ انسان نظر ايندو آهي. ڊاڪٽر عبدالغفار قاضي لکي ٿو تہ: ”پليجي صاحب سان منهنجي ڏيٺ ويٺ 1972ع کان آهي. مون سموري عرصي ۾ ڪڏهن بہ کيس پنجن منٽن لاءِ بہ واندو ويٺل نہ ڏٺو. يا لکندو هوندو يا پڙهندو هوند. يا نئين ڳالهين تي بحث ڪندو هوندو ۽ انقلابي نظريي جون واٽو پڌائيندو يا غلطين تي مٺي مٺي تنقيد ڪندي، غلطيون درست ڪرڻ لاءِ هدايت ناما جاري ڪندو هوندو يا ڪارڪن کي هدايتون ڏيندو ۽ ڊسيپلين بابت ڳالهائيندو هوندو. عوام ۾ ڪم ڪيئن ڪجي تنهن بابت واٽون ڏسيندو هوندو. سوشلزم تي ليڪچر ، ٻي جنگ عظيم ۽ دنيا جي صورتحال بابت دنيا جي تاريخ بابت ليڪچر ۽ سمجهاڻيون ڏيندو هوندو. ملڪي صورتحال، قومي صورتحال، ڌارين جي يلغارين، سنڌي ماڻهن جي حقن جي نشاندهي ڪرڻ، صبح، شام، ڏينهن رات، ڳوٺ ڳوٺ وڃڻ، تقريرون ۽ جلسا ڪرڻ، سنڌ دشمنن جي مقابلي ۾ اڏول ٿي بيهڻ، اديب ۽ دانشور، نقاد مطلب تہ هي هر ميدان هر محاذ تي جنگ ڪرڻ وارو شخص آهي.“ (10)

رسول بخش پليجو اڻ کٽ خوبين جو مالڪ آهي. هن کي ڪيترن ئي علمن ۽ فنن تي دسترس حاصل آهي. ايترين خوبيون ورلي ڪنهن هڪ انسان ۾ نظر ايندون هجن. هو دنيا جي وڏن ڏاهن جي قطار ۾ بيٺل نظر اچي ٿو. جن پنهنجن پنهنجن قومن لاءِ ڀليدان ڏنا آهن. اسان وٽ ڏٺو وڃي تہ، سيدن، ميرن، پيرن، وڏيرن ۽ جاگيردارن رڳو سياست ڪئي آهي. ۽ ڪنهن ٻئي کي هنن اسرڻ ۽ اڀرڻ ڏيڻ سکيو ئي ناهي. پليجي صاحب انهن بتن جي برجن کي لوڏي سياست ۾ نواڻ پيدا ڪئي آهي تہ، سياست ڪنهن جي ميراث ناهي. هيٺين طبقي جي طاقت کي گڏ ڪري انهن جي سياسي تربيت ڪري سياست جي فرعونن سامهون بيهاريو آهي. صحافي غلام نبي مغل پنهنجي راءِ ڏيندي چوي ٿو تہ:

”جناب رسول بخش پليجي سان ڪئين اختلاف ٿي سگهن ٿا. پر هڪ ڳالهه سان شايد ڪوئي بہ اختلاف نہ ڪري سگهي تہ پليجي صاحب جي هٿان سنڌ جي سياست ۾ هڪ وڏو سياسي معجزو رونما ٿيو آهي. هن صدين جي ان تاثر (Myth) کي ٽوڙي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو آهي تہ سنڌي ماڻهن جي سياسي قيادت فقط وڏيرو، سيد يا پير ڪري سگهي ٿو. هن هيٺئين ۽ وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ سياسي رهنمائن تي مشتمل هڪ نئين سياسي تنظيم قائم ڪري اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ سنڌي ماڻهن جي قيادت فقط وڏيرو، سيد ۽ پير ئي نہ پر پليجا، راهو، ناريجا، ڏاهري بہ ڪري سگهن ٿا.“ (11)

رسول بخش پليجو جو ڪردار، پنهنجي سماج ۾ نمايا آهي. جهڙي سندس طبيعت ۾ ميناج پريل آهي، تهڙوئي سندس نثري توڙي نظمي ٻولي رس ۽ چس سان همڪنار آهي. هو مسلسل سُجاڳي واري حالت ۾ رهندو آهي. سندس ذهن نت نوان خيال گهڙيندو رهندو آهي. هن جي قلم منجهان نڪور لکڻيون سرجنديون رهنديون آهن. جيڪي قومي تحريڪن ۾ سماج جي اتساهہ جو سبب آهن. هو پنهنجي قومي ذميوارين کان هڪ تر جيترو بہ غافل ناهي رهندو. هن جو سوچون، فڪر ۽ سندس قلم سدائين تحرڪ ۾ رهندا آهن. جڳ مشهور عالم ۽ نقاد الهداد ٻوهيو لکي ٿو تہ:

”پليجو جاڳي ٿو، لکي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کي پدرو ڪري ٿو، سمجهائي ٿو، سچاڻي ٿو ۽ قبول ڪرائي ٿو. ان ڪري پليجي جو ادبي ڪردار ڪافي نمايا ۽ نرالو ئي رهيو آهي. هن کي معلوم آهي تہ ٻاڪٽرن ۽ ٻائيورن جهڙا ”انڌا اونڌا ويچ“ رڳو جسمن جي ئي لاءِ نہ پر تحريڪن لاءِ بہ نقصانڪار ٿي سگهن ٿا، هاڃيڪار ٿي سگهن ٿا.“ (12)

هن سان هڪ دفعو جيڪو بہ مليو، ان کي سڄي حياتي اها گفتگو ياد رهندي. سندس اندر ۾ ڄاڻ جو ڀنڊار موجود هوندو آهي. پاڻ هڪ ئي وقت سياست، ادب، سائنس فلسفي ۽ ٻين ڪيترن ئي علمن بابت مهارت رکندا آهن. انهيءَ ڪري سندس گفتگو ۾ شائستگي، انفرديت، فڪر سمايل هوندو اٿس. ڀرين ملاقات ۾ ماڻهو سندس مطيع بڻجي ويندا آهن. اهڙي سحر انگيزي ۽ ذات خدا گهٽ انسانن کي مهيا ڪندو آهي.ناميارو ڪهاڻيڪار ۽ اديب طارق اشرف پنهنجي هڪڙي مضمون پليجي صاحب بابت لکي ٿو تہ:

”پليجو صاحب نہ فقط سياست جي سُني ڄاڻ رکندو آهي، بلڪ ادب جو وڏو ڄاڻو آهي. مان هميشہ پاڻ کي پليجي جي سامهون ٻار سمجهندو آهيان.“ (13)

رسول بخش پليجو سنڌ جو اهو واحد سياستدان آهي، جنهن کي سموري دنيا قدر جي نگاهہ سان ڏسي ٿي. ادب، سياست ۽ پورهيت طبقي لاءِ جاکوڙ جي ڪري، مسلسل جيل جون عقوبتون سهندو

رهيو آهي. انهيءَ جهدو جهد ۽ مسلسل جاکوڙ جي عيوض، دنيا کيس ضمير جو قيدي قرار ڏنو آهي. ۽ کيترن ئي ملڪن جي اخبارون سندس جي اهڙي جهدو جهد ۽ جاکوڙ تي مجتا جا مضمون شايع ڪيا آهن. سنڌي ٻوليءَ جو مشهور سفرنامہ نگار الطاف شيخ لکي ٿو تہ:

”اڄڪلهہ پليجو صاحب مٿاهين درجي جو ساستدان، مدبر، وطن پرست ۽ برک ليکڪ مڃيو وڃي ٿو. مهينو اڳ ملائيشيا جي هڪ مشهور انگريزي اخبار پليجي صاحب تي هڪ تعريفي مضمون پڻ ڏنو آهي. اها هڪ اهم ڳالهہ آهي ۽ رسول بخش پليجي ۽ سندس پرستارن لاءِ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي. جو ڪنهن ٻئي ملڪ جي اخبار ۾ هڪ اهڙي سياستدان تي فوٽو سميت مضمون اچي جيڪو ڪڏهن بہ حڪومت ۾ نہ رهيو آهي.“ (14)

پليجي صاحب سنڌي عوام کي سياست، ادب ۾ نوان موڙ ۽ لاڙا ڏنا. سڀ کان وڏيڪ هن ان طبقي جي آزاديءَ لاءِ وڏيڪ جهدو جهد ڪئي، جيڪي، وڏيرڪي ۽ جاگيرداري نظام جي پنجوڙن ۾ سوگها هئا. اهي سنڌياڻيون جيڪي ٽڪن جي عيوض غلاميءَ ڪان بہ بدترين زندگيءَ گھارڻ تي مجبور هيون. گونگي ڍاند وانگر انهن کان زمينن جو ڪم ورتو ويندو هو. انهن لاءِ سنڌياڻي تحريڪ جهڙي شاندار ذيلي تنظيم ٺاهي، انهن جي حقن لاءِ جاکوڙيندو رهيو. هو مظلوم ۽ محڪوم طبقي لاءِ روشنيءَ جي علامت بڻجي ميدان تي لٿو ۽ سڄي دنيا پنهنجي اکين ڏٺو تہ هن لکين سنڌياڻين کي سياسي توڙي ادبي حوالي سان اهڙو ٽرينڊ ڪيو، جو اڄ سموري دنيا جي ادب، سياست تي بي ڌڙڪ ڳالهائين ٿيون. جيڪڏهن، ڪنهن بہ پورهيت سان ڪٿي ظلم ٿئي ٿو تہ سڀ کان پهريائين سنڌياڻي تحريڪ، تحرڪ ۾ اچي ٿي. صاحبزادي ڏاهري پنهنجي خيالن جو اظهار هن طرح ڪري ٿي تہ:

”سائين رسول بخش پليجو سنڌ ۽ دنيا جي سمورن مظلوم قومن ۽ طبقن جوانقلابي ترجمان آهي. جنهن سنڌي ماڻهن کي اهو سچو انقلابي نظريو ۽ واٽ ڏني آهي جنهن تي هلندي هڪ نہ هڪ ڏينهن سنڌي قوم ضرور سوڀاري ٿيندي ۽ هن ظلم ڏاڍ، بربريت ۽ سمورن انسان دشمن ريتن رسمن ۽ رواجن جي زنجيرن کي ٽوڙي ڇڏيندي. قائد انقلاب پليجو صاحب هن ڌرتيءَ جي سچ سونهن ڏاهپ ۽ خود داريءَ جي سدا حيات علامت آهي. جنهن سنڌي ماڻهن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿيڻ جو ڏانءُ سيکاريو آهي.“ (15)

تاريخ جا ورق شاهد آهن تہ سنڌي ماڻهن اڄ تائين ڪنهن بہ ملڪ تي ڪاهہ ناهي ڪئي.هنن هميشہ پنهنجي ڌرتيءَ جو دفاع ڪيو آهي. عربن جي دور ڪان وٺي جيڪي ڏاڍايون هن قوم سان ڪيون ويون آهن. انهن جي بيان ڪرڻ سان جسم منجهان سيسراٽيون نڪري وڃن ٿيون، جسم جا وار

ڪانڊارجي وڃن ٿا. ارغون، ترخان ۽ مغلن جيڪي ڪيس هتان جي پُر امن عوام سان ڪيا اهي ڪنهن کان ڳجها ناهن. تنهن کان پوءِ جيڪي انگريزن ڪيو اهو بہ تاريخ رڪارڊ تاريخ جو حصو آهي. اهي ڏاڍايون، ظلم، بربريت صدين کان وٺي اسين سهندا آيا آهيون.اسان جي گهوٽن کي گهاٽن پيسايو ويو، انهن جا سر قلم ڪيا ويا، انهن جي لاشن کي دفنائڻ بجاءِ جانورن ۽ سموندن جي حوالي ڪيو ويو. پر ڪٿي بہ اسان جي مٿيرن آڻ نہ مڃي ۽ وطن خاطر سورهيائيءَ سان لڙندا رهيا. اهڙن بهادرن لاءِ مرشد لطيف چيو آهي تہ:

سورهيہ مرين سوپ کي، تہ دل جا وهم وسار،
هڻ ڀالا وڙهہ ڀاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار،
متان تيغ ترار، مار تہ متارو ٿئين.
(شاهہ رح)

تاريخ جا سوين صفحا اهڙن متارن ۽ مڙيادار ماڻهن جي سورهيائي سان ڀريل آهن. اهو تسلسل اڄ تائين جاري آهي. مان واري ڪهاڻيڪارا نورالهديٰ شاهہ لکي ٿي تہ:

”اهي ڏاڍايون ڀيڙا ڏيندڙ حالتون آهن. بنهہ گهٽو ٽڪائيندڙ تڏهن بہ سنڌ جي مٽيءَ منجهہ ڪجهہ اهڙي سگهہ سمايل آهي جو سنڌ جو جينيئس ايترو جلد ٽڪجي نہ ٿو. اڌ پنڌ ۾ آڻ مڃي نہ ٿو. پوري سگهہ سان سچ جو اظهار ڪري ٿو. جيترو ان جي سگهہ کي ٽوڙڻ جا جتن ڪيا ٿا وڃن. اوترو ئي شدت سان هو نوان نوان رستا ڳولهي ٿو. نيون راهون سرجي ٿو. پراڻن پنڌ رستن تان ڪنڊا ۽ ڪاوا ميڙي ٿو. سختيءَ سان ڀيڪڙيل در ۽ دريون کولڻ لاءِ ۽ ٻاهرين تازي هوا کي اندر آڻڻ لاءِ نئين سگهہ سان نئون ساهہ کڻڻ لاءِ ۽ ”اڃان اسين زندهہ آهيون“ جو اعلان ڪرڻ لاءِ. پليجي صاحب کي مون انهيءَ پسمنظر ۾ پڙهيو، ڏٺو ۽ پڙو آهي.“ (16)

پليجي صاحب هميشہ اصول پرست سياست ڪئي آهي. هو ڪڏهن بہ ڪنهن قوت اڳيان جهڪيو ناهي. وڏي دليريءَ ۽ بهادريءَ سان حالتن جو مقابلو ڪيو آهي. اصولن تي ڪيترن اتحادن کان عليحده ٿيندا رهيا آهن. جن جو ڪيس نقصان بہ ڀوڳڻو پيو آهي. پر سنڌ ۽ پوهرهيت عوام خلاف ڪنهن بہ سازش کي پاڻ برداشت ناهي ڪيو. انهن جي حقن جي ڳالهہ تان ڪڏهن ڦريو ناهي. پليجي صاحب هميشہ اٽل رهيو آهي. اياز لطيف پليجو لکي ٿو تہ:

”پليجي صاحب کي دٻاءُ ۽ دهشت سان جهڪائي نٿو سگهجي. هو آخري وقت تائين پنهنجي موقف تي سختيءَ سان اٽل رهيو ۽ هر نئين جلسي ۾ آجياٽي ۾ ساڳي ڳالهه ور ور ڏئي چوندو رهيو ته، سورهين کي مات ڏيڻ سولي ڳالهه ناهي“.(16)

انسان خطا جو گهر آهي، ان کان غلطيون به ٿين ٿيون، جيڪي دوست پليجي صاحب سان اختلاف رکن ٿا. اهي سندس جي علم ۽ دانش کان انڪار ڪري سگهن ٿا؟. پليجي صاحب هميشه پورهيت طبقي جي صحيح سياسي، علمي تربيت تي ڌيان ڏيڻ تي زور پئي ڏنو آهي. سندس جيڪا به تخليقي تحرير پڙهون ٿا ته، ان ۾ هن جو سمور محور ۽ مرڪز پنهنجي ڪارڪنن جي ڊسيپلين، علمي لياقتن کي وڌائڻ تي رهيو آهي. سنڌي ماڻهن جي سامهون وڏي عرصي کان وٺي سوين چئلينجون ڪاريهر جيان ڦڻ ڪڍيون بيٺيون آهن. ف.م. لاشاري لکو ٿو ته:

”سياستدان رسول بخش پليجي سان ڀلي اختلاف ڪريو، پر سندس سياسي اهميت کان ممڪن ڪونهي. هلو ڀلا، جيڪڏهن اتي به نه ٿو ڀيمجي ته دانشور ۽ نقاد رسول بخش پليجي لاءِ ڇا چئبو؟ ڀتائيءَ کي اڄ جي تاريخي حالتن جو هوالو بنائڻ واري پليجي کي ڪيڏانهن ڪبو؟ آءُ سمجهان ٿو ته خود سائنس ۾ تنظيم ڪاريءَ واري سياست کي اڳتي وڌائڻ ۾ پليجي صاحب جي Strategy ڏاڍي مدد ڏني آهي. مان سمجهان ٿو ته رسول بخش پليجو اسان جي ملڪيت آهي ۽ ان جي سيڙپ اسان لاءِ ڏاڍي ڪارائتي ثابت ٿي سگهي ٿي.“ (17)

ڪو به عظيم ليڊر، صرف هڪ قوم جي پورهيت طبقي جو ناهي هوندو. پر سندس دل هر ان مظلوم پورهيت لاءِ ڌڙڪندي آهي. جنهن جو استحصال دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ ٿيندو هجي. اصل ليڊر اهي ئي هوندا آهن، جن کي پنهنجي قوم جي درد سان گڏ دنيا جي مزدور جو درد به محسوس ٿيندو هجي. رسول بخش پليجو اهڙين ئي خوبين جو مالڪ آهي. ظلم ڪٿي به ٿئي آواز سنڌ ڌرتيءَ مان ضرور اٿندو. اها روايت اسان سنڌين جي صدين کان وٺي رهي آهي. مرشد لطيف فرمايو آهي ته:

سائينم! سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

جيڪا قوم عالم جي آباد ۽ سندن دردن جي دفع ڪرڻ لاءِ دعائون گهرندو هجي، ته اها قوم ڪيڏي نه عظيم آهي.انهيءَ ئي عظيم قوم ۾ ڪيترا ئي عالم، فاضل، مفڪر، جوڌا ۽ سياستدان پيدا ٿيا آهن. جن پنهنجي قوم جي وقار کي بلند ڪرڻ لاءِ هر قرباني ڏني آهي. دشمن کي طاقتور سمجهي هو

ڪڏهن بہ پوئتي هٽيا ناهن ۽ نہ ئي انهن جي حوصلن ۾ تر جيترو ڪو فرق ڏسڻ ۾ آيو آهي. پروفيسر عزيز الدين لکي ٿو تہ:

”رسول بخش پليجي جي بين الا قواميت رڳو پاڪستان جي مختلف قوميتن جي اتحاد تائين محدود ناهي. هو ان کان بہ اڳي وڌڻ چاهي ٿو. ان جي بين الا قواميت ۾ ايشيا پئسفڪ جون قومون ۽ ملڪ بہ اچن ٿا. ان کان پوءِ سڄي مظلوم دنيا اچي ٿي ۽ ان کان بہ اڳين مرحلي ۾ سڄي دنيا جا انسان اچن ٿا.“ (18)

رسول بخش پليجي نہ صرف سياست ۾ نوان لاڙا متعارف ڪرايا آهن ، پر ادب ۾ بہ هن هميشہ نئين ڪان نئين ۽ جديد تحرير ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. سندس لکيل ڪهاڻيون ادبي شاهپاري جي حيثيت رکن ٿيون. سندس ڪهاڻين ۾ انقلابيت تي گهڻو زور ڏنل آهي. هر ڪهاڻي سماج جي ڪنهن نہ ڏقيانوسي ۽ فرسوده نظام جي خلاف هڪ دستاويز جي حيثيت رکي ٿي. هي سنڌ جو ٻيو انسان آهي جنهن سنڌ جي پيڙهيل، هراسيل طبقي يعني عورت جي اهنجن جي ڳالهہ گهٽي ڪان گهڻو ڪيو آهي. ان ڪان اڳ لطيف سائين جي سموري شاعريءَ جو محور ۽ مرڪز عورت جي آجپي ۽ وفاداريءَ تي منحصر آهي. پليجي صاحب جي ڪهاڻين جا بہ اڪثر ڪردار ان ڏتڙيل عورت جي آجپي ۽ آزادي تي آڌاريل آهن. سندس ڪهاڻيون نج سنڌي سماج جي ٻهراڙين جي پسمنظر ۾ پيش ٿيل آهن. عورتن جي رشتن ڪان وٺي بهادرين تا.ين سندن قصا بيان ٿيل آهن.

پروفيسر گل ڪتوهڙ لکي ٿو تہ:

”ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌ جي مهڪندڙ مٽيءَ مان ڪيترائي عظيم انسان پيدا ٿيا آهن ۽ ٿيندا رهندا. انهن مايا ناز شخصيتن منجهان رسول بخش پليجو جو نالو بہ نمايا آهي. پليجي صاحب جي شخصيت جا ڪئي ئي پهلو آهن. هو قوم پرست ۽ ترقي پسند سياستدان تہ آهي ئي آهي، پر ان سان گڏو گڏ، ادبي ڪيتر ۾ بہ سندن خاشو حصو آهي. سندس ڪهاڻي جي ڪتاب ”پسين ڳاڙها گل“ ۾ ڪجهہ ڪهاڻيون تہ ادبي شهپاري جي حيثيت رکن ٿيون. پليجو صاحب تمام سُٺو ترجمہ نگار بہ پڻ آهي. دنيا جي عظيم ادب کي سولي سنڌيءَ ۾ ڪمال ڪاريگريءَ سان ترجمو ڪري اسان تائي پهچايو آهي. جنهن سان سنڌي ماڻهو ٻاهرين ادب سان روشناس ٿيا آهن. هوئين بہ سياسي ۽ تخليقي ادب ۾ سندس نمايان ڪردار آهي. ”صبح ٿيندو“ ”واٽو ويهہ ٿيون“ ”اڄ اَڳڙيا آيا“ ” مائوزي تنگ جي سوانح حيات ۽ ٻيا انيڪ ڪتاب سندس بهترين نثري لکڻين منجهان آهن. ان ڪان علاوه پاڻ چوٽيءَ جا مقرر ۽ منتظم پڻ آهن. رسول بخش پليجو هڪ گهڻ پاسائين شخصيت جا مالڪ آهن.“

مظهر لغاري پنهنجي تحرير ”آجيان“ ۾ لکي ٿو تہ:

”رسول بخش پليجو سنڌ جو بهترين ڪهاڻيڪار، شاعر سِينِي ڪان سُٺو نقاد ۽ سياستدان آهي. سنڌ ۾ عام طور تي سڀ ڪان سُٺو نثر شيخ صاحب جو سمجهيو ويندو آهي. ان کي پڙهي عام پڙهندڙ ائين حيران ٿيو وڃي. جئين ڪنهن دور ۾ موت جي کوهہ ۾ ڪنهن کي موٽر سائيڪل هلائيندي ڏسي ماڻهو حيران ٿيندا هئا. پر رسول بخش پليجو جو نثر وڌيڪ فطري ۽ بي ساختہ ان ڪري آهي جو پاڻ لکن جي اهڙي مجمع باز اسٽائيل جي پاڇي کان پري آهي. ۽ پيو تہ هو ان لاءِ آيو ئي ڪونهي ڪ اٽڪل سٽڪل ڪري ماڻهن کي حيران ڪجي. توني جو سندس لکڻيءَ جو شفاف سرچشمون ۽ ٻولي آبشار اهڙيون تہ خوبصورت شيون آهن. جن جي سنڌي ادب جي هن رڻ ۾ موجودگيءَ تي ڏندين آڱريون اچيو وڃن. اهڙيءَ ريت اسان سنڌي ماڻهن وٽ پليجو صاحب اهو اڪيلو صاف شفاف آئينو آهي. جنهن ۾ سنڌ جو چهرو نظر اچي ٿو.“ (170)

رسول بخش پليجي سياست کي آسمان تان لاهي زمين تي آندو آهي. ڪنهن دور ۾ سياست صرف وڏيرن، جاگيردارن جي ميراث هوندي هئي. پليجي صاحب پنهنجي عقل، سياسي سمجهہ بوجهہ جي ڪري محلن ۾ قيد سياست کي پنهنجي اصلي رنگ روپ ۾ آڻي عام انسان تائين پهچايو آهي. هڪ سياسي مدبر ۽ ليڊر جون اهي خوبيون هونديون آهن تہ، جن جي حقن لاءِ سياست ڪئي ٿي وڃي، جيڪڏهن انهن کي ئي سياست جي علم جي خبر نہ هوندي تہ پوءِ تبديلي ڪٿان ايندي ۽ ڪئين ايندي؟ هن پنهنجي ڪارڪن جي اهڙي تہ سياسي تربيت ڪئي جو، اڄ هو ڪنهن بہ سياسي فورم تي پنهنجو ڪيس بنا ڪنهن ڊپ، ڌڪا، رعب تاب جي وڙهي سگهن ٿا. جيڪڏهن پليجو اسان جي صفن ۾ نہ بہ هوندو تہ اسين پنهنجي ليڊر جي ڏسيل واٽ تي هلندي سوڀون ماڻي سگهون ٿا. ڊاڪٽر علي گل ميتلو لکي ٿو تہ:

”پليجو صاحب سنڌي قوم جي حق پرست جهدو جهد کي پنهنجي ڏاهپ دانائي ۽ سورهيائيءَ سان لاهين چاڙهين ورن وڪڙنءِ اڙانگين راهن مان گذاريندي، اهڙي پوزيشن ۾ اچي بيهاريو آهي. جو سنڌي قوم هاڻي ان منزل تي پچي چڪي آهي، جو اها وڏيرا شاهيءَ جي زنجيرن کي ٽوڙي اڇلائي وڏا چال ڏئي، ايڪويهين صديءَ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اڏام ڪري سگهي ٿي.“ (20)

سچ پچ تہ پليجو صاحب، هن ڌرتيءَ ۽ قوم لاءِ قدرت طرفان هڪ انمول تحفو آهي. علم ۽ ڏاهپ جو بي ڪنارا بحر آهي. پاڻ چوڏهين چنڊ جي روشنيءَ جيان اجرا ۽ پرهہ ڦٽيءَ واري پل جيان نازڪ ۽ نفيس آهن. سندس طرفان تربيت ڪيل سندس ڪارڪن نفيس هوندي بہ ڪڏهن ظالم اڳيان جهڪيا

ناهن. اقتداري قوتن ڪيترائي ڀيرا سنڌس کي جهڪائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو اڄ تائين پليجي صاحب کي جهڪائي ناهن سگهيا. ايم آر ڊي واري تحريڪ جي اڳواٽي ۾ بدين ۾ هاري جلسو ڪرڻ تي ڪيس ڪوڙن هڻڻ سان گڏ ڊگهي سزا به ڀڏاياڻون. تڏهن به هن مٿير ڪنڌ نه جهڪايو ۽ سنڌس ڪيترن ساٿين کي به اهي سزائون ڀڏايون ويون، پر ڪو به ڪارڪن مايوس يا دلگير نه ٿيو هو. جناب پليجو هڪ ڊگهي زماني جي ويڙهه، تاريخ جي بي انت بي ڪنارا سمنڊ جي طاقتور وير جي پرهه ڪان به ملوڪ تخليق آهي. جناب رسول بخش پليجو انهن مهان ۽ جيءَ جيارن ماڻهن جي قطار ۾ انسانيت، سچائي ۽ سونهن جو جرڪندڙ چنڊ آهي. جيڪي تاريخ جي سيني جي ڌڙڪن آهن. تاريخ جا پير آهن، لکين ڪروڙين انسانن جي زبان آهن. جن کي زنجيرن ۽ زندان به منزل ڪان منهن نه موڙائي سگهيا. جن کي امڪاني موت جو خوف مقصد جي پرين ڪان پنيرو نه ڪري سگهيو.

رسول بخش پليجو، جي ذهن ۾، هميشه نوان خيال ۽ آئيڊياز جنم وٺندا رهندا آهن. هو انهن نون خيالن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ سائنٽيفڪ انداز سان، پنهنجن ڪارڪنن تائين پهچائيندو رهندو آهي. سنڌس اڄ تائين هر ڪارڪن، سائنسي ادب ۽ علم جي هٿيار سان ليس آهي. سنڌ ۾ ورلي ڪو اهڙو ڪارڪن ملندو، جيڪو انهن علمن ڪان نا آشنا هجي. سنڌس سمورا سياسي توڙي ادبي ڪارڪن دنيا جي مختلف علمن ۽ فنن تي عبور رکندڙ آهن. هن پنهنجي سياست کي لفاظي بدران سائنس ۽ فلسفي سان ڳنڍيو، ته جيئين سنڌي ماڻهو رڳو، ٻين سياسي پارٽين وانگر لڪير جا فقير ٿي نه رهن. هو دنيا جي سمورن فلسفن سان تعلق ۾ رهن. ڇاڪاڻ جو، سنڌي ماڻهن جو جياپو علم ۽ دانش سان وابسطه آهي. اهي جيڪڏهن علم ۽ تخليقي فن ڪان پري رهيا ته سنڌن زندگيءَ ۾ جياپي وارو سفر مشڪل بڻجي پوندو. پوءِ هو سٺي حياتي، اڻ پڙهيل انڌن اونڌن ويڇن، وڏيرن، جاگيردارن، پيرن، ميرن جي پيرن ۾ ڪريا پيا هوندا. ڊاڪٽر بخت جمال لکي ٿو ته:

”پليجو صاحب سنڌ ۽ ملڪ ۾ هر نئين سياسي روايت وجهڻ جو باني آهي. هو ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ جي باني منجهان هو. هن ساگردن جي مطالبن کي عوام سان ڳنڍڻ جي شروعات ڪئي. سنڌ ۾ هي پهريون ماڻهو هو جنهن سائنسي ڊنگ سان قومي ۽ طبقاتي جهدو جهد کي ڳنڍڻ جي شروعات ڪئي. تنهن وقت سڀ ان جا مخالف ٿي پيا، پر اڄ سڀ پاڻ کي ان جا وارث ٿا سڏائين. سڀ قومي ۽ طبقاتي جهدو جهد جي ڳالهه ڪن ٿا. هن اتحادن ۽ ملڪ گير سياسي پارٽين جي ڳالهه ڪئي. ڪوڙن قوم پرستن ۽ ٺڳ ترقي پسندن فتوائون ڏنيون ته اهو ڪفر آهي. پر جن اهي فتوائون جاري ڪيون سي سڀني ڪان اول اهي پارٽيون ناهي ويهي رهيا.“ (21)

پاڻ مٿي بيان ڪري آيا آهيون ته پليجو صاحب، سنڌي ماڻهن ۽ پنهنجي ڪارڪنن سان بي حد پيار ڪندو آهي. تنهن سان گڏو گڏ سنڌ جي پورهيت ۽ دنيا جي مظلوم عوام سان هن هميشه دلي همدردي ڪئي آهي. جتي به ڪنهن پورهيت سان ظلم ٿيندو ڏسي ٿو، ته اتي سڀ کان اڳ پليجي صاحب جي آواز جي، گونج ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. مون وانگر هر ڪارڪن فخر محسوس ڪندو آهي ته اسان سندس انقلابي ۽ سائنسي سوچ واري تنظيم جا ادنيٰ رڪن آهيون. زاهده شيخ لکي ٿي ته:

”آءُ پليجي صاحب جي اٿاهه محنت، سڄي دنيا جي مظلوم قومن لاءِ پاڻ پتوڙڻ، سندن ذهانت وقتائتن فيصلن ۽ پاڻ وسارڻ ڏسندي آهيان. تڏهن مون کي فخر ٿيڻ لڳندو آهي، ته آءُ ان تنظيم ۾ شامل آهيان. جنهن جو اڳواڻ رسول بخش پليجو آهي.“(22)

پليجي صاحب جا ڪيترائي ڪارناما آهن. سندس شخصيت ڪرشماتي آهي. هو جڏهن به ڳالهائيندو يا تقرير ڪندو آهي ته، لکين ماڻهن مٿان سناٽو ڇائنجي ويندو آهي.اها ان جي شخصيت جي سحر انگيزي آهي. هن پيرن اگهاڙن ماڻهن کي انقلابي بڻائي ڇڏيو آهي. ٽرجي جهوپڙن ۾ گذاريندڙ ٽري عورتون هجن يا مرد صفا اڻ پڙهيل، پر جي اوهان قومي ليول يا دنيا جي عظيم انقلابن تي انهن سان ڳالهائيندو ته اوهان کي ڏنديں آڱريون اچي ويندڀون. ۽ يڪدم اسان سمجهي ويندا سين ته هي ڪارڪن عوامي تحريڪ جا آهن. قوم پرستيءَ جي نالي تي نڳيندڙ غريب عوام کي پليجي صاحب زبان بخشي آهي.انهن کي پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ جو حوصلو ڏنو آهي. وهمن ۽ وسوسن مان ٻاهر ڪڍيو آهي. جيڪي اڄ پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ وطن جي ترقي لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. اسماعيل راهو لکي ٿو ته:

”پليجي صاحب سنڌي ماڻهن کي جهالت مان، پوئتي پيل سوچ مان، ڪوڙي قوم پرستي جي پوئلڳي ڪرڻ کان، تمام گهڻين بيمارين مان ڪوڙهه جي مرضن مان، سنڌي ماڻهن کي ڪڍي ان پوزيشن ۾ آوندو آهي. ان سطح تي آندو آهي. جتي اڄ توهان ڏسو ٿا. اڄ جيڪي سنڌي ماڻهو، اڄ جيڪي سنڌي عورتون سنڌ جا ٻار، ٻيدا، ٻچا، شاگرد هيڏي حوصلي سان، سورهيائيءَ سان اڳتي وڌي رهيا آهن. اهو ڪارنامو رسول بخش پليجي جو آهي.“ (23)

پليجي صاحب جا هوئين ته هزارين ڪارناما اهڙا آهن، جن تي ڪي ئي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. پر سڀ کان نرالو ڪارنامو اهو آهي، ته هن هر معاملي ۾ٌتي پيل سنڌي عورت کي شعور واري پاسي تي آڻي، علمي سجاڳيءَ سان گڏو گڏ پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ جهدو جهد تي آماده ڪيو. جيڪي عورتون رڳو گهرن جي چارديوارين ۾ قيد هيون. اڄ اهي عورتون سياسي حوالي سان وڏو شعور

رڪن ٿيون. ملڪي سياست جو اهم حصو سمجهيون وڃن ٿيون، اهو ڪمال صرف پليجو صاحب ئي ڪري سگهي ٿو. اقبال حيدر لکي ٿو تہ:

”هو منهنجي جدوجهد جا ساٿي رهيا آهن. منهنجي ساڻن ملاقات هاءِ ڪورٽ جي ورانڊن ۾ ٿي آهي. جتي هو قيد دوران پنهنجو ڪيس پاڻ لڙڻ ايندا هئا. اسان جا رستا اسان جا رشتا جيل جي چار ديوارين ۾ رهيا، اسپتال ۾ رهيا، ايم آر ڊي جي ميٽنگن ۾ رهيا، جلسن ۾ رهيا ۽ ان ناتي سان اڄ آءُ هتي موجود آهيان. هتي پنهنجي ڀينرن جو هيڏو وڏو تعداد ڏسي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. سائين پليجو صاحب سنڌ جي عورتن کي اهڙو شعور ڏنو آهي. جو اڄ هو سياسي محفلن ۾ مردن سان گڏ ويٺيون آهن. ۽ اها ئي سنڌ جي ضرورت آهي.“ (24)

اهي قومون ڀاڳ واريون چئبيون آهن، جن وٽ علم پرور، ادب پرور شخصيتون موجود هونديون آهن. انهن جي موجودگي قومن لاءِ اتساهہ جو سبب آهن. ڇاڪاڻ جو، اهي جينئس فرد رات ڏينهن پنهنجي پورهيت ۽ مظلوم طبقي لاءِ نيون نيون راهون گهڙڻ ۽ نوان نوان خيال قوم کي ارپڻ ۾ مصروف عمل نظر اينديون آهن. رسول بخش پليجو بہ انهن فردن جي لڙهي جو موتي آهي. جن بہ پنهنجي پورهيت عوام جي اهنجن، سورن ۽ دردن جو درمان ڪيو، تن کي تاريخ ڊگهي عرصي تائين ياد رکندي آهي. اسان وٽ اهڙا سيوين مثال موجود آهن، جن انسانيت جي فلاح ۽ ڀهبود لاءِ پنهنجيون زندگيون وقف ڪري ڇڏيون آهن. انهن محسنِ انسانيت منجهان حضور اڪرم ﷺ جن سرفهرست آهن. سندن سموري ڄمار هن ڌرتيءَ تي رهندڙ انسانن جي چڱڀلائيءَ لاءِ هڪ لازوال ڪردار موجود آهي. انهيءَ تسلسل کي برقرار رکڻ لاءِ ڪيترائي فرد هن ڪائنات ۾ جنم وٺندا رهيا آهن. انهن جي طويل فهرست موجود آهي. پر اسان هت، پنهنجي سنڌ ڌرتيءَ جي ڳالهہ ڪنداسين تہ ان تي بہ اهڙين هستين جنم ورتو جن پنهنجي ڌرتيءَ تي علم ادب جي آبياريءَ لاءِ پاڻ موکيو آهي. جنهن ۾ لطيف سچل،ساميءَ کان وٺي رسول بخش پليجي تائين محسن انسانيتن جي لسٽ موجود آهي. رسول بخش پليجو نہ صرف ادب ۾ پاڻ ملهايو آهي، پر سياسي پچ تي بہ هي نت نوان ۽ نڪور آئيڊياز کڻي ميدان ملهايو آهي. جامي چانڊيي جي لکڻ موجب :

”ادب توڙي سياست ۾ هو سنڌ ۾ نيون، ترقي پسند، عوام دوست سگهاريون ۽ سائنسي روايتون اڏيندڙ ۽ بنياد تخليق ڪندڙ شخص آهي. ادب کي خيال پرستي، سطحيت ۽ مدي خارج خيالن کان ڪڍي عوام دوست، ترقي پسند، سائنسي، فني ۽ فڪري معيارن سان سلهاڙي ان کي عوام جي روحاني ۽ مادي ترقيءَ جو سرچمو بنائڻ ۽ سياست کا وڏيرا شاهيءَ جي روايتي، جاگيرداريءَ ۽ بدبودار عوام دشمن مفادن ۽ قدرن جي طبقاتي ڪن مان ڪڍي عوام جي آزادي ۽ ترقيءَ جي جدوجهد ۾ تبديل

ڪرڻ ۾ هن جو وڏو Contribution آهي. اهڙي ساک شيخ اياز، ابراهيم جويو، سراج، رشيد ڀٽي ۽ ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻيءَ جهڙا عالم بہ ڏئي چڪا آهن.“ (25)

پروفيسر برڪت بلوچ لکي ٿو تہ: جيڪڏهن مون کان پڇيو وڃي تہ نقاد، دانشور، ڏاهي، مترجم، سياستدان، انقلابي ۽ قانوندان، اهي سڀ پهلو لڪائيندڙ هڪ شخصيت ۽ ان شخصيت جو جيڪڏهن ڀٽائيءَ جي هڪ سٽ ۾ مختصر تعارف ڏجي تہ اها سٽ ڪهڙي آهي. انهيءَ جو جواب آهي:

”جان جان هئي جيئري، ورچي نہ ويٺي.“

پليجي صاحب جي سڄي بالغ زندگي هڪ متحرڪ يعني چرپر واري هُئي. مولانا آزاد سورت والعصر جو ترجمو هئين ڪيو آهي. ”مون کي وقت جي تبديلين جو قسم، جن وقت جي تبديلين جو ساٿ ڏنو آهي، اهي ڪامياب ويا ۽ جن تبديلين جو ساٿ نہ ڏنو آهي، اهي نقصان ۾ ويا.“ پليجو صاحب دنيا جي انهن چند شخصيتن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. جن پنهنجي ديس جي معروضي حالتن کي سمجهيو ۽ ان مطابق پنهنجي ديس واسين کي ذهني سُجاڳيءَ جو درس ڏنو. پليجي صاحب جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامون هڪڙي سماجي سائنسدان وارو بہ آهي. جنهن جون واٽون سڀني لطيف فنن ڏانهن بہ وڃن ٿيون. اهو آهي ڀٽائيءَ کي روايتي غير عقلي، وهمي، اجايو مذهبي، غير فني مفروضن مان ڪڍي ۽ خيال پرستيءَ جي اسمانن مان لاهي، لطيف کي ڌرتي ۽ ڌرتي ڌڻين جو وارث شاعر ثابت ڪيو. اها پليجي صاحب جي وڏي ڊسڪوري آهي. جنهن جا اولڙا ڀٽائيءَ تي سندس ڪيل ڪم مان محسوس ڪري سگهجن ٿا.

حور النساءِ پليجو لکي ٿي تہ:

”سچ پچ تہ پاڻ علم جو سمند آهي. اهو علم جيڪو هر حال ۾ پين تائين منتقل ٿين گهرجي تہ جيئن اسان جو پڇو پڇو ڪارائتو ٿئي. پنهنجي ڌرتي ۽ قوم جو سچو پچو هڏ ڏوکي ٿئي. سکڻ ۽ سيکارڻ کي وڏي ترجيح ڏنائين هميشہ نين تخليقن، نون خيالن ۽ نون تجويزن کي اهميت ڏنائين. پاڻ ننڍڙي راند هجي يا راڳ هجي، کهاڻي هجي يا مضمون هجي پر ان جي سکڻ ۽ سيکارڻ ۾ ايڏي تيزي ڏيکاريندو جو ائين پيو ڀائبو تہ اهو ڪم هيئر جي نہ ڪبو تہ سڄي دنيا اونڌي ٿي پوندي. پر پوءِ انهيءَ تيزي ۽ تياريءَ جا شاندار نتيجا نڪرندا آهن.“ (26)

خدا تعاليٰ گهٽ ماڻهن کي علم ۽ ڏاهپ سان نوازيندو آهي. پر جن جي بہ چونڊ ڪندو آهي، اهي هن دنيا تي وڏي گهري ڇاپ ڇڏيندا آهن. اهڙا لکين مثال اسان جي سامهون آهن. پيغمبرن کان ولين، اصحابن سڳورن ۽ پنجتن تائين اهڙن ماڻهن جي ڪائي ڪمي ناهي. پر انهن کان پوءِ بہ هن ڌرتيءَ

جي سنوار سڌار لاءِ ڪيترائي ولي ۽ ڏاها پيدا ٿيندا آيا آهن. جن وقت بوقت پنهنجي قوم ۾ ڏرتيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي. رسول بخش پليجو به سنڌ جي ماڻهن لاءِ اهڙو ئي تحفو آهي. جنهن جي ذهن ۾ علم، ڏاهپ ۽ شعور جا درياهه وهن ٿا. هو پنهنجي انهن صلاحيتن کي پنهنجي پورهيت عوام لاءِ صرف ڪرڻ ۾ ڏينهن رات محو نظر ۾ اچي ٿو. هو ، سماجي سائنس جي لائبرري آهي. جنهن وٽ پنهنجي قوم کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ نت نوان طريقا، آئيڊياز سمنڊ جي ڇولين جيان ڇلڪندي نظر اچن ٿا. رمضان نظاماڻي لکي ٿو ته:

”هن جي پائي جو سنڌ ته ڇا پر پاڪستان ۾ به ڪو ماڻهو نه آهي. هو هلندڙ ڦرندڙ لائبرري آهي ۽ علم جو پنڊار آهي. هو سدا مرڪندڙ ڪلمڪ ۽ پيار جو سمنڊ آهي. جنهن ۾ اسان جهڙا ڪيئي ڏيهون هٽي ڪجهه نه ڪجهه ڳوليندا رهن ٿا. شل ڪيس جهجهي حياتي ملي. ۽ سندس سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن بابت سپنا پورا ٿين.“ (27)

سنڌي ادب ۾ ترقي پسند ادب جي پايي وجهندڙن ۾ رسول بخش پليجي جو اهم ڪردار آهي. رجعت پسند قوتن سان پنهنجي قلم ۽ علمي دليلن وسيلي بهادريءَ سان، انهن جي چالبازين کي ناڪام ڪيائين. سندس هڪ وڏو ڪارنامو پيو به آهي ته، سڀ کان اول سياسي ادب به هن متعارف ڪرايو. سندس نثري لکڻيون اهڙي ثابتي ڏيئي رهيون آهن. هن پنهنجي ڪهاڻين وسيلي ٻهراڙي جي عورت جي اڌمن ۽ ان سان ٿيندڙ ناجائزين جو ڀرپور اظهار ڪيو آهي. سماج پاران ناهيل هٺ ٺوڪين اصولن خلاف سندس ڪهاڻين ۾ چٽي تصوير چٽيل نظر اچي ٿي. ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي لکي ٿو ته:

”سنڌ جي علمي حلقن ۾ ”رسول بخش پليجو“ هڪ مضمون نگار نقاد ۽ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ ، هڪ معروف اديب طور اڳتي سڃاتل هو، ليڪن ڪافي عرصي کان هو سياست ۾ عملي طور حصو وٺندو رهيو آهي ۽ هڪ مدبر سياستدان جو نالو به پيدا ڪيو اٿس. حاليه دور ۾ هڪ سياسي رهنما جي حيثيت ۾ سياسي پارٽيءَ جي اڳواٽي ڪري رهيو آهي، ليڪن جنهن ڳالهه سندس شخصيت کي اجان به قدآور بڻايو آهي، سا اها آهي ته هن سنڌي ادب ۾ سياسي انڪار ۽ لٽريچر جو، قابل قدر اضافو آندو آهي.“ (28)

رسول بخش پليجو ادبي ڪيتر ۾ اعليٰ مقام رکي ٿو. هن اڄ تائين جيڪو ڪجهه به لکيو، سو شاندار آهي . سندس لکڻيون عالمي ادب جي لکڻين کان ڪنهن به طرح گهٽ ناهين.، ڪو وقت ضرور ايندو، جو پليجي صاحب جي لکڻين تي ڪيس ادب جي نوبل انعام لاءِ چونڊ ڪئي ويندي. سندس لکڻين ۾ اتساهه آهي، هڪ جادوگري آهي، پڙهندڙ مٿان سحر تاري ڪري ڇڏين ٿيون. هر تخليق ۾

ڪو نہ ڪو مقصد لڪيل هوندوآهي. بنا مقصد جي ڪابہ تخليق هو ڪندو ئي ناهي. پليجي صاحب جون تحريرن ۾ جي گهاٽي ڇانو وانگر آهن. ڊاڪٽر ملڪ نديم لکي ٿو تہ: رسول بخش پليجو پنهنجي سنڌي قوم سان ڪميٽيڊ هوندي بہ گڏيل انساني دنيا جي گولي جو هڪ با شعور آزادي پسند، امن جو خواهان، انساني برادري ۾ هڪ پختو يقين رکندڙ طور هڪ اديب ۽ دانشور محسوس ٿئي ٿو. هو هنن ڪتابن ۾ دنيا جي سمورين چڱاين ۽ سچاين ۽ نيڪين جو طرفدار آهي. هو دنيا جي سمورين سهڻين ۽ سُٺين ثقافتن تهذيبن جو حمايتي ۽ واڪاڻيندڙ آهي. هو هنن ڪتابن ۾ دنيا جي سمورين عوام دوست علمي، ادبي، تعليمي، ثقافتي ۽ سياسي شخصيتن جو مداح ۽ ثنا ڪندڙ آهي. هو سنڌ کي دنيا وانگر خوبصورت ۽ خوشحال ۽ امن ۽ آزاديءَ جو گهوارو بنائڻ جو خواهش مند آهي."

ڪامريڊ فيض علي ڪتوهڙ راءِ ڏيندي چوي ٿو تہ: "محترم رسول بخش پليجو ڏاهپ جو اهو ڪتاب آهي. جنهن مان ڪيترائي سونهن،سچ جا سلا ڦٽي هن ڌرتيءَ کي سرسبز بنائيندا آهن. سندس جو عشق ڌرتي ۽ ڌرتي وارن سان ائين جڙيل آهي. جيئن چنڊ سان چڪور جو، جئين سمنڊ سان ڪنارن جو، جيئن آسمان سان ستارن جو. پاڻ سدائين سنڌي ماڻهن جي وسيلن کي ڦٻائيندڙن سان منهن مقابل هوندا آهن. هڪ پل لاءِ بہ غافل ناهن رهندا. جيئن سچل سرمست فرمايو آهي تہ.

"جو پل غافل، سو پل ڪافر"

ننڊ هجي يا سجاڳ پليجو صاحب هر دم پنهنجي ڌرتيءَ ۽ پورهيت طبقي لاءِ جاڪوڙيندو ۽ جبل جاڳيندو رهي ٿو."

هن ڌرتيءَ کي اهو بہ اعزاز حاصل آهي تہ، هن جي هنج منجهان جيڪي بہ مٽير پيدا ٿيا آهن. جنهن پنهنجي هڪڙي الڳ ٿلڳ سڃاڻپ برقرار رکي آهي. ڪي شاعر، ٿيا تہ ڪن منصوري نعره بلند ڪيو تہ ڪن سياست جي ميدان ۾ ملڪ جو دنيا ۾ نالو روشن ڪيو ۽ ڪن وري ڏاهپ جي ميدان ۾ پاڻ ملهايو. ڪن شخصيتن ۾ مٿيون سڀئي خوبيون نظر اچن ٿيون. انهن ۾ رسول بخش پليجو جو نانءُ سر فهرست آهي. هو انيڪ خوبين جو مالڪ آهي. جنهن کي دنيا جي عظيم انسانن سان ڳڻي سگهجي ٿو. امجد دراني پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ:

"سنڌ هر دور ۾ دنيا کي اچرج ڏيندڙ ذهن پيدا ڪيا آهن. جن سنڌ جي سڃاڻپ جو تسلسل بحال رکيو آهي ۽ جيڪي سنڌ جي چپڪي مٽيءَ ۽ سنڌو درياهہ جهڙا اڏول ثابت ٿيا آهن. ڪمال سنگ هجي،هوچي منهن، لينن، ڪرل مارڪس، اينجل، مائوز تنگ، ابرهم لنڪن، ذوالفقار علي ڀٽو، ياسر عرفات، فيڊرل ڪاسترو، چي گوريا ۽ ادبي حوالي سان پال سارتري، جهڙن شخصيتن جهڙو انسان

رسول بخش پليجو آهي. جنهن کي اڄ تائين اهو مقام نہ مليو آهي، جنهن جو هو حقدار آهي. شاهہ لطيف کي بہ سؤ سالن کان پوءِ سڃاڻپ ملي ان جو کو بہ افسوس ناهي. پر ايترو ضرور چوندس تہ قيمتي شيءِ جو قدر ان جي وڃڻ کان اڳ ڪرڻ گهرجي.“

هاري ورڪر ممتاز حسين ڪٽوهڙ پليجي صاحب جون يادون هن طرح بيان ڪيون آهن. سندس چوڻ آهي تہ. هڪ ڏينهن اسان جي شهر خيرپور ۾ پليجي صاحب جو ليڪچر رکيل هو. اوسي پاسي جي ڳوٺن جا ڪيترائي هاري ۽ مزدور آيل هئا. اسان بہ ڪامريڊ امير گل ڪٽوهڙ سان گڏجي ان ليڪچر ۾ وياسون صبح جو 9 بجہ کان وٺي جو پليجي صاحب ڳالهايو تہ رات ٿي وئي. مون اهڙو قابل انسان پوري حياتيءَ ۾ ناهي ڏٺو. اسان سمجهندا هئا سين تہ امير گل ڪٽوهڙ اسان جي ننڍڙن ٻارن کي روز روز گهلي ڪچهرين ۾ ويهاري وقت برباد ڪري ٿو. يقين پڇو تہ مون ان ڏينهن کان وچن ڪيو تہ ڪجهہ بہ ٿي وڃي مان پنهنجي اولاد کي پڙهائيندس. انهن کي پليجي صاحب وانگر بڻائيدس. ڏکين حالتن هوندي بہ مون پنهنجي اولاد کي پڙهايو. ان جو سڄو ڪريڊٽ پليجي صاحب کي ارپيان ٿو.جيڪو اسان مسڪين ، مزدورن، هارين جي حقن لاءِ ڏينهن رات سوچي ٿو.عزيز ٽالپر لکي ٿو تہ:

”رسول بخش پليجي جهڙو مدبر،سچار، يگانو، مرد مجاهد، ڏاهو سياستدان سنڌين کي وري ڪڏهن نہ ملندو.“

هن جي پنهنجي قوم سان بي انتها پيار آهي، انهن لاءِ سوچي ٿو ۽ انهن جي مرضن جي دوا ڪري ٿو. سماج ۾ اوڏهيءَ وانگر گهر ڪري وڃڻ وارين، مدي خارج ريتن رسمن جي ديوارن کي ڊاهڻ لاءِ هو خود مزدور بڻجي وڃي ٿو. هو قوم جي هر ڏک سک ۾ گڏ هوندو آهي. هو اسان جي دور ۾ ايندڙ وقت جي تاريخ آهي. امداد ڪٽوهڙ پليجي صاحب لاءِ پنهنجي راءِ ڏيندي چيو تہ:

”محترم رسول بخش پليجو جي شخصيت هڪ مڪمل تاريخ آهي. جنهن مان اسان سنڌي ماڻهو گهڻو ڪجهہ پرائي سگهون ٿا. پليجو صاحب ڏينهن رات قوم جي خدمت ۾ پيش پيش رهندو آهي.“

جيڪي قومن جا اڳواڻ هوندا آهن. اهي هميشہ سجاڳ رهندا آهن، چاڪاڻ جو انهن مٿان قومي ذميواري عائد ٿئي ٿي. سڄاڻ اڳواڻ پنهنجي ڌرتيءَ جي ائين حفاظت ڪندا آهن، جيئن ماءُ پنهنجي ٻار جو، هاري پنهنجي فصل جو. هي جيڪا سنڌي ماڻهن ۾ ڀرپور سجاڳي آهي، سا انهن اڳواڻن جي بدولت آهي. ڪامريڊ جعفر ڪٽوهڙ پنهنجي راءِ ڏيندي چوي ٿو تہ: پليجي صاحب جا وڏا احسان آهن هن قوم تي، جيڪا وڏيرن ۽ جاگيردارن جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاٿل هئي. انهيءَ قوم کي بهادر بنائڻ ۾

پليجي صاحب جو اهم ڪردار آهي. اڄ اسين جيڪي ڪجهہ آهيون ، ان جو سڄو ڪريڊٽ پليجي صاحب ڏي وڃي ٿو. اسان انتهائي پُٺتي پيل علائقن سان واسطو رکندڙ آهيون ۽ اسان جي بلوچ قوم ۾ وهم پرستي ۽ پير پرستي ٻين قومن کان سرس آهي. انهن وهمن ۽ وسوسن کان اسان کي پليجي صاحب ٻاهر ڪڍيو.

## حوالا


(1) شيخ اياز. مضمون. عظيم انقلابي ٿيوريٽيشن. طارق، اقبال. مرتب. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991 ع. 12، 13.

(2) نبي بخش. بلوچ، ڊاڪٽر مضمون. ٻہ خوبيون. طارق، اقبال. مرتب. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991 ع. 53.

(3) جويو، محمد ابراهيم. مضمون. عظيم پوليءَ جو عظيم نثر نويس. طارق، اقبال. مرتب. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991 ع. 54.

(4) ماهتاب محبوب. مضمون. پليجو قوم جو مسيحا. طارق، اقبال. مرتب. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991 ع. 20.

(5) رشيد ڀٽي. مضمون. رجعت پرستيءَ کي جواب. طارق، اقبال. مرتب. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991 ع. 14، 15.

(6) محترمہ بينظير ڀٽو. مضمون. 1986 ع ۾ ٺٽي ۾ خطاب. طارق، اقبال. مرتب. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991 ع. 64، 65.

(7) مهاڳ، ابن حيات، پنهور. انڌا اونڌا ويڄ. ڇاپو ٽيون. حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر. 1996 ع. 2.

(8) آغا سليم. مضمون. نئون نياپو.1985ع. طارق، اقبال. مرتب. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991 ع.67.

(9) مهاڳ، ابن حيات پنهور. انڌا اونڌا ويڄ. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. 2017ع. 4.

(10) ڊاڪٽر عبدالغفار قاضي. مضمون. يادگيريون. طارق، اقبال. مرتب. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991 ع. 80، 81.

(11) غلام علي مغل. مضمون. رسول بخش پليجو. طارق، اقبال. مرتب. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991 ع. 82.

(12) الهداد ٻوهيو. مضمون. جڳ ملوڪ اديب. طارق، اقبال. مرتب. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991 ع. 86.

(13) طارق اشرف. مضمون. رسول بخش پليجو. طارق، اقبال. مرتب. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991ع. 107.

(14) الطاف شيخ. مضمون. ڪجھ خبرون جيڪي سوچ جو سامان مهيا ڪن ٿيون. طارق، اقبال. مرتب. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991ع. 109.

(15) طارق، اقبال. مرتب. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991ع.111.

(16) نورالهديٰ شاھ مضمون. اسان جو جينيئس مرتب. طارق، اقبال. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991ع. 114، 115.

(17) طارق، اقبال. مرتب. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991ع. 130.

(18) طارق، اقبال. مرتب. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991ع. 162.

(19) طارق، اقبال. مرتب. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991ع. 170.

(20) علي گل ميتلو، ڊاڪٽر. مضمون.بي ترتيب جملا. مرتب. طارق، اقبال. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991ع. 189.

(21) بخت جمال، ڊاڪٽر. مضمون. ۽ اهو ئي پليجو آهي.مرتب. طارق، اقبال. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991ع.

(22) زاهده شيخ. مضمون. جيئن مون ڏٺو. مرتب. طارق، اقبال. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991ع. 242.

(23) اسماعيل راهو. مضمون.جوڳيءَ تي جڙاءُ. مرتب. طارق، اقبال. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991ع. 253.

(24) اقبال حيدر. مضمون.جوان چهرو جوان فڪر. مرتب. طارق، اقبال. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991ع. 254.

(25) جامي، چانڊيو. مضمون. پليجي صاحب جو شخصي خاڪو ۽ ڊائريءَ جو اپياس. مرتب. طارق، اقبال. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991ع. 261،262.

(26) حورالنساءِ پليجو. مضمون. عظيم پاءُ. مرتب. طارق، اقبال. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991ع.283.

(27) رمضان نظاماڻي. مضمون. پريس جي انچارج ۽ ”صبح ٿيندو“ جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ پليجي سان ملاقات. مرتب. طارق، اقبال. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991ع. 297.

(28) شمس الدين عرساڻي. مضمون. پي_ ايڇ _ ڊي لاءِ مقالو، رسول بخش پليجو. ”رسول بخش پليجو“. مرتب. طارق، اقبال. رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر، سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو. 1991ع. 298.

باب چوٿون

# رسول بخش پليجي جو ڪيل تنقيدي ڪم ۽ سنڌي ادب تي ان جو اثر

ادب، ٻوليءَ جو اڻ مَيو سرمايو آهي. انهيءَ سرمايي جي بدولت قومن جي سڃاڻپ رهندي دنيا تائين رهندي آهي. اهي قومون پاڳوند هونديون آهن جن جي ٻوليءَ ۾ شاهڪار ادب موجود هوندو آهي. انهيءَ حوالي سان اسان جي سنڌي ٻولي بہ انهن ٻولين ۾ شمار ڪري سگهجي ٿي، جن ۾ شاهڪار فن پارا سرجڻ جي صلاحيت موجود هوندي آهي. اسان جي نظم وارو پاسو هجي يا نثر وارو حصو هجي ٻنهي پاسن تي اسان جي اديبن شاعرن پاڻ موکيو آهي ۽ انهيءَ پوکائي ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا ڪسر ڇڏي ناهي. تنهن هوندي بہ ڪي ادب جا پاسا اهڙا هوندا آهن، جيڪي اجان تائين اُجارا اُجارا باسن ٿا يا ڪٽي ائين چئجي تہ انهيءَ پاسي تي اجان وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت هميشہ موجود رهندي آهي. اهو پاسو صحتمند ”تنقيد“ جو آهي . تخليقي ادب ۾ جيتري تنقيد شامل هوندي شيون اوترو ئي واضح ۽ شفاف نظر اينديون. جيئن اسان جي تن من ۽ جسم تي پاٽل ڪپڙن تي مير ۽ ڪٽ چڙهي ويندو آهي ۽ اسان انهن کي صاف ستروبڻائڻ لاءِ من ۽ تن کي علم جي روشنيءَ سيراب ڪندا آهيون تہ وري ڪپڙن کي ڪنهن سُٺي صابڻ ۽ صرف جي ضرورت پوندي آهي. اهڙي نموني سان تخليقڪار جي تخليق کي تنقيد جي رندي سان رهڙا ڏيئي ان ۾ دائمي چمڪ ۽ چاهہ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي تہ جيئن فنڪار جو تخليق ڪيل فن پارو ڏنڊلو نہ نظر اچي. انهيءَ علمي ڏنڊلي پن کي ختم ڪرڻ لاءِ تنقيد جون تز اکيون هئڻ ضروري آهي. گڏيل هندستان ۾ جيتري تيزيءَ سان اسان جي علم ادب ۾ شيون داخل ٿيون اوتريون ڪنهن بہ دؤر ۾ داخل نہ ٿيون آهن. ادب جي هرپاسي تي تنقيد نگارن جي عقاب واري اک هوندي هئي. 1947ع کان پوءِ جڏهن ملڪ ورهاڱي واري وار سان ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو تہ انهيءَ مهل ايڪيچار زبانون بہ انهيءَ ورهاڱي جي زد ۾ اچي ويون. انهن زبانن ۾ سنڌي زبان بہ هڪ آهي. ورهاڱي وقت اسان جي سنڌي ٻوليءَ جا سرجڻهار بہ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويا. اسان جا هندو ليکڪ پنهنجي ماتر ڀومي ڇڏي هندستان جي مختلف علائقن ۾ لڏي ويا انهيءَ نموني بدلي ۾ اسان کي هڪ لشڪري زبان جا تعصب پرست مليا، جن اچڻ سان ئي سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت سان وير رکيو جيڪا ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ اڄ تائين موجود آهي. رهي سهي ڪسر وري ون يونٽ اچي پوري ڪئي. ون يونٽ جي لاڳو ٿيڻ سان ملڪ ۾ صوبائي ٻولين جي حيثيت کي ختم ڪري هڪ ئي ٻولي رائج ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ ون يونٽ خلاف خاص طور تي سنڌي اديبن وڏي

پئماني تي احتجاج شروع ڪيا. ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ:"4 آڪٽومبر 1954ع تي مغربي پاڪستان جي چئن ئي صوبن کي ملائي ون يونٽ ٺاهيو ويو. جيتوڻيڪ ون يونٽ تہ سنڌين، بنگالين، پختونن ۽ بلوچن خلاف، بد نيتيءَ سبب ٺاهيو ويو هو، پر ون يونٽ جي قيام ، سنڌ ۽ سنڌي زبان جي سڄڻن کي تہ پاڻ متحد ۽ بيدار ڪيو. انهيءَ فيصلي سنڌي ادب جي تاريخ ۾ نئون موڙ نئون ولولو ۽ نئون انقلاب آندو. انهيءَ انقلاب ڪئين ڪهاڻيڪار، ڪئين حقيقت نگار، ڪئين شاعر ۽ ڪئين نثر نويس پيدا ڪيا." (1)

اهڙي نموني جي حڪومتي فيصلن جي ڪري سنڌي اديبن ۾ وڏي سجاڳي پيدا ٿي. سندن خيالن ۾ پختگي آئي ۽ هو پنهنجي وجايل وڪر کي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد جي ميدان ۾ نڪري آيا ۽ هنن هر سطح تي سخت احتجاج ڪيو، اهو احتجاج قلم وسيلي هجي يا روڊن رستن تي احتجاجن جي صورت ۾ هجي منظم نموني سان سنڌي ماڻهن پنهنجي ٻوليءَ جي بچاءَ ۾ تحريڪ جو آغاز ڪيو. ون يونٽ جي رد عمل ۾ جيڪو بہ ادب سرجيو ان ۾ پنهنجي ڌرتيءَ سان پنهنجي ثقافت سان پنهنجي ٻوليءَ سان پنهنجي فطري ماحول سام محبت ۾ اضافو ٿيو. انهيءَ سلسلي ۾ وڌيڪ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ:" هن دؤر( ون يونٽ قائم ٿيڻ کان پوءِ) ۾ جيڪو ادب پيدا ٿيو، تنهن ۾ پنهنجي ماحول سان پيار، پنهنجن سان پيار، سنڌ سان پيار، پنهنجي سنڌي زبان سان پيار جو پرچار، گهڻو ٿو ملي. سنڌ جي ثقافت، سنڌ جا تاريخي ۽ رومانوي ڪردار: مارئي، سسئي، ليلان، نوري، سهڻي ۽ مومل، وري نئين ويس ۾ ، نئين انداز ۾ نئين رنگ ۽ ڍنگ سان سنڌي زبان ۾ بيان ٿيڻ لڳا. سنڌي ٻوليءَ جون ڪلاسيڪي ادبي صنفون_ ڪافي ، وائي، بيت، گيت، دوها ۽ ڏوهيڙا وري نئين سر، شاعريءَ جي روپ ۾ زنده ٿيڻ لڳا. نوجوانن کي هاڻ فلمي گانن ۽ فلمي نغمن جي بدران اياز، استاد بخاري، تنوير، شمشير، امداد، نياز همايونيءَ، سرويچ سجاوليءَ، محمد خان مجيديءَ، مولوي احمد ملاح، ابرهيم منشي، عطا محمد حامي، اميد خيرپوري، ملڪ نديم ۽ ٻين جديد شاعرن جا نظم، گيت، وايون ۽ بيت وڻڻ لڳا. هن دؤر کي "سنڌيت" يا "سنڌ جي جاڳرتا" وارو دؤر چئي سگهجي ٿو. سنڌي ٻولي هن دؤر ۾ ترقيءَ جا سڀ مرحلا طي ڪري، هاڻ بلڪل شاهوڪار، مالدار، سرمائيدار، ۽ معياري زبان جي حيثيت وٺي چڪي هئي. هيترن مشڪلاتن ۽ مخالفتن جي باوجود هن زبان گهڻو ئي ڪجهہ حاصل ڪري ورتو هو. پر تنهن بہ هر هنڌ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال هڪ وڏو مسئلو هو. سنڌي ٻوليءَ کي گهڻو ئي ڪجهہ مليو هو. پختو ڪلام چوندڙ ۽ اعليٰ تخيل وارا شاعر مليا، بهترين خوبين وارا نثر لکندڙ وڏا نثر نويس مليا، جن ۾ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، سيد حسام الدين شاهہ راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد ابراهيم جويو، جمال ابڙو، غلام رباني آگرو، امر جليل، نسيم کرل، رسول بخش پليجو، پروفيسر محبوب علي چنا، مولانا غلام محمد گرامي، سراج، اياز قادري ۽ ٻين ڪيترن ئي جا نالا پيش ڪري سگهجن ٿا." (2)

ون يونٽ قائم ٿيڻ سان جتي پين پولين ڪي ڇيهو رسيو اتي سنڌي ٻوليءَ ڪي بہ نقصان منجهان گذرڻو پيو، ڇاڪاڻ جو سنڌي زبان ڪي ڪيترن هنڌن تان سندس لکپڙهہ واري حيثيت ختم ڪئي وئي خاص طور تي ڪورٽن، ريلوي اسٽيشن ۽ ڪراچي يونيورسٽي مان تہ باقائدا سندس تڏا ويڙهہ ڪئي وئي. انهيءَ صورتحال ۾ سنڌ جي مٽي ڄاٽايل اديبن شاعرن، نثر نويشن پنهنجي قلم جي دار جي ٻل تي فيصلائتي جنگ شروع ڪئي. سنڌ ۾ انهيءَ سلسلي ڪٿي سنڌي شامون ملهائڻ جا اهتمام ڪيا ويا تہ ڪٿي مشاعرن جا دؤر هلڻ لڳا. ڪيترن صوفي درگاهن جي ميلن تي تخليقي ميڙاڪا ڪوٺائي پنهنجي عوام کي پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت خلاف ٿيندڙ سازشن کان آگاهيءَ وارو سلسلو شروع ڪيو ويو. انهيءَ سلسلي کي مضبوط ۽ جاندار بنائڻ لاءِ سنڌ جي گهڻ گهرڙن "بزمِ صوفيہ سنڌ" جو بنياد وڌو جنهن جو صدر سائين جي_ ايم سيد کي چونڊيو ويو ۽ جنرل سيڪٽريءَ جي عهدي تي رسول بخش پليجو مقرر ٿيو. بزم صوفياءِ سنڌ جي پليٽ فارم تان سنڌ ۾ جتي بہ صوفي بزرگن جي درگاهن تي ميلا ملاکڙا ٿيندا هئا اتي هنن دانشور مشاعرا ۽ ادبي ميڙاڪا منعقد ڪري پنهنجي عوام سان سڌو سنئون رابطن کي بحال ڪري انهن کي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي خلاف ٿيندڙ سازشن کان آگاهہ ڪيو پئي ويو. انهيءَ سلسلي ۾ پروفيسر اعجاز قريشي لکي ٿو تہ:"محترم رسول بخش پليجو جو شمار سنڌ جي سياسي جدو جهد جي اهم شخصيتن ۾ ٿئي ٿو. ون يونٽ ٽوڙ تحرڪ دوران هو بزم صوفياءِ سنڌ ، 4 مارچ 1967ع واري تحريڪ، ووٽر لسٽن جي تحريڪ سميت ڪوڙ سارين تحريڪن ۾ نهايت سرگرميءَ سان حصو وٺندو رهيو. "بزم صوفياءِ سنڌ" جو سائين جي ايم سيد صدر چونڊيو ويو تہ رسول بخش پليجو صاحب ان جي جنرل سڪريٽريءَ طور نهايت اورچائيءَ سان خدمتون سر نجهام ڏنيون." (3)

هي اهي عوامل آهن جن اڳتي هلي سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جي بقا جي جنگ لڙي. اهي بظاهر ننڍڙيون ننڍڙيون ڪوششون ڪاميابين جي پهرين وک هيون. انهن ڪوششن جي بدولت ون يونٽ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ جهڙن سازشن جي اڳيان هڪڙي مضبوط بند جي شڪل اختيار ڪئي. انهيءَ پليٽ فارم تي سنڌي جي انهن حلالي پٽن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٻوليءَ بابت ڪانفرنسون ڪوٺايون، مشاعرا ۽ پڻ سنڌي شامن ملهائڻ جو هڪ نہ ڪٽندڙ سلسلو شروع ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت لاءِ سنڌي ماڻهن ۾ جي دلين ۾ جوش، جذبو ۽ ولولو پيدا ٿيو. اڳتي هلي پروفيسر اعجاز قريشي لکي ٿو تہ:" پليجو صاحب ايس ايس ڪو پاران ملهائيجندڙ سنڌي شامن توڙي بزم روح رهاڻ جي محفلن جو مور هوندو هو. سندس فڪر انگيز تقريرن توڙي تحريرن ان دؤر ۾ سنڌي شاگردن، مزدورن، هارين، پورهيتن ۽ عورتن ۾ تمام گهڻي سجاڳي پيدا ڪئي. جيجي زرينہ بلوچ، اختر بلوچ پڻ ڪانئس متاثر ٿي ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ ۾ متحرڪ ڪردار ادا ڪيو. محترم رسول بخش پليجي جي ون يونٽ تحريڪ دوران ڪيل جدوجهد ڪنهن بہ ريت فراموش ڪري نہ ٿي سگهجي." (4)

ون يونٽ خلاف پوري ملڪ سميت سنڌ ۾ جدوجهد تيز ڪئي ويئي. ڪٿي جلسا منعقد ڪيا ويا تہ ڪٿي ڪارنر ميٽنگون ڪوٺايون وڏيڪ لائحہ عمل پئي جوڙيو ويو. انهيءَ وچ ۾ ڌارين جي آبادڪاري بہ تيزيءَ سان ٿيندي رهي. ورهاڱي وقت جيڪي ٻنهي ملڪن ۾ معاهدا ٿيا هئا انهن تي ڪنهن بہ طرح سان عمل ڪو نہ ٿي رهيو هو. هندستان مان لڏي ايندڙ مسلمانن هتان جي سنڌي هندو ۽ سکن سان تمام گهڻو بُرو سلوڪ ڪيو هو، اهو صرف ان جي ڪري تہ اهي هندو ۽ سک تقريباً سنڌي هئا صرف انهن جو مذهب مٽيل هو باقي ثقافتي، تهذيبي ۽ ٻوليءَ جي حوالي سان هو مڪمل سنڌي هئا، جن سان وقت جي حاڪمن بہ ظلم ڪيا تہ اسان جي ايندڙ ڪلمي گو بہ انهن کي ايذائڻ لاءِ ڪا ڪسر نہ ڇڏي، ايستائين جو ڳالهہ وڃي قتل غارت تائين پهتي. انهيءَ سڄي پسمنظر ۾ رسول بخش پليجو جو تنقيدي شعور پروان چڙهي ٿو ۽ هو انهن يو پي ۽ سي پي جي انهن ڪڳن لڪاڙين جي سامهون پنهنجي تحريرن ذريعي ڪنڪرٽ جي ديوار بڻجي بيهي ٿو. هندستان کي لڏي ايندڙ نقلي ترقي پسندن ۽ سندن حوارين کي علمي جواب ڏنا ۽ انهن جي ساري ڪڳي بند ٿي وئي. هو اسان جي امن پسند ڌرتيءَ تي لساني ۽ ثقافتي جهيڙو ڪرائڻ چاهن پيا. انهن نقلي ترقي پسندن سان اسان جو جاگيردار ۽ سرمائيدار پٽ بيٺو هو ۽ اڄ تائين انهن جا پيرجهلا آهن؟ ڊاڪٽر انور پرديسي لکي ٿو تہ: "ون يونٽ جي آڙ ۾ سنڌ سان ۽ خاص طور سنڌين سان وڏيون نا انصافيون ڪيون ويون. ڪيترن اديبن، سياستدانن، شاگرد اڳواڻن، وڪيلن کي گرفتار ڪري جيلن ۾ رکيو ويو. ان کان علاوه سنڌ جي زرخيز زمينن کي ڌارين ۽ يو پي سي پي کان آيلن دهشتگردن جي حوالي ڪيو ويو. ان سڄي عمل ۾ سڀ کان وڏيڪ جن قومن ڀوڳيو، انهن ۾ سنڌي مسلمان توڙي هندو، بلوچن، بنگالين ۽ ڪنهن حد تائين پٺاڻ بہ شامل آهن. زمينن ۽ جائدادن جي ونڊ ورڇ کان وٺي هر اها شيءِ ڌارين جي حوالي ڪيائون جتان سنڌين کي وڏي اُپت جي اُميد هئي. سنڌي اديبن جي زبردست تحريڪ ۽ احتجاج ون يونٽ خلاف وڏو محاذ کڙو ڪيو. ان هلچل ۾ سنڌ جي هر مڪتبِ فڪر جي ماڻهن حصو ورتو، جنهن ۾ اديب، شاعر، شاگرد، سياستدان، وڪيل، هاري، مزدور، پورهيت مطلب تہ هر ان ماڻهو حصو ورتو جن کي پنهنجي ڌرتيءَ، ٻولي، تهذيب ۽ ثقافت سان پيار هو. ڪجهہ ماڻهو سنڌ جا اهڙا بہ هئا، جن ون يونٽ نهرائڻ ۾ وڏو حصو ورتو، تاريخ انهن کي سُٺن لفظن ۾ ياد نہ ٿي ڪري ۽ انهن سنڌ دشمنن جا هٿ نالا لکڻ وقت جو زيان آهي. ان وچ ۾ 1965ع ۾ پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ هڪ وڏي جنگ ڇڙي پئي، جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جو وڏو نقصان ٿيو پر اها جنگ جلدي ختم ٿي. آخر ڪار پندرنهن سالن جي جدوجهد رنگ لاتو 1969ع ۾ ون يونٽ ختم ٿي. سنڌي ماڻهن سان گڏ انهن سيني قومن سک جو ساهہ کنيو، جن هن ڦهري قانون خلاف مسلسل جدوجهد ڪئي ۽ جيلن جون عقوبتون سَٺيون." (5)

انهيءَ دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ماڻهن تي ڏکيو وقت هلي رهيو هو. اسان جا چند شاعر اديب، سياستدان ۽ دانشور علمي ۽ ادبي پنهي محاذن تي وڙهي رهيا هئا. رسول بخش پليجو به انهن مان صفِ اول دستي ۾ بيٺل هو. جنهن جي عملي سياست ۽ علمي مضمونن ان وقت حڪمرانن سان گڏ سندن حوارين جون متيون مجهائي ڇڏيون هيون. هڪ پاسي شيخ اياز ، شمشير الحيدري، تنوير عباسي، حيدربخش جتوئي، رشيد ڀٽي، مقبول ڀٽي، طارق اشرف، حميد سنڌي ۽ ٻين جون تخليقون سنڌي ماڻهن ۾ حوصلو اڀاري رهيا هئا ته ٻئي پاسي جي ايم سيد ۽ رسول بخش پليجو سياسي محاذ تي ون يونٽ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي نقصان پهچائيندڙ سان ميدان تي مهاڏو اٽڪايون بيٺا هئا. نيٺ وقت جي حاڪمن کي ون يونٽ ٽوڙڻ جو اعلان ڪرڻو پيو. طارق اشرف لکي ٿو ته: ”ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ سان قائم ڪيل ڪوٽ نيٺ ڪريو اسين مبارڪ ٿا ڏيون انهن سڀني کي، جن انهي ڪوٽ کي ڪيرائڻ ۾ اخلاقي توڙي عملي مدد ۽ جدوجهد ڪئي. ون يونٽ جي ٽٽڻ کان پوءِ اميد آهي ته اسان کي پنهنجا پورا حق ملندا، جن کان اسان کي محروم ڪيو ويو آهي. “ (طارق اشرف. 1970. 1.)

جڏهن به، رسول بخش پليجو جو، نالو ذهن جي اسڪرين تي تري اچي ٿو ته، يڪدم ڪيترائي عڪس، اکين جي سامهون اچي بيهن ٿا. انهن مختلف عڪسن ۾ پليجو صاحب، ڪڏهن مدبر عالم، لطيف سائين جو پارکو، سياستدان، ڌرتيءَ جو بهادر پٽ، قوم جو سرواڻ، شاعر، اديب، نقاد جي حيثيت ۾ نظر اچي ٿو، ته ڪڏهن وري پنهنجي ذهانت جي بدولت، دنيا جا ڪيترائي علم، فن ۽ ڏاهپ جا موتي ميڙي، سنڌي قوم جي جهوليءَ ۾ رکندي نظر اچي ٿو. سنڌي قوم جي شعوري سگهه وڌائڻ لاءِ انهن علمن ذريعي، ڏينهن رات هڪ ڪري، سندن ذهني نشو نما ڪندي عمل جي ميدان هر وقت بيٺي نظر اچي ٿو. جيڪا ڳالهه ان وقت جي حاڪمن ۽ سنڌي قوم کي ڪوڙي قوم پرستيءَ جا خواب ڏيکاريندڙ ڌرين کي قابل قبول ڪو نه هئي. جنهن ڪري هن مڙس ماڻهوءَ کي ڪوڙن ڪيسن ۾ اڙائي، ملڪ جي ڪيترن جيلن جي ياترا ڪرائي وئي. پر هن جي حوصلن ۾ تر جيتري به ڀِستي نظر نه آئي. هو جيلن هوندي به پنهنجي سنڌي عوام، ٻورهيت، مزدور ۽ مظلوم طبقي سان سمنڊ جي ڇولين جيان هر وقت ڳنڍيل رهيو آهي.

” ملڪ جي سياست کي ڪوڙي قوم پرستي ۽ نقلي ترقي پسنديءَ جي لات ۽ منات کان پاڪ ڪرڻ جي سڀ کان وڏي ۽ تاريخي ڪوشش رسول بخش پليجي ڪئي آهي.“ هو ڪڏهن به ٿڪو ڪو نه هو، هن پنهنجي زندگيءَ هميشه ٽر ٽيليا ۽ جبل سر ڪياهئا. هن جي حوصلن ۾ مايوسي کي ڪابه جاءِ نه هُئي. هن جي فڪر جا ڏار هماليه کان به وڌيڪ مضبوط رهيا. هن وٽ ويساهه هو، اتساهه هو، هن وٽ دنيا جا علم ۽ فڪر هئا، هن وٽ تخليق جا سوين ڏانءَ ۽ ڍنگ هئا. هو پنهنجي قوم لاءِ مسحا جو ڪردار ادا ڪندڙ انسان هو. ملڪ جي سياسي تاريخ تي نظر ڊورائڻ سان اها پروڙ پوي ٿي ته، هي آدرشي انسان لکين، ڪروڙين ٻورهيتن ۽ مظلومن جي هجوم ۾ بيٺو نظر ايندو. هن پنهنجي ذات لاءِ

ڪڍهن ڪو نہ پروڙيو هو. هن هميشہ بغير رنگ ۽ نسل جي غريب ۽ مظلوم طبقي جي حقن جي ڳالهہ ڪئي، هو پنهنجي انهن ڪارڪن سان بي پناهہ محبت ڪندو هو. انهن جي هر ڏک ۽ غم ۾ شريڪ ٿيندو هو. انهن پورهيتن ۽ هارين جي دردن جي دوا هو، رسول بخش پليجو. ڪا بہ گهڙي غافل نہ رهيو. سامراج سان سدائين ويڙهہ جي ميدان تي رهيو. اهو بهارين جو مسئلو هجي، ڪالا باغ ڊيم هجي، يا ڏاڙيلن جي آڙ ۾ سنڌ جي وسيلن جي ڦيل ڪرڻ هجي، رسول بخش پليجو پهاڙ ٿي انهن آڏو بيٺو. دنيا کي اهو ٻڌائڻ لاءِ تہ اسان جي حقن تي ڌاڙا هنيا پيا وڃن، لکين ماڻهو وٺي سکر کان ڪراچي ڏانهن لانگ مارچ ڪيائين. پنهنجي قوم کي بر وقت جاڳائي سنڌ دشمن منصوبن جي رستا روڪ ڪيائين.

" هڪ مشهور مفڪر جو قول آهي تہ دنيا ۾ تمام ٿورڙا ماڻهو آهن. جيڪي شين کي سندس اصلي شڪل ۾ ڏسن ٿا. رسول بخش پليجو پڻ اهڙن ماڻهن مان هڪ هو. هو هر شيءِ جي هر پاسي تي نهايت ڳوڙهو ويچار ڪري ٿو. شين جا سڀ پاسا جاچڻ بعد انهن مان نوان نتيجا ڪڍڻ جي جهدو جهد ۾ ڪيس سخت مطالعو ڪرڻو پوندو هوس ۽ اها سخت محنت ڪيس بيمار ڪري ڇڏي." اها حقيقت آهي تہ هو مختلف وقتن تي اهڙين بيمارين کي منهن بہ ڏيندو رهيو آهي. پر ڪيس هن بيماريءَ هن کي مهلت نہ ڏني. هو بنا ڪنهن رک رکاءُ ۽ مصلحت جي پنهنجي موقف کي عوام اڳيان چٽو رکندو هو. هن جو چوڻ هوندو هو تہ، هن ملڪ جا اصل وارث هاري ۽ پورهيت طبقا آهن. جيستائين اهي سياسي طور تي مضبوط نہ ٿيندا، تيستائين ملڪ ۾ خوشحالي نہ ورندي. ان جو سبب، هو اهو ٻڌائيندو هو تہ، اسان جو ملڪ جاگيرافي طور تي زرعي ملڪ آهي. هي هاري ٻڌي نہ ڪندا سياسي طور تي ميدان ۾ نہ لهندا، تيستايئن سندن مسئلا حل نہ ٿيندا. هو سچي حياتي، بلڪِ نسل در نسل وڏيرڪي سماج ۾ پيڙهبا رهندا. ضروري آهي تہ انهن کي سياسي ۽ سائنسي عُلوم سان روشناس ڪرائجي. ۽ پوءِ دنيا ڏٺو تہ سندس اڳواڻيءَ ۾ هارين ۽ پورهيتن کي سياسي شعور سان ليس ڪرڻ لاءِ شهر شهر، وستي وستي، واهڻ واهڻ تي اسٽيڊي سرڪل جو بنياد رکيائين. جنهن جي نتيجي ۾ هارين جا ٻار ۽ مزدورن جا ٻار، دنيا جي علمن کان پڻ واقف ٿيا ۽ انهن کي وڏيرڪي طبقي لاءِ تيار ڪيو ويو. اڄ پاڪستان ۽ سنڌ سميت دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هارين جا ٻار نہ صرف تعليم حاصل ڪري رهيا آهن، پر هر ان مظلوم طبقي جا ٻانهن ٻيلي بہ آهن، جن تي ظلم ٿي رهيو آهي. اهو صرف رسول بخش پليجي جي ڪرشماتي شخصيت جو سحر ۽ جهدو جهد جو نتيجو آهي. اهو سچو ڪريڊٽ سائين پليجي صاحب ڏي وڃي ٿو. جن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين وڃي ماڻهن ۾ پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ سُجاڳي پيدا ڪئي. رسول بخش پليجو سنڌ ي عوام کي بيدار ڪرڻ خاطر سنڌ جي چپي چپي ۾ ويو آهي. اهڙيون خوبيون اوهان کي گهٽ ماڻهن ۾ نظر ايندين. سياسي حوالي سان هو دنيا جي چوٽيءَ جي سياستدانن ۾ شمار ٿئي ٿو. جنهن زندگيءَ جي آخري پل تائين مظلوم عوام لاءِ جهدو جهد ڪئي. بقول لطيف سائين جي تہ:

جان جان هُئي جيئري، تان ورچي نہ ويٺي
وڃين پونءِ پيٺي، سڪندن ڪي سڄڻين.
(شاهہ رح)

جيڪڏهن سنڌس ڪيل ادبي پورهئي تي نظر وجهون ٿا تہ هو لڳ ڀڳ 26 ڪتابن جو مصنف آهي ۽ ادب ۾ چوٿيءَ جي نقادن ۾ شامل هو. ون يونٽ تحريڪ ۾ رجعت پرستن ڪي اهڙا تہ ادبي ، علمي ۽ سائنسي بنيادن تي جواب ڏنائين، جو وڃي خير! پليجي صاحب جون سموريون ادبي تحريرون سنڌي عوام لاءِ اُملهہ تحفي کان گهٽ ناهن، جن ۾ مزاحمت، فلسفو، تبديلي، بهادري جا گس، فڪر سان ڀرپور، فن سان ٽمٽار نظر ايندا.

ماڻهو هن کي سياست، علم ۽ ادب جي شعبن ۾ ورهايل شخصيت سڏيندا آهن، پر هو سياست، علم ۽ ادب جي بظاهر ورهايل شعبن کي ڳنڍيندڙ شخص بہ تہ آهي. ڇا اهو ڪو معمولي ڪارنامو آهي.؟ اهو بہ سنڌ جهڙي نهايت پسمانده سماج ۾ ! سياست ۾ هاڻي اها روايت ۽ اهو نسل ختم ٿيندو ٿو وڃي. هوئين بہ رسول بخش پليجو رڳو ادبي ۽ سياسي طور تي تخليقڪار ناهي پر هو جديد روين جو بہ تخليقڪار هو..تخليق رڳو ادب ۽ فن ۾ نہ ٿيندي آهي. تخليقيت جو دائرو تہ ڪائنات گير ٿي سگهي ٿو. ان ۾ ڪنهن بہ شڪ شبي جي گنجائش ئي ناهي تہ پليجو صاحب جون تخليقي تحريرون رڳو سياسي آهن، بلڪ هن پنهنجي تحريرون وسيلي سياست، ادب ۽ سائنسي فڪرن ۽ ويچارن کي ڳنڍيو پيش ڪيو آهي، تہ جئين سنڌ جو نوجوان دنيا جي سڀني علمن سان رو شناس ٿئي. جنهن ۾ هن جي بقا جو راز لڪيل آهي. جيترا سنڌي نوجوان انهن علمن سان واقفيت رکندا، اوترو انهن جي بقا ۽ بهبود ۾ وڌارو ٿيندو. سنڌس خيال هو تہ سنڌي نوجوان اڳتي اچن ۽ مستقبل جون واڳون سنڀالين. رسول بخش پليجي جون، جيڪي بہ فڪري، سياسي، سماجي، ادبي تحريرون آهن. اُهي صدين تائين سنڌ جي روشن خيال طبقي، پورهيت ۽ هاريءَ جي رهنمائي ڪندا رهندا. رسول بخش پليجو اوندهہ ۾ روشنيءَ جي لاٽ هو. هن سموري حياتي سيج تي سممي ڪئين گذاريو. هن هميشہ ڏتڙيل، پيڙهيل انسانن جي اهنجن کي دور ڪرڻ ۾ گذاري ڇڏي. هن اهي لڪ لنگهيا جتي سونهان بہ منجهيو وڃن. هن جهالت جي جوءِ ۾ روشن خياليءَ جو ڏيئو ٻاريو. بقول ڀٽائيءَ جي تہ:

جت پکيءَ نہ پير، تت ٽمڪي باهڙي،
ٻيو ٻاريندو ڪير، ڪاهوڙڪيءَ کير ريءَ.
(شاهہ رح)

لطيف سائين جي سُر ڪاهوڙيءَ جو حقيقي وارث رسول بخش پليجو هو. جنهن سنڌي ماڻهن جي مايوس ٿي ويل دلين کي پيهر سيراب ڪيو هو. جن ڪي ڪي ئي شعور ۽ اتساهه جون واٽون گهڙي ڏنيون آهن. سندس خاص خوبي اها هوئي تہ هن لطيف جي سورمين عورتن جي حقن جي ڳالهہ وڏي واقعي ڪئي. ڇاڪاڻ جو اسان جي ذرعي سماج ۾ سڀ کان وڏو ۽ اهم ڪردار ان طبقي جو آهي. سڀ کان وڏيڪ احتصال بہ ان طبقي جو ٿي رهيو هو. رسول بخش پليجي نہ رڳو ان طبقي جي ڳالهہ ڪئي پر عملي طرح سان انهن کي پنهنجن حقن وٺڻ جي بہ ترغيب ۽ تعليم ڏني، سندس جي پارٽي ملڪ ۾ پهريون پيرو برابري جي بنياد تي سنڌياڻي تحريڪ جي ونگ قائم ڪري، انهن جي غضب ڪيل حقن جي حاصلات لاءِ حوصلا بلند ڪيا. سندس اهو احسان پيڙهي وانگر صدين تائين ياد ڪيو ويندو. موت برحق آهي، ان کان انڪار ڪونهي، پر زندگي جيڪا بہ ملي ان کي پين ڪاڻ وقف ڪرڻ وڏو ڪمال آهي. جيڪا پليجي صاحب ڪري ڏيکاري. سنڌ ۾ مذهبي تگ نظريءَ جي خلاف بہ پهريون عَلمُ هن مردِ مجاهد کڙو ڪيو، ڪتاب" انڌا اونڌا ويچ" ۽ ٻيا ڪتاب ۽ فڪري تحريرون اسان جي سنڌي ادب جو بي مثال ۽ اُملهہ سرمايو آهن. رسول بخش پليجو "انڌا اونڌا ويچ"، سنڌي ذات هنجن" ۽ مارن منجهہ مياس" جهڙا شاهڪار تنقيد جي حوالي سان ڪتاب لکي سنڌي ادب کي تنقيد جي افق تي پهچائي ڇڏيو آهي. هيٺ اسين انهن ڪتابن جو جائزو پيش ڪنداسين ۽ رسول بخش پليجو جو مختصرن ادبي ۽ سياسي سفر بابت بہ جامع انداز ۾ بحث ڪنداسين. اول اسين سندس ادبي سفر ۽ سياسي سفر بابت پنهنجي ويچارن جو اظهار ڪنداسين ۽ بعد ۾ سندس ڄاڻايل تنقيدي ڪتاب جو جائزو پيش ڪنديس.

## رسول بخش پليجي جي ادبي سفر جي شروعات

ادب ۽ فن عوام جا اهي بڪتر بند دستا آهن، جيڪي سڀ کان پهريائين اڳتي وڏي وار ڪندا آهن. ادب ۽ فن اهڙين حالتن ۾ صحيح منزل تي پيهي سگهڻ جي طاقت رکن ٿا.جتي عوام جي طاقت جي لڙائيءَ جي گنجائش نہ ٿي رهي. اتي ادب ۽ فن دوڌاري تلوار بڻجي، پنهنجي سماج جي حفاظت ڪنداآهن. اڪثر ڪري دنيا ۾ هر انقلاب کان اول ادب ۽ فن ۾ انقلاب آيو آهي. صدين کان وني ڏاڍ، ڏک، سور ادب جو روپ ڌاري، عوامي هٿيار جي روپ ۾ ڍال بڻجي، بربريتن خلاف منهن مقابل ٿي سوڀون ماڻيديون آهن. ادب ۽ فن اسان کي ماضيءَ جي ظلم ۽ حال جي ذلتن کان نفرت ڏيارينداآهن. حال جي جهدوجهد ۽ مستقبل جي روشن راهن ڏانهن اڇڻ جا اشارا ڪندا آهن.مرده ٿي ويل احساسن ۽ جذبن کي جاڳائيندا آهن. اڳتي وني هلڻ جي سگهہ بخشيندا آهن. پست ٿي ويل حوصلن ۾ نئون روح ڦوڪيندا آهن. پنهنجن جائز حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جهدو جهد جون راهون گهڙڻ سيکاريندا آهن. ظالم اڳيان جهڪڻ کان انڪار ۽ نجات حاصل ڪرڻ جا گس ڏسيندا آهن. جڏهن

بہ دنيا ۾ ظلم ۽ جبر جي بازار گرم ٿيندي آهي، تڏهن ان ڌرتي تي ڪي اهڙا انسان جنم وٺندا آهن. جيڪي انهن سمورن سورن ۽ اهنجن جو علاج پنهنجي تخليقي ۽ فڪري ويچارن ذريعي ايجاد ڪري وٺندا آهن. اڳتي هلي انهن جو ڪردار قومن جي تقدير بدلائڻ ۾ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو آهي.دنيا جي فلاسافرن، ڏاهن وانگر اسان جي ڌرتيءَ جي شاعرن، اديبن، مفڪرن شاهہ سچل، سامي، رسول بخش پليجو، شيخ اياز، استاد بخاري، تنوير عباسي، ملڪ نديم، برڪت بلوچ، قاسم ملڪ وغيرہ پنهنجي تحريرون جي وسيلي سنڌي سماج جي تبديليءَ جا اهم محرڪ رهيا آهن ۽ رهندا.رسول بخش پليجي جون ادبي تحريرون ايڏيون تہ طاقتور رهيون آهن، جو تنگ نظرن کي هن ڌرتيءَ تي ٽڪڻ ئي نہ ڏنو. هن جيڪو ڪجهہ بہ لکيو آهي، پنهنجي پورهيت عوام ۽ ڌرتيءَ لاءِ لکيو آهي. رسول بخش پليجي ادبي سفر جو باقاعدا آغاز ”خادم وطن“ اخبار ۾ تنگ نظر اديبن کي منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ سان شروع ڪيو. سنڌ ۾ جڏهن ادب براءِ ادب جهڙن خوبصورت نعري ۾ ادب کي عوام، پولي، انقلاب ۽ آزاديءَ کان ڌار ڪري پنهنجن عظيم مقصدن کان پري رکي، ان جي جاءِ تي خماريل اکيون، لالي لبن، ڳاڙهن ڳٽن ۽ خواب ۾ سڀ ڪجهہ ٿيڻ وارين شين کي وڏيڪ ترجيح ڏني وئي. تڏهن رسول بخش پليجي هاليجي ڍنڍ جي جبلن تي ويهي”انڌا اونڌا ويڄ“ جي عنوان سان فڪري مضمون لکيا. انهن عظيم لکڻين ۾ سچ، سونهن، پيار، پريت، محبت، انسانيت ۽ امن جي دشمن ٽولي، آزادي ۽ انقلابي جون راهون، نئين سوچ کي اڳتي وڌڻ کان روڪڻ وارن ادب براءِ ادب جي ڪوڙي وڪالت ۽ حڪمرانن جون مزدوريون ڪندڙ اديبن جون وايون بتال ڪري ڇڏيون. سندن صفن ۾ ٽرٽلو مچائي ڇڏيو. پليجي صاحب جي تحريرون ڪوڙن جا ڪنگرا ڪيرائي ڇڏيا. انهن جي دوکي دولاب، نڱي ۽ منافقي کي عوام اڳيان ظاهر ڪيو. ابن حيات پنهور ”انڌا اونڌا ويڄ“ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ: ”ڪجهہ سال اڳ جديد سنڌي ادب خلاف هڪ نهايت خطرناڪ ۽ گمراهہ ڪندڙ مهم شروع ڪئي وئي، سنڌي قوم کي جاهل ڪرڻ کين پنهنجي هڏڏوکي ۽ سجاڳ اديبن کان بد ذهن رکڻ لاءِ جيڪا مهم شروع ڪئي وئي انهيءَ سڄي صورتحال جي سنگينين ۽ نتيجن کي محسوس ڪندڙ محترم رسول بخش پليجو روزانہ خادم وطن ۾ ڪيل حملن جا دليري ۽ ڏاهپ ۽ سائنسي بنيادن تي جواب ڏنا.“ هڪ موقعي تي سنڌ جي مهان قوي شيخ اياز تي بہ ان ٽولي باهہ ٻاري ڏني هئي. سندس شاعريءَ خلاف عوام جي ذهنن ۾ مختلف ڳالهيون ويهاري ڪوشش ڪئي وئي ۽ ڇيو ويو ٿئي تہ شيخ اياز جي سموري شاعري گمراهہ ڪندڙ آهي. حالانڪِ ائين هو ئي ڪونہ ، شيخ اياز جي شاعري سنڌي ماڻهن کي حق ۽ ناحق، سچائي ۽ سجاڳي، آزادي ۽ ارڏائي، سوچ ۽ لوچ، قوم پرستي ۽ قومي جذبو جاڳائيندڙ هو. سنڌي ماڻهن کي شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ پنهنجو سونهري مستقبل، حقيقي منزل، روشنيءَ جي سوچ ۽ سوڀ، آزادي ۽ انقلاب جا چٽا ۽ صاف عڪس نظر پئي آيا. پر اها ڳالهہ انهن تنگ نطرن کي نہ وڻي. جنهن جي ڪري پنهنجي ڏانءَ ۽ ڏات وسيلي قومي سجاڳي پيدا ڪندڙ، شيخ اياز خلاف فتوا بازن ۽ درٻاري

اديبن قلمي ويڙهه جو محاذ کولي فتوائون جاري ڪيون. شيخ اياز ۽ سندس شاعري ڪفر ۽ گمراهه ڪندڙ آهي. ان لاءِ اياز واجب القتل آهي، اهڙي زهريلي پروپيگنڊا خلاف ڀرپور همٿ ۽ حوصلي سان رسول بخش پليجي اهڙا ته جواب ڏنا، جو درٻاري ۽ فتوا باز اديبن جون وايون بتال ٿي ويون. نه صرف ايترو، پر پليجي صاحب مختلف وقتن تي ڪيترن ڪردارن جي نالن سان تخليقي ۽ ادبي ڪالم لکيا. ”چاچا چنيسر“ جي نالي سان ڪالم لکي صحافت جي دنيا ۾ ڪئي ئي تبديليون آنديون. پر پليجو صاحب اتي چپ ٿي ويهي ناهي رهيو. هن ڌرتيءَ جي بي سهارا، اٻوجهه ۽ سِڌن سادن ماڻهن کي ڪي ئي ڏتا ڏئي انهن کي جائز حقن کان محروم ۽ پري رکيو ويو هو. انهن چالاڪ ماڻهن جي مڪارين خلاف رسول بخش پليجو پنهنجي پورهيت طبقي کي، سندن لڪيل چهري تان مڪاريءَ جا غلاف لاهي اصل چهرو ڏيکاريو. هن پيڙهيل طبقي جي ڏکن ،سورن، آزارن، عذابن، ظلم، ڏاڍ، جبر، قهرن ۽ ڪيسن تي بي باڪيءَ سان لکيو. آخر ڪار انهن جي خلاف هڪ ڪئين ٿجي، پڏي ڪئين ڪجي؟ فتح ڪئين حاصل ڪجي؟ جهڙيون سُٽيون ۽ صاف سمجهاڻيون پنهنجي تحريرون جي ذريعي عوام تائي پچايون. پليجي صاحب صرف ادبي موضوعن تي نه لکيو، هن سماج جي هر اهنج ۽ ڏکيائيءَ تي قلم آرائي ڪئي آهي. پليجي صاحب انهن بي زبان ماڻهن کي پنهنجي ڪالمن ذريعي حوصلا فراهم ڪيا ۽ پنهنجن جائز مسئلن تي بي ڊپو ٿي ڳالهائڻ جي سگهه بخشي.

## رسول بخش پليجي جي سياسي سفر جي ابتدا

سنڌ تي صدين کان وٺي ڪجهه ڦورو طبقن جي حڪمراني رهي آهي. جن هن امن ۽ ايمانداريءَ سان رهڻ وارن انسانن کي پنهنجن دؤري حڪومتن ۾ انسان سمجهيو ئي نه هو. انهن طبقن پنهنجي هٺ ۽ وڏائيءَ کي برقرار رکڻ لاءِ انهن آدمخورن سدائين سهڻن ۽ سڀاجهڙن ماڻهن جو معاشي ۽ سماجي استحصال پئي ڪيو آهي. سدائين هن خطي جي پورهيت، هاري، مزدور کي پنهنجي جُتي سمجهي ڪين گهليندا ۽ سڄي محنت پڻ لُٽيندا رهيا آهن. انهن لُٽيرن سان گڏ اسان جي شاهي سوچ رکندڙ وڏيرن، جاگيردارن انهن مسڪينن جي سمورن وسيلن تي قبضو ڪري انهن کي دربدر ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي آهي. ان ڳالهه ۾ به ڪو شڪ ناهي ته، جابر ۽ ڦورو طبقن جا نانءُ نشان هن سر زمين تان متائيندڙ به اُهي ئي مسڪين محبِ وطن آهن. تاريخ گواهه آهي ته، جيڪڏهن دنيا جي ڪنهن به ڪُنڊ ۾ ڪا مثبت تبديلي آئي آهي ته، ان جا ڪارڻ به غريب انسان ئي بڻيا آهن. نه ڪي استحصالي قوتون. عرب هجي يا عجم تاريخ اهڙن تبديلي پسند محسنِ انسانيت سان ڀري پئي آهي. جن پنهنجن اصولن تي ڪڏهن به ڪا سودي بازي نه ڪئي آهي. جيئن مٿي بيان ڪري آيا آهيون ته هن خطي ۾ ڪيترائي ڦورو ۽ لُٽيرا آيا پر ڪڏهن به پنهنجا پير هن ڌرتيءَ تي پختا ڪري نه سگهيا آهن. توڙي جو هنن هن سرزمين تي رت جا ريج وهايا آهن. انهن هر طرح جي ڏاڍ ۽ ظلم جي طور طريقن کي رائج ڪيو.

پر هن قوم کي غلامي ڪرڻ تي مجبور نہ ڪري سگهيا. سندن اهو خواب ساڀيان ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي چڪناچور ٿي ويو. اهڙن حڪمرانن سامهون هن ڌرتيءَ جا جوڌا سينو تاڻي بيهي رهيا. توڙي جو هتان جي مُحسن انسانن کي گهاڻن ۾ پيڙايو، قيد خانن ۾ قيد ڪرائي زندانن جي ور چاڙهي ڇڏيو. ظلم ۽ زيادتين جو هڪ نہ ڪٽندڙ سلسلو مختلف روپن ۾ جاري و ساري رهيو. انهن ڏاڍن ۽ ڏهڪائن هوندي بہ ڌرتيءَ جي حلالي پٽن پاڻ ملهايو. اهڙن حلالي پٽن منجهان هڪ نہ جهڪندڙ، نہ وڪامجندڙ ارڏو انسان، جنهن هميشہ سچ، سونهن، پيار ۽ پريت جي وڪالت ڪئي آهي ۽ ڪندو رهي ٿو. اهو اڏول انسان رسول بخش پليجو آهي. جنهن پنهنجي ڌرتيءَ تي ٿيندڙ انيائن خلاف سر سان ڪفن ٻڌي ظالمن آڏو پهاڙ بڻجي بيهي رهيو.

پليجو صاحب اهو ڏيکاريو آهي تہ ڏاها، داناءَ ماڻهو صرف بنگلن ۾ پيدا ڪونہ ٿيندا آهن پر معتبر ۽ مڻياندار، سورهيہ ۽ سرويچ، رهبر ۽ رهنما هميشہ ڪکائن گهرن مان ئي جنم وٺندا رهيا آهن. دنيا ۾ اهڙن ماڻهن جا ڪيترائي مثال موجود آهن. ويجهي ماضيءَ ۾ جيڪي بہ انقلابي تحريڪون هليون انهن جي اڳواڻي پورهيت طبقي ۾ جنم وٺندڙ انسانن ڪئي آهي. جنهن ۾ هوچي منهہ، مائوزي تنگ، لينن، فاضل راهو، نذير عباسي ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا.

رسول بخش پليجو جڏهن سياست شروع ڪئي هئي تہ ملڪي واڳون محمد علي بوگرہ سر ظفر الله، ڊاڪٽر محمود، اي ڪي بروهي، حسن قريشي، سردار بهادر، ۽ خان عبدالقيوم خان جن جي گڏيل وزارتن جو زمانو هو. هندستان مان پناهہ گير ڌڙا ڌڙ سنڌ ۾ داخل ٿي رهيا هئا. هڪڙي ڇنيءَ جي عيوض اقليتي برادريءَ جي مال ۽ ملڪيتن تي قابض ٿيندا پئي ويا. ان زماني ۾ سڄي ملڪ جون واڳون سرمائيدارن ۽ جاگيردارن ورهائي ڪنيون هيون. جن جو ڪم صرف ڦرڻ، لُٽڻ ۽ هيسائڻ هو. ملڪ تي هر پاسي هراس ۽ خوف واري فضا ڇانيل هئي.1953ع جي اليڪشن ۾ هڪ پاسي سنڌ جا خان، وڏيرا،پير، مير ،سردار، پوتار، جاگيردار، سرمائيدار، ويڪائو، درٻاري قسم جهڙا ماڻهو هئا، تہ ٻئي پاسي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، سنڌ جا ڪُڙمي، ڪاسبي، پورهيت، پنهوار، ڏڪايل، ستايل، هيسايل، قوم پرست ۽ ترقي پسند اچي گڏ ٿيا. سنڌ ۾ وڏو مقابلو نواب غيبي خان چانڊيو ۽ هاري اڳواڻ حيدر بخش جتوئيءَ ۾ هو. ان وقت رسول بخش پليجو ڪراچيءَ ۾ وڪالت جي امتحان جون ڀرپور تياريون ڪري رهيو هو. ان دور ۾ اليڪشن جو منظر جنهن بہ ڏٺو. انهن جو چوڻ آهي تہ: هي اليڪشن نہ، پر حق ۽ ناحق، ڪوڙ ۽ سچ جي وچ ۾ جنگ هئي.هڪڙي پاسي حق جا هوڪارا هئا تہ ٻئي پاسي ناحق گاريون هيون. سڄي سنڌ مان ڪامريڊي حلقو اچي لاڙڪاڻي ۾ گڏ ٿيو.جن جي هٿن ۾ ڳاڙها جهنڊا هئا. قمبر ۾ جلسي جون تياريون ڀرپور نموني ٿي رهيون هيون. جيستائين نگاهہ پئي وئي اوستائين ماڻهن جا انبوهہ نظر پئي آيا.فيصلو ٿيو تہ ماڻهن کي ووٽ جي اهميت جي باري ۾سمجهائڻ گهرجي. رسول بخش

پليجي دونهادار تقرير ڪئي جو ماڻهو دنگ رهجي ويا.جيئن ئي استيج تان تقرير ڪري هيٺ لٿو تہ سندس چوڌاري ماڻهن جا انبوهہ گڏجي ويا. قرب ۽ پنهنجائپ وچان ماڻهو ڪيس ڀاڪر پائڻ لڳا.

اهڙيءَ طرح رسول بخش پليجي پنهنجي سياسي سفر جو آغاز ڪيو.ايترن ڪوشش جي باوجود بہ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي اليڪشن هارائي ويو. تنهن ڪان پوءِ پليجي صاحب پي-اين- اي پارٽيءَ ۾ ممبر شپ اختيار ڪئي، ان وقت هو حيدرآباد جو صدر مقرر ڪيو ويو. پي اين اي جيڪا گهڻ قومي ۽ گهڻ رخي پارٽي هئي. جنهن ۾ مختلف سوچ ۽ فڪر رکندڙ ماڻهو شامل هئا. اڪثريت ٻين صوبن جي ماڻهن جي هئي، جنهن جي ڪري سنڌ جي مسئلن تي نا انصافيون ٿينديون رهنديون هيون. رسول بخش پليجي جا اختلاف چار مارچ واري شاگردن جي ڏڪوئيندڙ واقعي ڪان پوءِ ظاهر ٿيا. پليجي صاحب پي اين اي جي اهم گڏجاڻيءَ ۾ اها ڳالهہ واضح ڪئي تہ ڪمشنر مسرور، ۽ گورنر ڪالا باغ شاگردن تي سڌي فائرنگ ڪرائي. ڇاڪاڻ جو هو سنڌي شاگرد هئا.؟ پي اين اي تي اڪثر پناهہ گيرن ۽ نقلي ترقي پسندن جو قبضو هيو. محمود الحق ۽ ڊاڪٽر اعزاز نذير جهڙا ڪتا سنڌ دشمن ذهنيت رکندڙ ماڻهو موجود هئا. جيڪي ڇاٽي واٽي پي اين اي کي سنڌي ماڻهن خلاف استعمال ڪندا هئا. جنهن تي پليجي صاحب سخت موقف اختيار ڪيو. تنهن هوندي بہ پنهنجن سازشن ۽ حرڪتن ڪرڻ ڪان باز نہ آيا. آخر ڪار پليجو پي اين اي کي خير آباد چئي اتحاد ڪان ٻاهر هليو آيو. بعد ۾ جي ايم سيد ۽ ٻين سنڌ جي گهڻ گهرڙن سان گڏجي ”بزم صوفياءِ سنڌ“ نالي ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين کي جاري رکڻ لاءِ محاذ ڪوليو. سائين جي ايم سيد کي بزم جو مرڪزي صدر ۽ رسول بخش پليجو کي سيڪٽري جنرل چونڊيو ويو. انهيءَ محاذ مختصر عرصي ۾ جيڪو ادبي، ثقافتي، سياسي، ۽ نظرياتي ڪم ڪيو، جنهن جو ڪو مثال ملڻ مشڪل آهي. بزم صوفياءِ سنڌ جو مقصد سنڌ ۾ ملهائيندڙ سڀني بزرگن جي ميلن تي ادبي ۽ سياسي پروگرام مرتب ڪرڻ جو مقصد صرف اهو هيو تہ سنڌين کي انهن خطرن ۽ سازشن ڪان آگاهہ ڪجي، جيڪي سندن خلاف ٿي رهيا هئا. انهن کي غربت جي عذابن، ظلمن، ذلتن ڪان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ جهدو جهد جي ميدان تي گڏ ڪرڻو هو هو سنڌ توڙي دنيا ۾ مشهور صوفي بزرگن، شاهہ لطيف، سچل سرمست، شاهہ ڪريم، شاهہ عنايت، مخدوم بلاول، ۽ ٻين صوفي بزرگن جي درگاهن تي ماڻهن جي هزارين ۽ لکين جي ميڙ ۾ ويهي ادبي ۽ سياسي تقريرون ڪندا هئا. جنهن ۾ عام ماڻهوءَ تائين اهو پيغام پهچائيندا هئا تہ اوهين شاهوڪار صوبي هوندي بہ غلاميءَ واري گهاٽي ۾ پيڙهيا وڃو ٿا.اوهان جي وسيلن تي ڌاريا قابض ٿي رهيا آهن. هي وقت ايڪي ۽ اتحاد جو آهي، سڌ ۾ سڌ ڏيئي پنهنجي وسيلن جو دفاع ڪيو. اهڙي نموني هنن سڄيءَ سنڌ جي ماڻهن تائين حق ۽ سچ جو پيغام پهچايو. بزم صوفياءِ جي ختم ٿيڻ ڪان پوءِ رسول بخش پليجي پنهنجي ساٿي فاضل راهو سان گڏجي ون يونٽ جي خلاف متحده محاذ ناهڻ واري عمل ۾ جي ايم سيد جو ڀرپور ساٿ

ڏنو ۽ گڏجي ون يونٽ ناهڻ وارن سان سياسي محاذ تي وڏا وڏا مقابلا ڪيا. ون يونٽ خلاف متحده محاذ جي شاندار جهدو جهد ون يونٽ جي ڪاري قانون کي ڪمزور ڪري وڌو ۽ پسپا ڪرڻ تي مجبور ڪيو. سنڌي ماڻهن اهو سمجهيو تہ هاڻي ڪوئي بہ سنڌن زمينن کي نيلام نہ ڪندو ۽ نہ ئي سنڌن بيئراجن تي قبضا ٿيندا. متحده محاذ ۾ ڏڦيڙ ان وقت پيو جڏهن محترم جي ايم سيد ون يونٽ جي خالق ايوب کهڙي کي متحده محاذ جو ميمبر ڪري اڳواڻ مقرر ڪيو. هي اهو ئي ايوب کهڙو آهي، جنهن ون يونٽ نهرائي سنڌين جون زمينون پناهہ گيرن ۽ پين جي حوالي ڪيون هيون. ايوب کهڙي جي متحده محاذ ۾ شامل ٿيڻ تي رسول بخش پليجو سخت موقف اختيار ڪيو ۽ بنا دير جي متحده محاذ سان اصولي اختلاف رکي پنهنجي سمورن ساٿين سميت محاذ کان ڌار ٿي ويو.

بعد ۾ رسول بخش پليجو، فاضل راهو ۽ پين سوين ساٿين ون يونٽ ۽ پين سنڌ دشمن منصوبن خلاف منظم طريقي سان جهدو جهد جو آغاز ڪيو. جنهن ۾ ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپرايون، سنڌ جي زمينن جي نيلام عام بند ڪيو ۽ ڦوري طور تي ون يونٽ ٽوڙيو تحريڪون شروع ڪري سنڌي عوام ۾ سجاڳي آندي.ون يونٽ ختم ٿيو، ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾ شايع ٿيون ۽ زمينن جو نيلام عام بند ٿي ويو. اهڙي نموني سنڌي ماڻهن جي شاندار جهدو جهد جي عيوض ڪاميابيون حاصل ٿيون. تنهن بعد اهو محسوس ڪيو ويو تہ سنڌ ۾ سيني روشن خيال دوستن ۽ ساٿين کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪجي. 3مارچ 1970ع تي پير ڳڙي هائوس حيدرآباد ۾ سنڌي عوامي تحريڪ جو بنياد وڌو. جنهن 1970ع کان وٺي 1986ع تائين پاڪستان خاص طور تي سنڌ جي سياست ۾ وڏي هلچل مچائي ڇڏي. ملڪ جي سياسي فضا ۾ عوامي تحريڪ هڪ نئين عوامي ۽ انقلابي پارٽي ٿي ابري. جنهن خاص طور تي سنڌ ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو ۽ سياست جي انهن لاڙن ۽ نظرين کي ٽوڙيو جيڪي وڏيرڪي ۽ سامراجي سياست جي پُٺ پرائي ڪري رهيا هئا. انهيءَ سان گڏو گڏ سندس اها ڪوشش هُئي تہ سنڌ جي ساڃاهہ وند، ترقي پسند ۽ جمهوريت پسند عنصرن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪجي. جنهن جي لاءِ سدائين گوشان رهندو هو. مٿين سيني ترقي پسند سوچ رکندڙن کي آخر ڪار هڪ پيرو پير هڪ پليٽ فارم تي ڪٺو ڪيائين. نتيجي ۾ 1978ع ۾ پاڪستان عوامي تحريڪ جي نالي سان هڪ مضبوط اتحاد وجود ۾ آيو. جنهن ۾ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ منجهان لبرل پارٽيون شامل ٿيون هيون. رسول بخش پليجي کي ان اتحاد جو جنرل سڪريٽري مقرر ڪيو ويو. پر بد قسمتيءَ سان اهو اتحاد بہ گهڻو عرصو جٽاءُ نہ ڪري سگهيو. ان جا سبب ڪٽي ڪهڙا بہ هجن، پر پليجي صاحب ڪٽي بہ ٽڪ نہ ٻڪو، هو مسلسل پنهنجي قوم کي پنهنجين فڪري تخليقن وسيلي هر ايندڙ خطري کان واقف ڪندو رهيو. مختلف اخبارون ۽ رسالن ۾ پنهنجي تحريرون جي ذريعي پنهنجي پورهيت عوام سان هميشہ سلهاڙيل رهيو ۽ انهن موقعي پرست ليڊرن جي پت بہ وائڪي ڪندو رهيو. جيڪي هميشہ پورهيت طبقي جي پُٺ ۾

خنجر هڻدا رهيا آهن. اسان جي ملڪ ۾ بار بار مارشل لائن لڳڻ ڪري تمام گهڻو نقصان ٿيو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ 1971ع ۾ ملڪ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو هو.

رسول بخش پليجو ايوب خان جي آمريت واري دور کان وٺي عوام جي جمهوري حقن لاءِ جدو جهد ڪرڻ وارين جي پهرين صف جو مجاهد آهي. هو ڪڏهن به ماٺ ڪري ويهڻ وارن منجهان ناهي. لطيف جي هنن سٽن وانگر:

"جان جان هُئي جيئري، ورچي نہ ويٺي"

پليجي صاحب کي جمهوري حقن جي لاءِ مظبوط آواز اٿارڻ جي ڏوهہ ۾ ، هر دور ۾ قيد ڪيو ويو آهي. هو لڳاتار اٺ سال ڊڪٽيٽر ضياءُ الحق جي دور ۾ قيد رهيو. ان کان اڳ ۾ هو ڀُٽي صاحب جي دور ۾ بہ جيل ياترا ڪري چڪو هو. جيئين مٿي بيان ڪري آيا آهيون تہ پليجو صاحب سنڌي ماڻهن جي وسيع اتحاد جو تمام گهڻو قائل رهيو آهي.هڪ ڀيرو ڀيهر سندس جي اڻ ٿڪ ڪوشش سان، "سنڌي عوام جو قومي اتحاد" جي نالي سان بي مثال اتحاد قائم ٿيو. ان اتحاد ۾ سنڌي ماڻهن جو ايڪو ڀڏي جو مثال ڏيڻ مشڪل آهي. جنهن اتحاد جي پليٽ فارم تان ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۾ لکين ماڻهن جا جلسا منعقد ڪيا ويا هئا ۽ سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ ڪالاباغ ڊيم، سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ ۽ سنڌ کي ڊاڙيل ڪلچر بنائڻ خلاف تاريخي جدو جهد ڪئي هئي. اهڙي ڀڏي شايد اسان جي آقائن کي نہ وڻي ۽ رات ڀيٽ ۾ ان مضبوط اتحاد ۾ بہ ڊراڙ وجهرائي ختم ڪرايو ويو هو. اسان سنڌين جي وچ ۾ ڪيترن ئي نفرتن جو ٻج ڇٽيو ويو هو، جو هڪ لمحي لاءِ اسان مختلف پليٽ فارمن تان هڪٻئي خلاف زهر اوڳا ڇيندا رهيا آهيون. پر سنڌ جي مٽيءَ ۾ جيڪا تصوف ۽ رواداريءَ واري خشبوءِ شامل آهي. ان خوشبوءَ جي ڪري جلدي اسان نفرتن واري ڏٻڻ مان ٻاهر نڪري آيا آهيون. پر ان مختصر عرصري واري نفرتي ڪلچر اسان کي ڪاپاري ڌڪ رسايو آهي. جنهن جا اثر اڄان تائين محسوس ٿي رهيا آهن. 06 ڊسمبر 1991ع تي سکر کان ڪراچيءَ تائين سنڌ جي حقن لاءِ لانگ مارچ ڪرڻ تي آءُ الڳ ڪتاب لکي رهيو آهيان، تنهن ڪري ان لانگ مارچ جو تفصيل هتي لکڻ مناسب ناهي. اهو ڪتاب بہ جلد اوهان پڙهندڙن جي هٿن ۾ هوندو. پليجو صاحب جي زندگيءَ جو گهڻو عرصو پنهنجي پورهيت طبقي جي حقن جي حاصلات ۽ نوجوانن کي دنيا جي ڪيترن ئي سائنسي ۽ فڪري علمن سان روشانس ڪرائڻ ۾ گذري آهي. هو اڄ تائين (هينئر پليجو صاحب هن دنيا ۾ ناهي رهيو جڏهن هي ڪتاب ڇپجي رهيو آهي. مون هي ڪتاب3 -2002ع ايم اي سنڌي پڙهڻ دوران مضمون جي جاءِ تي مونو گراف طور لکيو هو.) تيز ترين جدو جهد ۾ مصروف عمل نظر اچي ٿو.

## رسول بخش پليجي جي تنقيدي ڪتابن جو جائزو

### ڪتاب: ”انڌا اونڌا ويچ“

ڪتاب ”انڌا اونڌا ويچ“ ۾ ڪل سترنهن عنوان آهن ۽ 160 صفا، ڪتاب جو ٽيون ڇاپو زير بحث آهي. تنقيد جي ارتقا،اهميت ۽ افاديت تي پاڻ مٿين صفن ۾ ڪجھ بحث ڪري آيا آهيون. هت صرف ڪتاب ”انڌا اونڌا ويچ“ متعلق ۽ ان جي اهميت تي مختصر پر جامع روشني وجهنداسين. رسول بخش پليجي جو هي ڪتاب سنڌي زبان ۾ تنقيدي ادب ۾ بنيادي حيثيت جو حامل آهي. ورهاڱي کان پوءِ ادب ۾ جيئن ناول جي کوٽ شدت سان محسوس ٿي رهي هُئي، اهڙي ئي نموني سنڌي ادب ۾تعميري ۽ جديد تنقيد جي بہ ڪمي صاف نظر اچي رهي هئي. جڏهن اسان جي ادب ۾ ترقي پسنديءَ جو رجحان وڌڻ لڳو، تڏهن رجعت پسند ۽ تنگ نظرن، رڪاوٽن جا بند ٻڌي ڇڏيا، هنن جي نظرين مطابق ترقي پسند ادب يا جدت پسنديءَ وارو لاڙو، منفي ۽ فضول آهي. انهيءَ نقطي کي بنياد بڻائي هنن پنهنجن تحرين ذريعي ترقي پسند سوچ جي اپرڻ ۽ اسرڻ ۾ رڪاوٽون پئي کڙيون ڪيون.هر پاسي کان ڪفر جون فتوائون جاري ٿيڻ لڳيون. پر جس آهي اسان جي قلمڪار قبيلي جي انهن چند ترقي پسند علم پرورڏاهن ۽ دانشورن کي جن پنهنجي فڪري تحريرون ذريعي دليلن سان ڪوڙ ۽ ٺڳيءَ جي بنيادن تي تعمير ٿيندڙ ڪاغذي ڪوٽن کي ڊاهي پٽ ڪيو. جديد فڪر، فلسفي ۽ خيالن سان ليس ادبي فن پارن، انهن سمورين بدعتن، خراب ريتن ۽ رسمن جي مليا ميٽ ڪري ڇڏي. ڇاڪاڻ جو تنگ نظر ادبي رويا اسان جي رواداريءَ واري فڪر کي ڦهلائڻ ۾ وڏي رڪاوٽ بڻيل هئا. عين ان وقت رسول بخش پليجو پنهنجن دانشورانيڻ تحريرون ذريعي انهن جي سامهون سيمي جهڙي ديوار بڻجي بيهي رهيو. آخر ڪار تنگ نظر ادبي ٽولي کي پيچُو پئجي ويو.پليجي صاحب سنڌي ادب جي بيڻل تلاءَ ۾ پٿر اڇلايو ۽ انهن بندن کي پيگهو، جيڪي ان ٽولي وارن سنڌي ادب ۽ ليکڪن جي اڳيان پنهنجي آقائن جي چوڻ تي، ترقي پسند سوچ ۽ فڪر جي ڦهلاءُ کي روڪڻ لاءِ ٺاهيو هو. اهڙيءَ طرح هو سنڌي ماڻهن ۽ ترقي پسند قلمڪارن لاءِ سُجاڳيءَ جو نياپو ڪٺي ميدان تي نڪري پيو.ننڊ ۾ ستل انهن انسانن ۽ سندن ضميرن کي جهنجهوڙيو تہ هي وقت جاڳ جو آهي. هن وقت بہ اوهان سُستيِ ۽ ڪاهليءَ جو مظاهرو ڪيو تہ پوءِ اوهان جي قلمن جي مس سُڪي ويندي ۽ اوهان ڪڏهن بہ لکي نہ سگهندا. رسول بخش پليجي جي تحريرون قوم جي ڪاهليءَ کي ختم ڪيو. ”انڌا اونڌا ويچ“ ۾ جيڪي بہ تخليقي ۽ تنقيدي تحريرون آهن، اهي اسان جي ادبي دنيا جون يادگار ۽ شاهڪار طور صدين تائين ياد ڪيون وينديون. ڇاڪاڻ تہ ان ۾ هڪڙو وڪيل پنهنجي ڌرتيءَ جي بچاءُ لاءِ وزنائتن ۽ وقتائتن دلين ذريعي تنگ نظر ڌرين جي سامهون ترقي پسندن جو ڳاٽ اونچو ڪري ڇڏيو. تنقيد ي علم جو پليجو صاحب وٽ پنهنجو الڳ ڏانءُ آهي. سندس تحريرن ۾ لهجو ڪجھ تکو اٿس، انهيءَ ڪري جو ان وقت جي تقاضا اها ئي هئي. ڇاڪاڻ جو رجعت

پرستن جي ادبي حملن کي روڪڻ لاءِ اهڙي لهجي جي سخت ضرورت هئي. ”انڌا اونڌا ويچ“ منجهان هت نموني طور اقتصاب پيش ڪجي ٿو.

”ڪجھ ڏينهن کان سنڌ ۾ پاڻ هرتڙن نقادن جي هڪڙي ٽولي موسمي مڇرن وانگر اوچتو وٺي منهن ڪيو آهي. هي پاڻ کان وڏيون قلمي ٻڙڇيون کڻي ملڪ ۾ ڪاهي پيا آهن ۽ هنبوڇيون هڻندا، رنبون ڪندا، ٽاڏون ڏيندا، جيڪو ڪو سامهون ٿو اچين، تنهن کي ستيندا، ڪتيندا، ڏاڙهيندا وڃن، وڏا پهتل، وڏا ابي اولياءَ، ڪاني ڪرامت جا ڌڻي، ٿئي ٿيندي جي خبر، اکيون ڇڻ تہ ٽانبا، منهن تي مصنوعي جلال، ”اسلام، اسلام“ ”مذهب ،مذهب“ ”اخلاق، اخلاق“ جا نعره ”بچايو، جهليو!،پڪڙيو! جا واڪا، ايڏو تہ ڌمچر مچايو اٿن، جو ماڻهن جا ساهہ سڪي ويا آهن. ڪير آهي جو انهن خدائي فوجدارن، مذهبي ٺيڪيدارن، ليسن بردارن اديبن، افت مار عالمن، ڪڪڙ ڪاٺ ۾ وجهندڙن، تيس مارن جي سامهون ٻڙڪ ٻاهر ڪڍي سگهي! چؤطرف ”الامان، نفسي!، نفسي!“ جي پڪار آهي. هر ڪو پيو ڪمبي تہ ڪڏهن ٿي اها ڇٽ پوليس مون تي اچي ڪڙڪي. خدا جي پناھ! هڪ هٿ ۾ ٽونٽ جيڏا ادبي پروانا ۽ راهداريون، ٻئي هٿ ۾ جهالت ۽ تنگ نظريءَ جا شاهي ڏنڊا، شيطان جي آنڊي جيڏيون لقبن جون گردن ٽوڙ ٻريون مٿن تي، تعصب ۽ حسد جون ڇريون بغلن ۾ سڙيل، ڳريل، پاروٿن ۽ زهريلي خيالن جا ڳوٿرا پٺن تي مڪر ۽ ريا جا وڏا ڍڳها جاما لوڏيندا، خدا جي خلق ۾ ڪاهي پيا آهن. ڪو شاعريءَ جو بابو آدم ۽ فردوسي، ڪاليداس ۽ شيڪسپيئر جي استادن جو استاد بڻيو ويٺو آهي. ۽ ڪنهن کي ڏسو تہ ڪاليج جي ليڪچراريءَ مان هڪدم اٿندي وڃي افلاطون ۽ سقراط سان وڃي ڪلهي گس ڪئي اٿس. تہ ڪو وري رات وچم گمنام شاعرن مان ڦري نقاد آخري زمان بنجي ويو آهي. هي مخلوق اوچتو ڪٿان پيدا ٿي آهي.؟ ڇو ٿي آهي؟ سندن شانِ نزول ڪهڙو آهي؟ سندن انهيءَ هاءِ گهوڙا جون ۽ واويلا ۽ وٺ وٺان جو ڪارڻ ڪهڙو آهي.“ انڌا اونڌا ويچ، ص 1-2 ڇاپو ٽيون 1996ع. هن ڪتاب ۾ جيڪي بہ مضمون شامل آهن، اهي سنڌي ادب جي خلاف جن بہ ان دور ۾ ڪات ڪهاڙا ڪنيا هئا، انهن کي ڀرپور علمي، ادبي دليلن سميت سڄي دنيا جي تنقيدي ادب منجهان مثالن ذريعي جواب ڏنل آهن. ترقي پسند ادب جي سرجڻ ۾ جيڪي رڪاوٽون وڌيون ويون هيون. انهن رڪاوٽن کي ٽوڙڻ لاءِ روشن خيال طبقو ميدان تي نڪري آيو هو. سڀ کان پهريائين رسول بخش پليجو ۽ مولانا غلام محمد گرامي جهڙن اديبن ٻيڙا پاڻيءَ ۾ پتر اڇلائي تحرڪ پيدا ڪيو. پليجو صاحب جو ”انڌا اونڌا ويچ“ ۽ گرامي صاحب جو مقالو”مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات“ پنهنجي دور ۾ ادب جا شاهڪار آهن. ترقي پسند ادب جي واڌ ويجھ لاءِ سندن ڪيل اهي ڪوششون تا دنيا تائين امر رهنديون.

**ڪتاب: ”سنڌي ذات هنجن“ جو جائزو . . .**

جڏهن ترقي پسند ادب جي سرجڻهارن تي، چؤطرف ڪان هلائون ٿي رهيون هيون، تہ ڪيترن مهان اديبن ماٺ وارو روزو رکي ڇڏيو هو. پر اتي هي حلالي پٽ ميدان جنگ ۾ ڪاهي پيو. ڪنهن بہ نتيجي جي پرواهہ بنا هن اهو ڪجهہ لکيو، جنهن جي ادب کي سخت ضرورت هئي. حالتن جي نذاڪتن جو گهرو مشاهدو ڪري ترقي پسند سوچ وارن اديبن، شاعرن جي بچاءُ ۾ سيهي جي ڍال ثابت ٿيو. انهن کي پنهنجي تحريرن وسيلي اهڙا تہ ٽوٽا ڇپايائين، جو هو ان دور ۾ سماج جي سامهون اڇڻ ۾ لڄ محسوس ڪري رهيا هئا. ڪتاب ”سنڌي ذات هنجن“ ۾ اهڙا تخليقي ۽ تنقيدي مضمون موجود آهن. هنن تخليقي مضمونن ۾ پليجي صاحب نت نوان خيال پيش ڪيا آهن. جيڪي تنقيدي ادب ۾ وڏي اهميت وارا آهن. ڪنهن دور ۾ شاعري يا ادب صرف حڪمران يا مٿين طبقي لاءِ ڪئي ويندي هئي. ان ۾ عام ماڻهو شامل نہ هو، رسول بخش پليجي تمام اهم سوال اٿاريا؟ تہ پورهيت، هاري ۽ مزدورن لاءِ ڪيل شاعري ڇا ادب جي ذمري ۾ نہ ٿا اچن؟. هن ان لاءِ تمام پڪا ۽ پختا ثبوت ”سنڌي ذات هنجن“ ۾ پيش ڪيا آهن.انهن رجعت پسندن هڪڙا نقلي نظريا ٺاهيا ۽ انهن نظرين جي بنياد تي سنڌي ماڻهن کي بي وقوف بڻائي رهيا هئا. پليجو صاحب اهڙن جي نشاندهي پنهنجي مضمون ”خاص ادبي پڙي“ ۾ هن طرح بيان ڪئي آهي.

”هو چون ٿا تہ انسانن جي ٻولي اسان جي احساس، جذبن ۽ خيالن جو اظهار نہ ٿي ڪري سگهي. تنهن ڪري هنن ٿورن اکرن ۽ گهٽڻ عجب ۽ سوال جي نشانين، ٻُڙين، ڊئشن، ليڪن ۽ ڏاڪڻين واري هڪ ابتي اڌ اکري بہ ايجاد ڪئي آهي. جيئن تہ هن ادب جي اظهار جو طريقو سکڻي ڪڳي ۽ ڍِڍِ پِٽ آهي، تنهن ڪري جيڪڏهن ٻيا ادب” ادب براءِ ادب“ ۽ ”ادب براءِ زندگي“ وغيره سڏجن ٿا تہ هن کي ”يخي براءِ يخي“ سڏي سگهجي ٿو. بشرطيڪِ يخيءَ جو مطلب رڳو اجائي بي مقصد رڳو ٻَڪ ٻَڪ نہ پر بيهودي ۽ ٻُچڙي جَهڳي،ولل ۽ واويلا ورتو وڃي. هن وللي واويلائي ۽ جَهڳي باز ادب کي دنيا جي ادبي بازارين ۾ ”نئين ادب“ يا جديد ادب جي ليبل هيٺ هلايو وڃي ٿو. لکنؤ ۾ جڏهن زوال آيو ۽ حاڪم طبقن مان سچ پچ زندهہ رهڻ ۽ وڙهڻ جي پهچ نڪري وئي. هو سماجي طرح سُڃا ۽ خصي ٿي پيا ۽ ڪنهن بہ حقيقي سورهيائيءَ واري ڪارنامي جي لائق نہ رهيا. تڏهن منجهن بانڪن جو رواج پيو. انهن بانڪن جو مکيہ مقصد هو بي مقصد ”نواڻ“ پيدا ڪرڻ.“

پليجي صاحب جي هن ڪتاب ۾ جيڪي بہ ليک آهن. اهي پنهنجي دور جون شاندار ۽ وزندار تخليقون آهن. جن ۾ دنيا جي انقلابن، نئين سوچن سان همڪنار آهن. جنهن ۾ پورهيت طبقي جي بقا ۽ بهبود لاءِ ڪم ڪئين ڪجي. ادب وسيلي پورهيت ۽ مزدور طبقي جي رهنمائي ڪهڙي نموني سر انجام

ڏجي. لطيف سائين جي نظرين مطابق اڳتي ڪيئين وڌجي ۽ سنڌي قوم کي هڪ نڪتي تي ڪيئن گڏ ڪجي. غربت جو خاتمو ڪئين آڻجي، مارڪس ازم نظام کي ڪهڙن بنيادن تي لاڳو ڪجي. ان جي پکيڙ عام آدمي تائين ڪيئن پهچائجي. سائنسي ۽ فلسفي علمن سان قوم کي ڪهڙي طريقي آشنا ڪرائجي. ادب خلاف جيڪا ڪوڙي پروپيگنڊا آهي، ان جا رستا ڪيئن روڪجن، انهن سان علمي بنيادن تي بحث مباحثا ڪيا وڃن. هو جيڪي ڪوڙي ترقي پسند جو چوگو پائي اسان اسان جي سماج ۽ علمي ادارن ۾ ڪاهي پيا آهن. انهن جا رستا ڪهڙي نموني روڪجن. پنهنجي عوام تائي صحيح تاريخ ڪئين پهچائجي. وهمن، وسوسن، فرقن، ڇرڪن، ڪرامتي ادب سرجڻ وارن سان منهن مقابل ڪئين ٿجي. سنڌين جو بقا ۽ بهبود ڪهڙين ڳالهين ۾ آهي. ۽ڏيءَ ۽ ايڪي جا ڪهڙا فائدا آهن. پورهيت سنڌ جو هجي يا ملڪ جي ڪنهن ٻئي حصي جو يا دنيا جي ڪنهن ڪنڊ جو هجي، ان جو استحصال ٿئي ٿو تہ ان لاءِ ڀرپور آواز اٿارجي. ساڳي ڪتاب جي هڪڙي ٻئي مضمون ۾ پليجو صاحب اهڙن پرماري ۽ وهم پرستيءَ وارو ادب تخليق ڪرڻ وارن کي چتاءُ ڏيندي لکي ٿو تہ:

”مارا ماريءَ واري ادب عوام کي بي رحمي، سفاڪيت ۽ وحشانيت سيکاري ٿو ۽ ڪيس اهڙو وحشي درندو بنائڻ گهري ٿو جو منجهانئس پنهنجي پرائي جي ساڃاهہ ئي نڪري وڃي ۽ جيڪو سامهون اچيس تنهنجي نڙي وڍي رکي. اهڙي انساني ”مال“ مان سامراج کي عوام خلاف ڪارائتا ڪرائي جا قاتل، جاسوس ۽ ايجنٽ ملن ٿا، جيڪي چند ڏوڪڙن عيوض پنهنجي وطن جي عوام خلاف توڙي دنيا جي عوام ڪهڙو بہ غداريءَ، درندگيءَ ۽ شيطانيءَ وارو جرم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا. ڪرامتي ادب، جادوئي اسراري ادب جو پاءُ آهي. پير جي هڪڙي شوڪاري يا تعويذ سان ئي لڌڻ ڪُنوار ملي وڃي ۽ سڀ مشڪل آسان ٿي وڃن تہ ماڻهو پيا جوڳ ڇو پچائي؟

فلسفي، منطق، تصوف ڪان وٺي هن ڪتاب ۾ اهي سڀ مضمون موجود آهن. جيڪي انسان ذات ۽ پورهيت طبقي جي ڀلائي ۽ ان جي اهنجن کي دور ڪرڻ لاءِ جيڪي بہ رٿابنديون آهن، انهن جو سربرستو احوال، سندس هنن تخليقي ۽ تنقيدي تحريرن ۾ موجود آهن. جن جي مطالعي ڪرڻ سان، اسان ڪيترن ئي نت نون، خيالن ۽ فڪرن سان روشناس ٿيون ٿا. پليجي صاحب جا هميشہ موضوع عوام ۽ ڌرتيءَ تي ٽڙندڙ خوبصورت شين وانگر رهيا آهن. اهو هڪڙي بهترين اسڪالر ۽ نقاد جي اک جو ڪمال آهي، جو هو ٽڙيل پکڙيل شين کي ميڙي چونڊي، سهيڙي، سموهي اسان تائين خوبصورت نموني سان پهچائي ٿو. سندس تحريرن جي، اها وڏي خوبي آهي تہ، انهن ۾ فڪري گهرائيءَ سان گڏو گڏ ترقي پسند سوچ سمايل هوندي آهي. سندس هر تخليق، نواڻ، ڄاڻ جي خزانن سان ڀرپور هونديون آهن. هو پنهنجي سماج کي ڪٿي بہ ڪرڻ نہ ٿو سيکاري، بلڪِ انهن جي حوصلن ۽ همٿن ۾ پڻ اظافو ڪندو رهي ٿو. هن ڪتاب ذريعي پليجي صاحب ترقي پسند ادب ۾ نون لاڙن کي متعارف ڪرايو

آهي. جيڪي سنڌي ادب ۾ اڳ موجود ڪو نہ هئا. پليجي صاحب ادب تخليق ڪرڻ جا محرڪ ٻڌايا آهن، تہ ادب ڇو ٿو تخليق ڪيو وڃي؟ ادب جا سماج ۾ ڪارج ڪهڙا آهن. ادب وسيلي سماجن ۾ موجود منفي لاڙن کي تبديل ڪري سگهجي ٿو. ادب ڪنهن هڪ ماڻهوءَ يا ڪنهن مير، پير، جاگيردار ۽ سرمائيدار جي ميراث ناهي. ادب قومن جو سرمايو هوندو آهي. ادب انسان جي انهن لڪيل خوبين ۽ صلاحيتن کي عوام آڏو پيش ڪرڻ جو هڪ ڏانءُ آهي. ادب تخليق ڪرڻ لاءِ رڳو! احساس ضروري ناهن؟ دلين جو درد، نئين سياسي، فلسفي، سائنسي، سماجي، انسان ۽ ڌرتيءَ جي ارتقا، انسان جو لکين ڪروڙين سال جا ڪيل ڪم، ثقافتي ڄاڻ ۽ ڪيترين ئي ڪوجنائون جهڙا عظيم موضوع هن ڪائنات ۾ موجود آهن. ڪتاب ”سنڌي ذات هنجن“ سنڌي ادب جو هڪ عظيم شاهپارو آهي. جنهن کي پڙهڻ ڪان پوءِ دل ۽ دماغ ۾ئي تازا توانا ٿي پون ٿا. هن ڪتاب ۾ پليجي صاحب، پورهيت، هاري، مزدور ادب بابت نت نوان ڏس پتا ڏنا آهن تہ اهي بہ اسان جي ادب جا موضوع هئڻ گهرجن. ڇو تہ؟ پورهيت، هاري، مزدور ئي اسان لاءِ دنيا ۾ آرائش جون شيون مهيا ڪن ٿا. پاڻ ڪيترن ڏکن ڏولاون مان گذري بہ پنهنجي قوم، وطن لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن محاذ تي ويٺا ڪم ڪن ٿا. اهي عظيم شخصيتون آهن، جيڪي اسان کي شان سان جيئڻ جي سگهہ بخشين ٿا. اسان جي ادبي شهپارن جا موضوع رومانيت سان گڏو گڏ ڌرتي، پورهيت، مزدور جي محنت ۽ مشقت هئڻ گهرجن. اهي سڀ عوامي موضوع آهن. محمد ابراهيم جويو سنڌي ذات هنجن جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ:

”اسين پنهنجي محترم عزيز ساٿي جا دلي شڪر گذار آهيون. جو پاڻ اسان کي هي وقتائتو ۽ اهم ڪتاب ڏنو اٿن. ادب ۽ فن ۾ جديديت جي فتني لاءِ، جنهن جا مغرب جي سامراجي دنيا ۾، جتي ان جي اوسر ٿي آهي. گهڻئي دلڪش نالا ۽ گهڻيون ئي مٺي ڦير تاويلون موجود آهن. ان سڀ لاءِ پاڻ اسان کي هن ڪتاب ۾ جيڪا تفصيلي ڄاڻ ۽ پرک جي ڪسوٽي ڏني اٿن. اُها اسان لاءِ پنهنجي ادب کي، وطن دوست عوام پسند، انقلابي راهہ تي قائم رکڻ ۾ اُملهہ رهبريءَ جو ڪم ڏيئي سگهندي- ۽ اها راهہ ئي اسان لاءِ پنهنجي ادب ۽ فن جي سچي ترقي پسند ۽ انساني راهہ آهي.“

### ڪتاب: مارن مونجهہ مياس جو جائزو . . .

هن ڪتاب ۾ رسول بخش پليجي جا اُهي مضمون ۽ تقريرون شامل آهن. جيڪي مختلف وقتن تي پاڻ عوامي سجاڳيءَ لاءِ لکيائون. تقريبن ٻن ڏهاڪن جي دور جون اهي سيئي روئيداد شامل آهن، جيڪي هن عظيم قوم سان روا رکيون ويون آهن. 1977ع کان وٺي 1996ع تائين ملڪي سياست جيڪي رنگ بدليا، طاقت جي انڌ تي جيڪي انساني حقن جون پنيجڪڙيون ۽ جيڪي ڪلور غريب ۽ پورهيت عوام سان ڪيون ويون، انهن جي هوبهو تصوير پليجي صاحب جي هنن تخليقن ۾ موجود آهن.

ان کان علاوه سنڌ جي سياست جي آڙ ۾ اختيار ڪيل ڪوڙيون قوم پرستيون نظريون، عملن ۽ سازشن جو انتهائي ڏاهپ ۽ مدبرانہ نموني سان، انهن جي چهرن تان غلاف لاهي ڦٽا ڪيا. هي مضمون پليجي صاحب ان دور ۾ لکيا، جنهن دور ۾ اقتداري آقائن خلاف هڪ لفظ لکڻ، موت کي دعوت ڏيڻ برابر هئي. پر جنهن شخص کي جيجل امڙ، پنهنجي جهوليءَ ۾ سچائيءَ جون اُهي ستيون پياريون هيون، جو هو دنيا ۾ ڪنهن بہ جابر، ظالم ۽ ڦورو اڳيان نہ جهڪڻ ۽ نہ وڪامڻ سکيو هو. جنهن جي ذهن ۾ پورهيت ۽ هاريءَ لاءِ اٿاهہ محبت هئي. جيڪو پنهنجي ڌرتيءَ سان بي انتها محبت ڪندڙ انسان آهي. جيڪو پنهنجي اکين اڳيان ڪا بہ انياءِ ٿيندي ڏسڻ پسند نہ ڪندو هو. پوءِ اها انياءِ ڌرتيءَ جي ڪنهن بہ فرد سان واسطو رکندڙ هجي يا دنيا جي ڪنهن پورهيت، مزدور سان ڪا سرمائيدار طرفان ٿيندڙ ظلم هجي. يڪدم انهن خلاف سراپا احتجاج بڻجي پوندو هو. هن ڪتاب ”مارن مُونجهہ مياس“ ۾ اڪثر مضمون اهڙن جاگيردارن، وڏيرن، سرمائيدارن ۽ ڦورو طبقن جي ظلمن جي داستانن سان پري پئي آهي. جن پنهنجي وطن دوست، قوم پرست، محبِ وطن ۽ پورهيت ماڻهن سان پنهنجي چوڌرائپ ۽ وڏيرائپ کي قائم ڪرڻ لاءِ ڪريل حربا استعمال ڪيا.رسول بخش پليجي انهن جي چالاڪين جي پٽ وائکي ڪئي ۽ انهن جي مُنهن تان شرافت جا پهريل ماسڪ لاٿا.۽ انهن جو اصلي چهرو عوام اڳيان وائکو ڪري پيش ڪيو. ملڪ ٺهڻ کان پوءِ اهڙا ڪيترائي ٽولا اقتدار تي قابض ٿي ويا.انهن پاڻ ۾ ڳجها معاهدا ڪيا، تہ تون مونکي حاجي چئو ۽ آءُ توکي غازي سڏيندس ۽ گڏجي اقتدار جا مزا ماڻيندا سين. جنهن هٺين طبقي جي عوام هيڏيون ساريون قربانيون ڏيئي ڌار وطن حاصل ڪيو، اهي اڄ تائين دربدريءَ واري زندگي گهارڻ تي مجبور آهن. تاريخ جي ورقن کي جڏهن اٿلائي پٿلائي ڏسون ٿا تہ سنڌ جي ماڻهن پنهنجي وطن لاءِ شاندار قربانيون ڏنيون ۽ ميدان ملهايا.انهيءَ هوندي بہ اڄ تائين هنن جا حال هيٺا ئي هيٺا رهندا اچن ٿا.اسان ڏِٺي جهدو جهد ڪري ارغونن، ترخانن ۽ مغلن کان اقتدار کسيو ۽ انگريزن خلاف ڀرپور سياسي مهم هلائي انهن کي پسپا ڪرڻ تي مجبور ڪيو. تڏهن بہ اسان جي جي ڳچين مان غلاميءَ جو ڳٽ نہ نڪتو.؟ڪيترائي دور آيا، پر پورهيت ۽ غريب طبقي مٿان ظلمن جا دستور ساڳيائي رهيا ۽ ڪا بہ شئي نہ بدلي. هر نئون ايندڙ ٽولو ويس مٽائي ۽ پاڻ مٿان شرافت جو ليبل لڳائي، اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ هميشہ ڊڪ ڊوڙ ۾ نظر آيو. اقتدار حاصل ڪرڻ کان پوءِ هميشہ وانگر هيٺن، ابوجهن کي هيسائي اقتدار تي گرفت مضبوط ڪئي. پليجي صاحب انهن مڪارن، موقعي پرستن، غدارن، عوام کي آزاريندڙن، ويڪائو وڏيرن جي چالاڪين ۽ چال بازين جو تُز ۽ گهرو مشاهدو ڪري، انهن کي عوام جي عدالت ۾ پيش ڪيو. پليجي صاحب کي ڪري ۽ سچي ڳالهہ ڪرڻ تي ڪيترن ئي تڪليفن کان گذرڻو پيو. پورهيت طبقي جي حقن جي وڪالت ڪرڻ جي عيوض،هن شخص کي ملڪ جي مختلف جيلن جي ياترا ڪرائي وئي. تڏهن بہ هن پورهيت طبقي کان ڪڏهن منهن نہ موڙيو، هميشہ انهن جي جائز حقن جي حاصلات لاءِ جهدو جهد واري ميدان ۾ مصروفِ

عمل رهيو. هو چاڻي پيو تہ قوم جي قسمت بدلائڻ ۾ انهن مزدورن ۽ هارين جو وڏو ڪردار آهي. اهو طبقو خوشحال ٿيندو تہ ملڪ ترقي ڪندو. چاڪاڻ جو هن دنيا ڪي تخليق ڪندڙ مالڪ جو بہ چوڻ آهي تہ، پورهيت خدا جو دوست آهي. جڏهن پورهيت الله سائين ڪي ايڏو ويجهو آهي تہ پوءِ اسين ڪير ٿيندا آهيون، انهن جي حقن تي ڌاڙا هڻڻ وارا. پليجي صاحب جو قلم سدائين مظلوم عوام جو آواز بڻجي، اهڙن قوتن مٿان وڄ بڻجي برسيو آهي، جن پورهيت طبقي جو استحصال ڪيو. سنڌس لکڻيون سنڌي قوم ۽ ڌرتيءَ جي جياپي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن."هو هڪ وسيع مطالعو رکندڙ اديب آهي. ان ڪري سنڌس تحقيق ۽ تنقيد معياري،اصلاحي ۽ سائنسي بنيادن تي آهي. مطلب تہ سنڌس شمار سنڌي ادب جي نظرياتي نقادن جي صفِ اول جي اديبن ۾ آهي." ڪتاب "مارن مونجهہ مياس" ۾ ڪل 19 مضمون آهن. جيڪي ملڪي، بين الاقوامي سياست، وڏيرا شاهي جي ڦرلٽ، جاگيردارن جي ظلمن ۽ زيادتين، دهشتگردن جي ڪرتوتن، مزدور ۽ پورهيت تي ڏاڍ ۽ جبر ڪرڻ وارن سرمائيدارن جي چالبازين متعلق آهن. انهن سڀني مڪرن ۽ منافقين مان پاهر نڪرڻ جا گس بہ پليجي صاحب هن ڪتاب ۾ بيان ڪيا آهن. سنڌس ڪتاب مان اقتصاب هت پيش ڪجي ٿو. جنهن منجهان پليجي صاحب جي ڏاهپ، دور انديشي ۽ پورهيت طبقي سان پيار جي پروڙ پوي ٿي.

"ملڪ ۾ صحيح انقلابي نظريي جي ڀرپور چاڻ نہ هئڻ ڪري ۽ عوام جي مکيہ طبقن يعني مزدور ۽ هارين جي قوت تمام ڪمزور ۽ پست هئڻ ڪري هن ملڪ ۾ فقط اهي سياسي پارٽيون قائم آهن، جيڪي فقط ٿورائي وارن ڦورو ۽ ظالم طبقي يعني جاگيردار ۽ سرمائيدار طبقن جي فائدي لاءِ ڪم ڪنديون رهيون آهن. اهي ملڪ جي عوام کي بيوقوف بنائي، کين پنهنجي ۽ پنهنجي ڦورو ۽ ظالم طبقن جي پويان پڇ وانگر لتڪائينديون رهيون آهن. سماج ۾ مڪمل انقلاب آڻڻ واسطي ڏکي ۽ اٽانگي ڪامياب جدوجهد هلائڻ لاءِ عوام کي تيار ڪرڻ ۽ ان جدو جهد جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ عوام کي جيڪا اڳواڻ پورهيت پارٽي لازمي طرح گهربل هوندي آهي سا اسان جي قوم ۾ موجود ڪانہ رهي آهي. ان ڪري جيئن انقلاب جو صحيح نظريو موجود نہ هو ۽ عوام کي انقلابي پورهيت پارٽيءَ جي صحيح اڳواڻي حاصل نہ هئي،، تنهن ڪري عوام جا ڦورو طبقن ۽ قومن خلاف طبقاتي ۽ قومي مورچا بلڪل ڪمزور پئي رهيا آهن. ڀنهي قسمن جي مورچن تي گهڻي ڀاڱي وڏيرا، سرمائيدار، پرمار، سامراجي ۽ سنڌس چاڙتا چانيل رهيا آهن. دنيا جون انقلابي پورهيت پارٽيون پنهنجي پنهنجي ملڪ جي عوام جي سڀني وطن دوست ماڻهن، ٽولن، قوتن ۽ طبقن کي پاڻ ۾ ڀڏي ڪرائي، پنهنجي اڳواڻيءَ هيٺ گڏيل قومي مورچا ۽ محاذ ٺاهي سڄي ملڪ کي متحد ڪري عوام جي حقن واسطي جدو جهد هلائينديون آهن." "مارن مونجهہ مياس ص. 31."

اها ڳالهہ روز روشن جيان عيان آهي تہ پليجي صاحب جي تحريرن ۾ پورهيت طبقي لاءِ بي انتها پيار موجود آهي ۽ ڦورو طبقي لاءِ هميشہ جي ڌتڪار آهي. سندس جهدو جهد جو محور ۽ مرڪز سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو ئي آهن. انهن جي صدين جي جياپي ۽ خوشحاليءَ جي جنگ پليجو صاحب مڙس ماڻهو ٿي وڙهيو آهي ۽ وڙهندو رهندو. ادب ۽ فن عوام جا اهي محفوظ مورچا آهن. جن جي مدد سان سماج ۾ مثبت تبديلي آڻي سگهجي ٿي. سماجي براين ۽ بڇڙاين مان عوام کي آزاد ڪرائي سگهجي ٿو. عوام ۾ اها سگهہ پيدا ڪري سگهجي ٿي، جنهن سان هو پنهنجي ڌرتيءَ جي سنوار ڪري سگهن. انهن عوام دشمن قوتن خلاف اٿي کڙا ٿين، جيڪي ڏاڍ ۽ جبر جي زور تي سندن بنيادي انساني حقن کي پائمال ڪري رهيا آهن. ادب جي روشنائيءَ ۾ زندگيءَ جو فلسفو سمايل آهي. جئين سچ زندگيءَ جي نشاني آهي، ائين ئي ادب قومن جي زندهہ دليءَ جي نشاني آهي. قومون اهي ترقيءَ جي راهہ تي گامزن ٿينديون، جن وٽ صيحت مند ادب موجود هوندو. ادب وسيلي انسان زمانن کان جڪڙيل محڪوم ۽ مظلوم انسانن جي ظلمن جا زنجير ٽوڙڻ ۽ وقت سان گڏ اڳتي وڌڻ جا نوان گس گهڙي ڏيندو آهي. هن مهل تائين ترقي آفتہ ملڪن جي تاريخ کي پڙهجي ٿو تہ هنن سورهيائي ۽ سچائيءَ سان گڏ پنهنجي علمي ۽ ادبي ادارن جي تحفظ لاءِ جوڳا اُپاءَ ورتا آهن. ڇا ڪاڻ جو اپلائيڊ سائنس سان گڏ هنن سوشل سائنس کي بہ ڀرپور نموني سان پنهنجي سماج تائين پهچايو آهي. اهڙا معاشرا مثاهين منزل تائين پهچڻ ۾ ڪابہ دير ڪندا ناهن. انهيءَ مان ثابت ٿيو تہ ادب صحيح گس تي پهچائڻ ۾ اهم ستون ثابت ٿيو آهي. ڪڏهن، ڪڏهن ادب پنهنجي فڪري خيالن ذريعي، پنهنجي سماج تائين اهو پيغام پهچائيندي، سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. جڏهن ٻئي نموني سان سمجهائڻ ناممڪن ٿي پوي. جڏهن ملڪن ۾ انقلاب جي فضا جڙندي آهي تہ اصولي طور تي پهريان اتان جي ادب ۽ فن ۾ انقلاب برپا ٿيندو آهي. پوءِ گهٽن صدين جا ڏک، سور، صدما ختم ٿي ويندا آهن. ادب هميشہ مرده دلين ۾ روح ڦوڪيندي آهي. جنهن دور ۾ سنڌ ڌرتي، سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي ادب تي تنگ نظر ٽولي جو قبضو ٿيو. تنهن دور ۾ سنڌ جي ساڄاهہ وندن ترقي پسند ادب کي فروغ ڏيڻ لاءِ هڪ اهڙي ادبي تنظيم جوڙڻ جو فيصلو ڪيو، جنهن وسيلي سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ ۽ تنگ نظر ڪوڙن ترقي پسندن کان ادب جي جان آجي ڪرائڻ خاطر، هڪ مظبوط ادبي ادارو ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو. سنڌ ۾ 1946ع کان وٺي مختلف ضلعن ۾ ڪي ادبي انجمنون قائم هيون. جيڪي پنهنجي سر پاڻ خود مختيار اداري جي حيثيت ۾ سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي فروغ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيون هيون. پر اڳتي هلي انهن ئي انجمنن اهو محسوس ڪيو تہ جيڪڏهن انهن سمورن ادبي سوسائٽين ۽ انجمن کي هڪ ڪري ڪا سگهاري قوت بڻائجي. انهيءَ سلسلي ۾ 18 اپريل 1956ع تي ڪراچي ۾ هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. جنهن ۾ اهم فيصلا ڪيا ويا، جن جي نتيجن جي روشني ۾ سفارشون مرتب ڪيون ويون. آخر ڪار آچر 17 آڪٽومبر 1956ع ۾ سنڌ مدرسي جي ميٺارام هاسٽل ڪراچيءَ ۾

”سنڌي ادبي سنگت سنڌ“جو بنيا رکيو ويو. جنهن لاءِ متفقہ راءِ سان هيٺيان مرڪزي عهديدار چونڊيا ويا.“ جنرل سيڪريٽري اياز قادري، جوائنٽ سڪريٽري شمشيرالحيدري، خزانچي موتيرام راماڻي، آڊيٽر ع.ق. شيخ، عهديدارن جي چونڊ کان پوءِ ڪاروباري ڪاميٽيءَ تي هيٺيان 14 ( چوڏنهن) ميمبر چونڊيا ويا.بشير مورياڻي، عبدالفتاح ”عبد“ غلام سرور عباسي، رشيد ڀٽي، تنوير عباسيءَ شيخ حفيظ، معصوم هالائي، محمد علي اختر مورائي، مقبول ڀٽي، غلام نبي ڀراڻي، ابن حيات پنهور، عبدالله رنگريز، احسان بدوي ۽ نورالدين سرڪي.“

سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو پوکيل پوٽو، هينئر ڦل دار وڻ جي حيثيت جو روپ ڌاري سنڌي ثقافت، ٻولي ۽ ادب جي مٿان گهاٽي ڇانو ٻڌجي رکوالي ڪري رهي آهي. انهيءَ ڪاروان ۾ اڳتي هلي سنڌ جي نالي وارين هستين بہ شموليت اختيار ڪئي. جنهن ۾ سياستدان، مفڪر، ڏاهو رسول بخش پليجو بہ هڪ آهي. جنهن پنهنجي تنقيدي ۽ تخليقي تحريرون ذريعي ترقي پسند ادب تان، انهن تنگ نظرن جي هڪ هٽيءَ کي ختم ڪيو. انهيءَ سان گڏو گڏ سنڌي ادب ۾ ترقي پسند سوچ واري ڏڪار کي بہ جڙ مان ڪڍي ڦٽو ڪيو. ۽ نئين سوچ، فڪر ۽ ولولي سان ميدان ۾ ڪاهي پيو، سندس ترقي پسند فڪر وارن تحريرن يو- پي –سي-پي مان آيل تنگ نظر نظريي وارن جي رستا روڪ ڪئي. جيڪي ادب جي آڙ ۾ سنڌ اندر مايوسيءَ کي پکيڙڻ لاءِ زمين آسمان هڪ ڪري رهيا هئا.هو نوجوانن جي اندر زهريلي احساس وارا ذهن پيدا ڪري رهيا هئا. پليجي صاحب آهستي آهستي اهڙن ذهنن کي پوئتي ڌڪڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انهيءَ جاءِ تي روشن خيال، فڪري هٿيارن سان ليس سوين ذهنن کي اڳتي اچڻ جو موقعو فراهم ڪيو. انهيءَ زماني ۾ ڪيترن ترقي پسند سوچ رکڻ وارن اديبن شاعرن سان، پليجي صاحب ڪچهريون ڪيون هيون.جن ۾ فيض احمد ”فيض“ممتاز حسين، ظفر ڪاشميري ۽ ٻين ڪيترن لبرل قسم جي دانشورن سان ملاقاتون ڪيون. پاڻ انهيءَ زماني جي ڪيترن مشهور ترقي پسند انجمنن جي ادبي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿي، پيش ٿيندڙ ادب تي تنقيدون ڪندو هو. پليجو صاحب تمام وڏو پڙهاڪو هو، هن سردار جعفري، مخدوم محي الدين، ڪيفي اعظم، ايليا ايرن برگ،ڪانٽين فيدم، جارج ايلئٽ، والٽر اسڪاٽ، ائنٿوني ٽرليب ۽ ڊڪسن کي انهيءَ زماني ۾ ئي غور سان پڙهيو ۽ پرکيو هو.ادبي ميدان توڙي سياسي ميدان تي جيڪا پليجي صاحب مڙسيءَ سان جنگ ڪئي. انهيءَ مان سنڌ جي ماڻهن جي شعوري سگهہ ۾ بي پناهہ اظافو ٿيو. سندس ڪيل انهيءَ ادبي جاکوڙ جي ڪري لکيل قوتن کي جيڪي سنڌي نوجوانن جي ذهنن کي بيمار بڻائي رهيا هئا. انهن کي ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پيو.جيڪي سنڌ ۾ ادب براءِ ادب جي خوبصورت نعري هيٺ سنڌ جي آجپي تي ڳرا پٿر رکي رهيا هئا. سنڌ جي عظيم ۽ مها شخصيتن مٿان ادبي حملا ڪري انهن کي ملحد ۽ ڪافر جهڙن لقبن سان نوازيو پئي ويو. انهيءَ وير، وڏي سوچ ويچار کان پوءِ پليجي صاحب ”انڌا اونڌا ويڄ“ جي عنوان سان لڳاتار تنقيدي مضمون لکي ادب

براءِ ادب جي وڪالت ڪندڙ ٽولي جي صفن ۾ ترٿلو مچائي ڇڏيو هو. ايماندارانه حساب سان ان چوڻ ۾ ڪو شڪ ناهي ته، پليجي صاحب جي انهن تحريرن سموري ادبي سفر ۾ نه رڳو انهن ادبي قوتن خلاف صفون منظم ڪيون. ڏينهن ڪي ڏينهن ۽ رات ڪي رات چيائين خوفن ۽ ڏپن کان اوچو ٿي، هر زماني ۾ سچ ڳالهايو، سچ چيو ۽ فقط سچ لکيو آهي. اسان جي سماج ۾ ذات ۽ ڏاهپ، دل ۽ دلبرن جي کوٽ ئي ڪونهي، تاريخ جي صفن ۾ اهڙا ماڻهو ٿي گذريا آهن. جن دل وجان سان سنڌ امڙ جي خدمت ڪئي. ستم زده ماڻهن خاطر جيئڻ مرڻ جون جنگيون ڪيون، ڦاسين تي چڙهيا، زنجير پاتائون، بک ۽ بد حاليءَ هوندي ثابت قدم رهيا، هٿين خالي هئڻ باوجود سورهيه ٿي ميدان تي وڙهيا.ڪڏهن به انهن جي سوچن ۾ پستحالي نظر نه آئي. بقول فيض احمد "فيض" جي ته:

جو ہم پہ گزری، مگر شبِ ہجراں
ہمارے اشک تیری عاقبت سنوار چلی
(فیض احمد "فیض")

انهيءَ دور ۾ جيڪي به ترقي پسند خيالن جا پرچارڪ ليکڪ، اديب، دانشور، سياستدان هئا. انهن سمورن جي تخليق جي پنهنجي پنهنجي سونهن هئي، پنهنجو پنهنجو حُسن هو. سڀني جي تخليقن جو محور ۽ مرڪز منزلِ نجات ڏانهن پند هو. هر ڪنهن جي لکڻيءَ جي هڪ نرالي خوشبو ۽ ڏانءُ هو. پر جنهن منظم طريقي سان، سڪڻ هٿن تي، دليرانه ۽ جرئتمندانه نموني سان پليجي صاحب لکيو، ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. هن پنهنجي پورهيت عوام کي هر ايندڙ خطري کان نه صرف آگاهه ڪيو، پر ان خطري سان منهن ڏيڻ به سيکاريو. منزل تي پهچڻ لاءِ اهي سمورا گس به گهڙي ڏنا. جن تي هلڻ سان امن آتشي، آڇپي وارو خواب ساڀيان جا گل ڪڍي، آجيان لاءِ انتظار ڪري رهيو هو.

## رسول بخش پليجو هڪ عظيم ترجمه نگا ر

### ادب ۾ ترجمي جي اهميت ۽ افاديت

ادب زندگيءَ جي هر پهلوءَ جي عڪاسي ڪندو آهي. ان جو سبب هي آهي ته انسان حساسيت وارو جيوَ آهي. هن جي اندر ۾ احساس ۽ جذبا پين جِيوَن کان وڌيڪ آهن. جنهن ڪري هو پنهنجي اردگرد جي ماحول مطابق، پنهنجن ادبي تخليقن کي پنهنجي سماج جي نفسياتي عنصر کي سامهون رکي تخليق ڪندو آهي. ڇاڪاڻ جو دنيا جي هر ملڪ جي سماج جا هڪڙا پنهنجا احساساتي محرڪ، جذبا، رسم و رواج ۽ پنهنجو ماحول هوندو آهي. هو انهيءَ ماحول جي پٽاندڙ پنهنجو ادب تخليق ڪندا آهن. جيئين مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون ته، انسان هڪ سماجي جيوت آهي. تنهن ڪري هن جي

پنهنجي ماحول کان هٽي ڪري، پي دنيا جي جاگرافي، فطري مشاهدو ڪرڻ لازمي ٿيو پوي. انهيءَ لاءِ ضروري آهي تہ شاهڪار ادب جو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ گهرجي. شاعريءَ جو ترجمو ناممڪن آهي. انهيءَ حوالي سان اڪثر ماڻهو نثر جو نثر ۾ ترجمي کي آسان سمجهندا آهن. در اصل ائين ناهي، ترجمو ڪرڻ هڪ فن آهي. جيڪو ٻين ٻولين جي وسيع ڄاڻ ۽ ان جي مزاج پهاڪن ۽ اصطلاحن جي مڪمل لسانياتي ڄاڻ بہ هجي. علمي ترجمو ڪرڻ بہ انتهائي ڏکيو آهي. ڪامياب مترجم بہ اهو ئي آهي، جيڪو علمي ۽ فني اصطلاح چڱيءَ طرح سمجهي. ۽ جيڪڏهن پنهنجي ٻوليءَ ۾ ان جو عيوضي يا نيم البدل لفظ ناهي تہ عربي، فارسي مان ڪٽي يا هندي مان ڪٽي، ممڪن هجي تہ نوان لفظ گهڙي ۽ ٻوليءَ ۾ اضافو ڪري. اڪثر اهو چيو ويندو آهي آهي تہ ٻولين جي لاءِ واڌ ويجهہ جي سلسلي ۾ بهترين دور سندس ترجمي وارو دور هوندو آهي. ممتاز مهر لکي ٿو تہ:" سو ترجمن جي لاڙي کي ادب جي اوسر لاءِ فائديمند سمجهن کپي، ترجمن ذريعي اصل تخليقي جوهر کي هٽي ملندي آهي.۔ترجمن جي پڙهڻ سان ليکڪن ۾ نئون تخليقي جذبو پيدا ٿيندو آهي. نثر ۽ نظم جي اسلوبن ۾ اضافو ۽ تغير ايندو آهي. ترجمن ذريعي لکندڙ توڙي پڙهندڙ پنهنجي پنهنجي ننڍڙي دنيا مان نڪري وسيع تر دنيا جي تجربن کان واقف ٿيندا آهن."

ان دور ۾ مختلف اديب. عالم ۽ فنڪار ترجمن ذريعي پنهنجي ٻوليءَ کي شاهوڪار بڻائيندا آهن. انهيءَ جو مثال عربي، فارسي، هندي، ۽ چيني ٻولين جو آهي. جن دنيا جا علمي ۽ ادبي اصطلاح پنهنجي ٻولين ۾ رائج ڪيا آهن. اسان وٽ ديوان ننديرام رام وٽان ترجمي جي شروعات ٿي آهي. جنهن سپ کان پهريائين سرڪاري فرمائش تي چچ نامي جو بهترين سنڌي ترجمو ڪيو هو. ان کان پوءِ مرزا قليچ بيگ ڪيترن ئي مختلف علمن جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا. انهيءَ سلسلي ۾ ڪاڪي پيرومل، محمد ابراهيم جويو، رسول بخش پليجو ۽ تنوير عباسيءَ جو بہ اهم ڪردار آهي. انهيءَ سلسلي ۾ رسول بخش پليجو لکي ٿو تہ: " دنيا جون شاهوڪار ٻوليون رڳو پنهنجون ڏيڏ چانورن جون جدا ديڳيون چاڙهي ان مان ٽلهيون ڪو نہ ٿيون آهن، پر انهن ٻين ٻولين جا خزانا ميڙي پنهنجون جهوليون ڀريون آهن. رڳو انگريزيءَ جو ئي مثال وٺو دنيا جي ڪهڙيءَ ٻوليءَ جو ڪو چڱريڙو ڪتاب آهي، جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪونهي. رڳو مون ئي جرمن، چيني، فرينچ، روسي، نارويجن، پولش عربي، فارسي، سنسڪرت، آئيس، لينڊڪ، لتوپائي، اسپيني ۽ هنگرين ٻولين جا سوين ڪتاب انگريزي ترجمي جي صورت ۾ پڙهيا ۽ ڏٺا آهن."

ويهين صديءَ جا پهريان پنجاهہ سال سياسي، اقتصادي ۽ سماجي تحريڪن جا حمايتي رهيا آهن. انهيءَ حوالي سان سوشلزم ۽ ڪميونزم جي بابت سنڌيءَ ۾ تمام گهڻو سياسي لٽريچر ترجمي هيٺ آندو ويو. جنهن جي نتيجي ۾ اسان جي ننڍي کنڊ ۾ ڳاپيص ڌر ۽ سيڪيولر خيالن جي تمام گهڻي

نشو نما ٿي. جنهن جي نتيجي ۾ اسان وٽ ترقي پسند فڪري تحريڪن کي ڪامياب محرڪ مليا. جنهن جو مثال 1936ع ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين اردو آهي. انهيءَ کان علاوه سنڌيءَ ۾ به ترقي پسند خيالن جي اوسر 1930ع کان ئي سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿي وئي. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، تيرٿ وسنت، قاضي فيض محمد، لعل چند امر ڏنو مل، گوبند مالهي ۽ شيخ اياز 1940ع واري ڏهاڪي ۾ پاڻ کي انقلابي روشن خيال ۽ ترقي پسند ليکڪ طور ثابت ڪرائي چڪا هئا. مختيار ملاح لکي ٿو ته: ” ادبي ترجمي جو ڪم جيڏو اهم آهي، ان کان گهڻو ڏکيو به آهي. هڪ زبان جا فڪري رجحان ٻي ٻولي ڳالهائيندڙ جي انداز فڪر کان ڪافي حد تائين مختلف ٿيندا آهن ۽ نه رڳو فڪري رجحان مختلف ٿيندا آهن، بلڪ انداز بيان به مختلف ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح مترجم کي ڪيترن آزمائشن مان گذرڻو پوندو آهي. اگر ترجما نگار خود به تخليقڪار آهي ته ترجمي جو سواد محسوس ٿيندو آهي، ورنه ترجمو ڦڪو ۽ ڪچو لڳندو آهي. ڇو جو ڪنهن به ڪتاب جي ترجمي لاءِ اهو ضروري هوندو آهي ته ڪتاب جي اصليت کي هميشه قائم رکيو وڃي. اهڙيءَ طرح جنهن به ٻوليءَ مان ڪنهن ڪتاب جو ترجمو ڪيو وڃي ته انهيءَ ٻوليءَ جا نالا، اتان جو ماحول، انهيءَ ملڪ جون حالتون ساڳيون رکيون وڃن، پر نالا ۽ ماحول مٽيو ويو ته پوءِ جڻ ان جي اصليت تبديل ڪئي ويئي.

ڪنهن ملڪ جي عام ماڻهوءَ جي عام ماڻهوءَ جي اخلاقي ۽ روحاني سطح جيتري مٿاهين هوندي، سندس زندگيءَ ۾ ڪتابن جو دخل به اوترو ئي وڌيڪ هوندو. انهيءَ لحاظ کان هر زبان ۾ ادبي ترجمن جي خاص اهميت رهي آهي. بحواله ايذرا پائونڊ وڌيڪ لکي ٿو ته: جيڪو دور تخليقي ادب جي لحاظ کان عظيم هوندو، اهو ترجمن جي لحاظ کان به عظيم ٿئي ٿو. “

رسول بخش پليجي جي سڃاڻپ رڳو سياستدان واري ناهي، هو سگهارو شاعر به آهي. ڌات ڌڻي پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتي واسين جي مونجهارن کان به بخوبي واقف هوندا آهن. هو پنهنجي ڌرتيءَ جي سونهن کي پنهنجي اکين سان پسندا آهن ۽ ان جي انهيءَ سونهن ۽ سوڀيا تي پنهنجي خيالن جو اظهار شاعريءَ وسيلي ڪندا رهندا آهن. شاعر پنهنجي مشاهدي ۽ مطالعي جي سگهه جي آڌار تي پنهنجي ڌرتيءَ جي خوبصورت منظرن، حُسناڪين کي پنهنجي قلم جي ذريعي ٻي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب ويندا آهن. ان سان گڏو گڏ دنيا جي بهترين ادب کي، پنهنجي خداداد صلاحيتن عيوض ترجمو ڪري، پنهنجي ٻوليءَ جي ادب ۾ بي پناهه اضافو پڻ ڪندا آهن. شاعر لاءِ دنيا جا مظلوم ماڻهو هڪجهڙا هوندا آهن، جيئن هو پنهنجي ڌرتيءَ جي مظلوم عوام لاءِ پنهنجي ڌات وسيلي آواز بلند ڪندو آهي، تهڙي نموني هو دنيا جي به مظلوم ۽ پورهيت عوام لاءِ پنهنجي خيالن وسيلي همدرديءَ جو اظهار پڻ ڪندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هر شاعر ۽ نقاد پنهنجي ادب سان گڏو گڏ ٻين ملڪن جي ادب جو به گهرائيءَ سان مطالعو ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح مطالعي ڪرڻ سان دنيا جي

مظلوم ۽ محڪوم عوام جي مونجهارن جو پتو پوي ٿو. اهڙي ڄاڻ حاصل ڪري شاعر ۽ نقاد پنهنجي ڏکويل انسانن سان گڏو گڏ انهن انسانن لاءِ به لکندو آهي، جيڪي هن کان ڪوهين ڏور رهندا آهن.

اهڙيءَ طرح شاعريءَ ۽ ترجمي وسيلي، هو ڏکويل انسانن سان ڀرپور محبت جو اظهار ڪندو آهي. هو ٻين جي دردن کي پنهنجو درد سمجهي تڙپندو آهي. سڄاڻ سياستدان، ڪهاڻيڪار، مفڪر، نقاد ۽ شاعر رسول بخش پليجي جي شاعريءَ سان گڏ سموري ادبي لکڻين ۾ جهاتي پائي ڏسڻ سان هن جي من ۾ جتي پنهنجي ڌرتي واسين جي ڏکن، ڏولاون، سورن، سختين محبتن ۽ مرڪن جا اولڙا محسوس ڪري سگهجن ٿا، انهيءَ تحريرون منجهان دنيا جي پورهيت ۽ مظلوم طبقي لاءِ به ساڳيا احساس ۽ جذبا پسي سگهجن ٿا.

پليجي صاحب پنهنجي اصلوڪي شاعريءَ ذريعي، پنهنجي ماڻهن ۾ اتساهه پيدا ڪرڻ لاءِ تمام گهڻيون ڪوششون پڻ ورتيون آهن. اهڙيءَ طرح، هن ٻاهرين ادب جي نثر سان گڏ سگهاري شاعريءَ جو پڻ مطالعو ڪري، سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. جنهن شاعريءَ ۾ عزم، حوصلو، وقت سان ويڙهه ۽ انقلاب ڏانهن سچائي ۽ ثابت قدمي سان وڌڻ شامل آهي. مختلف ملڪن جي ڏاهن جي شاعري سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري پليجي صاحب پنهنجي ديس واسين کي حوصلي، عزم سان اڳتي وڌڻ جا شاندار گُر ڏسيا آهن. ترجمي ڪرڻ وارو عمل ڪيترو اهنجو آهي، اهو ته ترجمو ڪندڙ ئي صحصح نموني سان بيان ڪري سگهي ٿو. ٻين ٻولين جا محاوره ۽ اصطلاح پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ انتهائي ڏکيو ڪم آهي.

نثر ۾ لفظي ترجمو ڪرڻ ته ڪنهن حد تائين سولو آهي، پر شاعريءَ جو ترجمو ڪرڻ وڏي محنت ۽ جفاڪشيءَ جو ڪم آهي. پليجي صاحب اها محنت ۽ جفاڪشيءَ جي ڪوشش اثرائتي نموني سان ڪئي آهي. ڀاڻ جنهن شاعريءَ جو گهڻو ترجمو ڪيو اٿائون، انهن ۾ جرمني، پشتو، حافظ شيرازي، جلال الدين رومي، خيام (فارسيءَ جا ٻيا به ڪيترائي شاعر) جپاني، عربي، انگريزي وغيره ٻوليون شامل آهن. اهڙي نموني ترجمو ڪندڙ شاعريءَ منجهان اهو به محسوس ٿئي ٿو ته دنيا جي ترقي پسند خيالن واري شاعر جي نه رڳو خيالن جي واقفيت ٿيندي، پر اها ڄاڻ به ملندي ته، دنيا جا ترقي پسند شاعر پنهنجي قوم ۽ مظلوم قوم لاءِ ڇا سوچن ٿا.؟

جنهن مان پڻ اها به پروڙ پوندي ته، ترجمي ڪرڻ واري جو مطالعو ڪيڏو گهرو ۽ وسيع آهي. اهڙيءَ طرح سندس چونڊ کي به داد ڏيڻ کان دل رهي نه سگهندي. سندس اهو ترجمي وارو پورهيو نه صرف پنهنجي پڙهندڙ حلقي وٽ مان ۽ مرتبو ماڻيندي، پر ايندڙ نسل لاءِ به راهون هموار ڪري ڏيندي. ان سان گڏو گڏ نوجوان شاعرن، پڙهندڙ جي ذهني سوچ کي سگهاري هٿي پڻ ملندي. رسول

بخش پليجو جي شاعريءَ ۾ اسان کي هڪ نئون عزم، ولولو، جوش، جذبو، بهادري ۽ زندگيءَ جا گيت رقص ڪندي نظر اچن ٿا. سندس ست ست ۾ سُرن ۽ سازن جا مدر آلاپ ٻڌڻ ۾ ايندا. همٿ، بهادري، سورهيائيءَ جا درس، نئون جهان اڏڻ لاءِ اتساهه ۽ ولولو ٻکندي نظر ايندي. شاعريءَ جي هيٺين سٽن کي پڙهڻ کان پوءِ، اهو فيصلو اوهان تي آهي تہ، پليجي صاحب جي سوچ ۽ سوچڻ واري مشاهدي جي تخليقي سگهہ ڪٿي ٿي دنگ ڪري.

جهان کي ڏيو مبارڪون اسين پيا ڪاهيندا اچون،
نون سُرن ۾ زندگيءَ جا گيت ڳائيندا اچون،
نئين زمين تي هڪ نئون جهان بنائيندا اچون،
نئين جهان ۾ ڏام ڏوم سان ڇائيندا اچون.

❋❋❋

حيات جو هيءُ حڪم آهي تہ ڍاهيو پوءِ ٺاهيو،
دٻاءُ ڦر رهزنيءَ جا ڪيل سڀ بگاڙيو،
خزان کي جو پناهہ ڏي سو باغ ئي اجاڙيو،
خزان سان گڏ خزان جو گهر بہ پيا جلائيندا اچون.

❋❋❋

اجهو هو نڪتو ڀڪندڙ جلوس آفتاب جو،
پيو آ ليڙون ليڙو ٿيو ڪفن انڌيري رات جو،
نشان نظر اچي پيو صاف منزلِ نجات جو،
۽ ٻوڏ وچ جيان وڌي قافلو حيات جو،
قيامتون قيامتن پٺيان اٿاريندا اچون.

❋❋❋

جو سج آسمان تي هو زمين تي جڳمڳائيندو،
۽ چنڊ پڻ لهي اچي قدم تي جهڪائيندو،
بهشت جنتن جو خواب نيٺ رنگ لائيندو،
بهار نيٺ مرڪندو ۽ حسن گيت ڳائيندو،
اٿو جو آسمان کي زمين تي لاهيندا اچون.

پليجي صاحب جي هن نظم ۾ اتساهه، جوش، جذبو سمايل آهي. اسين ماڻهو سچ جي منزل ڏانهن ڪاهيندا پيا اچون. اهي اشارا ۽ علامتون هڪ نئين صبح جي آغاز جو پيام آهن. اهو صبح جيڪو امن ۽ پيار جا ڪرڻا ڪڻي هن خوصورت ڌرتيءَ تي چٽڻ لاءِ آتو آهي. انسان هميشه سچ جو ڳولائو رهيو آهي. انهيءَ راهه تي هلندي ڪيس هزارين، دردن جي دريائن کي پار ڪرڻو پوندو آهي. تڏهن وڃي صيحت مند سماج جنم وٺندو آهي. مٿين نظم ۾ پليجو صاحب انهن بي زبان هارين ، مزدورن کي علامتي انداز ۾ سماج جو حقيقي هڏ ڏوڪي سمجهي ٿو. جن جي سامهون بهارون ته آهن، پر هو انهن بهارن جو مزو ماڻي نه ٿا سگهن. پورهيت عوام اسان جي ملڪ جو اهو طبقو آهي، جنهن جي ڪري اسين زنده ۽ جاويد آهيون. چاڪاڻ جو هي طبقو، ملڪ جي ريڙهه جي هڏيءَ جي حيثيت رکي ٿو. پر بدقسمتيءَ سان، اسان پنهنجي ان طبقي جي آسائش ۽ آرام لاءِ اڄ تائين ڪجهه به نه ڪيو آهي.؟ انهيءَ طبقي جي دردن جو آواز ٻڌجي پليجو صاحب اڳيان آيو آهي. پوءِ دنيا ڏٺو ته، جڏهن اهو طبقو جاڳيو ته ڪيترن جون ننڊون حرام ٿيون؟. پورهيت طبقي جي آواز کي دٻائڻ لاءِ نت نوان قانون ٺاهيا ويا. ڦٽڪن، ڪوڙن جون سزائون سر عام ڏنيون ويون، تڏهن به هو ان آواز کي جهيڻو نه ڪري سگهيا. سچي تاريخ شاهد آهي ته، جڏهن اهي ڀڪندڙ ڇهرا روڊن تي ڏاڻا ڪڻي نڪتا ته تاريڪيءَ ۾ وار ڪندڙن جا ڪپڙا ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيائون. سندن متيون مُجهي پيون ته، ان آواز کي ڪيئن زير ڪجي، ڪي ئي قانون جڙيا ڪال ڪوٺڙين جون صفايون ٿيون. پر اسان سڀني ڏٺو ته فتح پوءِ به عوام جي ٿي. سائڻ نورالهديٰ شاهه لکي ٿي ته:" هر دور جي هر سچ کي پنهنجي اظهار لاءِ ڪنهن شخص جي گهرج هوندي آهي- شخص جنهن جي رڳ رڳ ۾ دل دڙڪندي هجي- سچ ان شخص کي ڳولي لهي ٿو ۽ ان کان پوءِ اهو شخص ان سچ جي پوپان سک چين تياڳي ان اننت ويڙهه ۾ وڙهندو ليندو. جيڪا تريخ جي ڦهلاءُ ۾ اجان پڇاڙيءَ کي ناهي پهتي."

اسان ۽ اوهان کي دنيا جو ادب پڙهڻ به گهرجي ۽ ان مان پنهنجي قوم ۽ ٻوليءَ لاءِ ترجما به ڪرڻ گهرجن. اسين جڏهن، پليجي صاحب جا ترجما ڪيل ڪتاب پڙهون ٿا، اهي نثر ۾ هجن يا نظم ۾ ائين ئي محسوس ٿيندو آهي ته جڻ اهو سڀ ڪجهه اسان سان ٿي رهيو آهي. ويٽنامي ڪهاڻيون، شاعري يا جيڪي بنگال سان ٿيو. اهي سڀ وارداتون اسان جي نظرن جي سامهون جڻ اسان سان ٿي رهيون آهن. وٽنامي مزاحمتون جڻ اسين خود ڪري رهيا آهيون. اهڙيءَ طرح محسوس ٿيندو آهي جڻ ويٽنامي ڌرتي اسان جي هجي يا بنگال ۾ جيڪي ڪجهه ٿيو (اهو تاريخ جو وڏو سچ آهي) اوهان پاڻئيندو ات جڻ اوهان پاڻ موجود آهيو. اهڙيون وارداتون ۽ زيادتيون هر مظلوم قوم جي شاعريءَ ۾ ڏسڻ ۾ ايندريون. ويٽنام جي شاعر "ووڪائو" جي هن نظم ۾ ڏسو ته هڪ وطن جي لاءِ وڙهندڙ هڪ حساس دل انسان جا خيال ڪيڏا نه پڪا ۽ پختا آهن.

سدا بهار جا گل...
سڀ ڪجهه ساڳيو آهي،
شاهه بلوط جا وڻ جبل جا ڪَرَ-
سچاتل غمگين ٽڪريون،
سڀ ڪجهه ساڳيو آهي.
پر آءُ اڪيلو بيٺو آهيان،
پاسي جي ننڍڙي شهر وارا چون پيا،
هيءُ وچڻ جي وهي ڪانه هيس،
سالن جا سال،
پنهنجي وطن لاءِ لڙندي رهي،
شاديءَ جون سڀ آچون موتائي ڇڏيائين،
دشمن هتان لنگهيو،
رستو متجي ويو آهي،
متس گاهه موريو بيٺو آهي،
گهر تباهه ٿي ويا،
اڱڻ گندي پاڻيءَ جا دٻا بڻجي ويا آهن،
پوتن ۾ چمڙا پيا آواز ڪن،
وطن جي پين سرويچن سان گڏ،
سارين جي پنيءَ ۾ ،
اڇن پٿرن جي هيٺان،
تون هميشه لاءِ ستي پئي آهين،
منهنجي ٽوپيءَ ۾ لڳل،
وطن جي سپاهيءَ وارو ستارو،
چمڪي پيو ۽،
مون کي گس ڏيکاري پيو،
اهو گس،

ساٿياڻي!
جنهن تي هلندي،
تون امر ۽ سدا بهار گل،
بڻجي ويئي آهين.

ڪيترا نہ پيڙا ڏيندڙ احساس آهن، هڪ وطن جي سپاهيءَ جا، پنهنجي محبوبا لاءِ، جنهن کي آس هئي تہ منهنجو وطن هڪ ڏينهن آزاد ٿيندو ۽ آءُ اها آزادي پنهنجي اکين سان ڏسنديس. پر سندس محبوبا هن جي ٿوپيءَ ۾ لڳل اهو ستارو نہ ڏسي سگهي، هوءَ پنهنجي وطن جي آزاديءَ جي ويڙهہ ۾ اڳ جان قربان ڪري چڪي هئي. ساڳيون شيون اسان تي بہ لاڳو آهن. اسين بہ دشمن جي گهري ۾ آهيون. اسان جي مٿان بہ ڪيترائي وار ٿي رهيا آهن. هڪ پاسي پاڻي جو مسئلو ڪَرُ کنيون بيٺو آهي. جنهن سان اسان جي جياپي جي ڏور ٻڌل آهي، تہ ٻئي پاسي وسيلن جي ڦر لٽ بہ جاري، تہ مذهبي ۽ فرقيوارانيت، تنگ نظريي جي بہ ٻج کي ڇٽيو پيو وڃي. نورالهديٰ شاهہ وڏيڪ لکي ٿي تہ: "ان کان پوءِ ساڳي نوع ۾ جڏهن ويتنامي نظم پڙهجن ٿا تہ پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي پنهنجا پير محسوس ٿين ٿا. شعوري طور سان انهن نظمن جو انتخاب بہ سنڌي قوم جي ذهني ارتقا لاءِ ڪيل ٿو ڏسجي- ان ۾ بہ مزاحمت ۽ جماليات جو احساس ائين ٿو ملي جيئن سنڌ جي مٽيءَ ۽ شاعريءَ ۾ اڳهين سمايل آهي- اسان جا خواب، اسان جون پيڙائون ، اسان جا آدرش ۽ احساس پنهنجي اندر ۾ ڪيڏي آفاقيت رکن ٿا- ڪيئن اهي باقي دنيا جي مظلوم قومن،انهن جي ويڙهہ انهن جي پيڙا جي سفر ۾ هم سفربڻجي، پنهنجي ڌرتي، ٻولي ۽ قوم جي بچاءُ لاءِ انهن سان ڳنڍيل آهن-اهو احساس اهي ترجما پڙهندي وڌيڪ پختو ٿئي ٿو. " اها آهي ترجمي ڪرڻ جي خصوصيت، ائين پيو محسوس ٿئي تہ پليجي صاحب جي پنهنجي شاعري آهي.

پليجي صاحب پين بہ ڪيترن شاعرن جي شاعريءَ جا ترجما پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪيا آهن. اها شاعري بہ فڪري، فني، مزاحمتي ۽ سونهن جي خيالن کان خالي ناهي. پر مون هتي جن نظمن جو ذڪر ڪيو آهي، اهي ذاتي طور تي مون کي وڌيڪ پُراثر محسوس ٿيا آهن. پليجو صاحب فطرت جي سونهن، پيار ۽ وطن لاءِ وڙهندڙ سورمن کي وڌيڪ ڳايو آهي. سڀ کان وڌيڪ اها ئي سندس طبيعت جي اهم خوبي آهي.

باب پنجون

# نتيجا

- رسول بخش پليجو ٺٽي ضلعي جي شهر جنگشاهي جي ڀرسان ڳوٺ منگر خان پليجي ۾ 21 جنوري 1930ع ۾ پيدا ٿيو.
- رسول بخش پليجو سنڌ مسلم لا ڪاليج ڪراچي مان 1951ع ۾قانون جي ڊگري حاصل ڪئي.
- رسول بخش پليجو جنهن ڪيترن ئي محاذن تي پنهنجي قلم سان گڏجي جنگ جوتي آهي. اهو محاذ سياسي هجي يا ادبي هن پنهنجي پوري سچائي ۽ ايمانداريءَ سان پنهنجي قوم کي انهن خطرن کان بہ آگاهہ ڪيو.
- تنقيد ذريعي اسان پنهنجي سماج جي نفسياتي پهلوئن کان آگاهہ ٿي سگهون ٿا.
- تنقيد جو لاڳاپو انسان جي گهٽ يا وڌ، هن جي اعليٰ سوچ سان سلهاڙيل رهي ٿو.
- رسول بخش پليجو اڻ کٽ خوبين جو مالڪ آهي. هن کي ڪيترن ئي علمن ۽ فنن تي دسترس حاصل آهي.
- رسول بخش پليجو جو ڪردار، پنهنجي سماج ۾ نمايا آهي.
- رسول بخش پليجي نہ صرف سياست ۾ نوان لاڙا متعارف ڪرايا آهن ، پر ادب ۾ بہ هن هميشہ نئين کان نئين ۽ جديد تحرير ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي.
- رسول بخش پليجو، جي ذهن ۾، هميشہ نوان خيال ۽ آئيڊياز جنم وٺندا رهندا آهن.
- سنڌي ادب ۾ ترقي پسند ادب جي پايي وجهندڙن ۾ رسول بخش پليجي جو اهم ڪردار آهي.
- رسول بخش پليجو جو شمار سنڌ جي سياسي جدو جهد جي اهم شخصيتن ۾ ٿئي ٿو.
- رسول بخش پليجي جون، جيڪي بہ فڪري، سياسي، سماجي، ادبي تحريرون آهن. اُهي صدين تائين سنڌ جي روشن خيال طبقي، پورهيت ۽ هاريءَ جي رهنمائي ڪندا رهندا.
- رسول بخش پليجو اوندهہ ۾ روشنيءَ جي لاٽ هو.

- پليجي صاحب صرف ادبي موضوعن تي نہ لکيو، هن سماج جي هر اهنج ۽ ڏکيائيءَ تي قلم آرائي ڪئي آهي.
- رسول بخش پليجي پنهنجي ساٿي فاضل راهو سان گڏجي ون يونٽ جي خلاف متحده محاذ ناهڻ واري عمل ۾ جي ايم سيد جو ڀرپور ساٿ ڏنو.
- رسول بخش پليجو جو تنقيدي ادب ۾ ڪتاب "انڌا اونڌا ويڄ" شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو ۽ ترقي پسند ادب جي واڌ ويجھہ لاءِ سندن ڪيل اهي ڪوششون تا دنيا تائين امر رهنديون.
- سندس تحقيق ۽ تنقيد معياري،اصلاحي ۽ سائنسي بنيادن تي آهي. مطلب تہ سندس شمار سنڌي ادب جي نظرياتي نقادن جي صفِ اول جي اديبن ۾ آهي.
- رسول بخش پليجي جي تحريرن ۾ پورهيت طبقي لاءِ بي انتها پيار موجود آهي ۽ ڦورو طبقي لاءِ هميشہ جي ڌتڪار آهي.
- پليجي صاحب پنهنجي اصلوڪي شاعريءَ ذريعي، پنهنجي ماڻهن ۾ اتساهہ پيدا ڪرڻ لاءِ تمام گهڻيون ڪوششون پڻ ورتيون آهن.

# ڪتابيات (BIBLIOGRAPHY)


1. ابڙو بدر، تنقيد ۽ تنقيد نگاري، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع.ص.30.
2. اعجاز قريشي، پروفيسر. ون يونٽ ۽ سنڌ. ڪراچي: پيڪاڪ پبليڪيشن سنڌ. 2013ع. 337، 338.
3. اعجاز قريشي، پروفيسر. ون يونٽ ۽ سنڌ. ڪراچي: پيڪاڪ پبليڪيشن سنڌ. 2013ع. 338.
4. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر. سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي، سنڌ پاڪستان. 2006ع. 366.
5. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر. سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي، سنڌ پاڪستان. 2006ع. 366.
6. ايضاً ص.501.
7. بدر اُجن ڊاڪٽر، سنڌي ادب ۾ تنقيد نگاري، سنڌي ريڊرس فورم حيدرآباد، 1999ع.ص.501.
8. ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر، تنقيدون،انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، سال 1980ع. ص.31.
9. پٽي رشيد، مقالو، رجعت پرستيءَ کي جواب، ڪتاب، رسول بخش پليجو، فرد، اديب، مفڪر، سياستدان، مرتب، طارق اقبال، عوامي ڪتاب گھر گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ، 1991ع.ص.14.
10. پرديسي، انور، ڊاڪٽر. تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ موجود، فڪري لاڙن جو اڀياس. (اڻ ڇپيل ٿيسز) شاهه عبد اللطيف يونيورسٽي خيرپور. 2022ع. 256.
11. پليجو رسول بخش، انڌا اونڌا ويچ، سنڌي ساهت گھر حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، سال 1996ع.ص.2.
12. پليجو، رسول بخش. سنڌي ذات هنجن. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. 2016ع. ص. 26-27.
13. پليجو، رسول بخش. سنڌي ذات هنجن. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. 2016ع.35-36.
14. ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، مضمون. ”سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مختصر تاريخ“ س ا س، سنڌ گولڊن جوبلي سووينيئر. سال 2007ع. ص. 10.
15. سهيڙيندڙ، چانڊيو جامي، رسول بخش پليجي جون مڪمل تحريرون، سياسي ادب، 3 سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، سال 2007ع. ص. 13،14.
16. سهيڙيندڙ، چانڊيو جامي، رسول بخش پليجي جون مڪمل تحريرون، سياسي ادب، 3 سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، سال 2007ع. ص. 17
17. طارق اقبال. مرتب.”رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گھر گاڏي کاتو.1991ع. ص.12-13.
18. طارق اقبال. مرتب.”رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گھر گاڏي کاتو.1991ع. ص.53.

19. طارق اقبال. مرتب."رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو.1991ع. ص. 54.

20. طارق اقبال. مرتب."رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو.1991ع. ص. 20.

21. طارق اقبال. مرتب."رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو.1991ع. ص.15_14.

22. طارق اقبال. مرتب."رسول بخش پليجو، (فرد، اديب، مفڪر سياستدان). حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو.1991ع. ص.64-65.

23. طارق، اشرف. پنهنجي پاران. *ماهوارسهڻي. فيبروري، مارچ*. حيدرآباد: ايف/45-750. الهندو ڪچو. سنڌ. 1970ع. 1

24. غلام اڪبر لغاري، پبلشر نوٽ. سنڌيڪار. ڊاڪٽر شير مهراڻي. پوئٽڪس.سنڌ: ثقافت کاتو .2017ع.

25. محمد ابراهيم "خليل" ڊاڪٽر، ادب ۽ تنقيد، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، ڇاپو پهريون، سال 2001ع. ص.79.

26. ملاح مختيار احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو(قديم دؤر کان اڄ تائين)ڪاٺياواڙ اسٽورز اردو بازار ڪراچي، ڇاپو پهريون، سال 2014ع.ص.573.

27. مهاڳ، ابن حيات پنهور. "انڌا اونڌا ويڄ" ڇاپو ٽيون. حيدرآباد. سنڌي ساهت گهر. 1996ع.

28. مهاڳ، پنهور ابن حيات ، انڌا اونڌا ويڄ، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، سال 1996ع.ص.1.

29. مهاڳ، جويو، ابراهيم. "سنڌي ذات هنجن". ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن 2016ع. ص. 18.

**ABSTRACT**

The present research study is of its unique type of work on legend Mr. Rasool Bux Palijo; known as the man of wisdom in the history of Sindh, whose role is not only famous due to his mega-efforts in the political awareness of Sindh but also as a reviver in Sindhi literature who wrote various books in Sindhi language and promoted it during the most toughest times of Sindh when post-partition incidents were routine in urban Sindh. During that period, he collected students and scholars of political and literary figures to get them united for the betterment of Sindh and its language and literature.

Mr. Rasool Bux Palijo was born in village Mungar Khan Palijo nearby small town of Jungshahi in Taluka and District Thatta, Sindh Pakistan. He was educated by religious teachers in a religious school in his village. Later he moved to Sindh Madarsat-ul-Islam, the famous school of Sindh, from where he completed Matriculation and Intermediate in 1951 AD to move forward for the education in the field of Law. He completed LLB from Sindh Muslim Law College Karachi in 1951 AD. Besides this, he started to write various quality papers and books in Sindhi language which brought positive changes in the literature and society.

During the current study on him, literature was reviewed thoroughly from various primary as well as secondary sources like as; monthly magazines, periodicals, research papers, theses and articles and the love of Rasool Bux Palijo with literature, study, his scholarly works as a writer and thoughtful innovative nurture were some of the factors which were evidently seen. It was found that his topics of interest were political wisdom, history and letters, resistance against demerits and literature, while as few of the prominent Sindhi literature critic personalities who critically analyzed his work are Professor Lutufullah Badvi, Pir Hassamdin Shah Rashdi, GM Syed and Shaikh Ayaz. The literary works of Rasool Bux Palijo have a great impact on literature in terms of criticism in which he wrote "*Andha Ondha Waij*"-a defending book against the Fatwas imposed by religious extremists on Shaikh Ayaz. He probed the Sindhi young generation to make them aware about modernism and its drawbacks by writing "*Sandi Zaat Hanjann*".

Rasool Bux Palijo was also a fluent orator of Shah Abdul Latif Bhittai on whom he wrote multiple books and spoke various literary talks on the life and poetic compendium of Shah Abdul Latif. He used to narrate Shah’s poems as exemplary ideas and provided an everlasting knowledge to the Sindhi people about Shah Abdul Latif. His accent of writing and speaking the poetic lines of Shah Abdul Latif were so simple, pure, fluent, clear and impressive.

Translation is an important work in any language and it enriches the beauty of language by translating various books from one language to other. Rasool Bux Palijo provided various translator works to Sindhi language and builds the basis of translation literature by translating Rossoue, Talista, shakespare and many of the other western world notable writers and thinkers. He distinguishes Shah Abdul Latif from the various other poets in his book “*Tehen Ma’nik Meriya”*.

Rasool Bux Palijo was a great social activist who always supported girls’ education. He nurtured many of the ladies with poetic dialogues, resistance against evils and advocated women rights across the country.

During the present research, various data-collection meetings with the family, friends and followers of Rasool Bux Palijo were conducted and it was known from them that they love him as a leader, mentor, teacher, philosopher and he has been a great source of inspiration for them. Main research findings of this research shall open further field research gates for the upcoming researchers in the various related fields to work on the biography of Rasool Bux Palijo from different aspects.

# UNIVERSITY OF SINDH

**M. Phil THESIS**

# THE STUDY OF THE CRITICAL SERVICES OF RASOOL BUX PALEJO

Thesis submitted towards the partial fulfillment of the requirement of the University of Sindh, for the award of Master of Philosophy degree in SINDHI


## RUKHSANA PALEJO

## DEPARTMENT OF SINDHI
**University of Sindh**
**Jamshoro, Sindh, Pakistan**

**2022**